
ميرو ڏاڙيل
ناول
طارق اشرف

# ميرو ڏاڙيل

(ناول)

طارق اشرف

سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد

2016ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ميرو ڏاڙيل“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ناول ناماياري ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ **طارق اشرف** جو لکيل آهي. ناول بابت طارق اشرف لکي ٿو:

”جيڪڏهن مان اهو چوان ته ميرو ڏاڙيل سنڌيءَ ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪتاب آهي، ته شايد انهيءَ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو چاڪاڻ ته سنڌيءَ ۾ ڪنهن به جيئري ڏاڙيل تي ناول لکيو نه ويو آهي. (گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نظر مان نه گذريو) ٻي ڳالهه اها ته اهو ناول هڪ سچي حقيقت آهي، ٽئين ڳالهه اها ته اهو ناول ميري جي زندگيءَ ۾ ئي ڇپيو آهي. (مِيري سان منهنجي ملاقات جيل ۾ ٿي هئي، جڏهن مان ڊي.پي.آر تحت گرفتار ٿيو هوس!)

پير حسام الدين راشدي لکي ٿو ”ميرو ڏاڙيل پڙهي ڇڏيو. طارق اشرف جو پهريون ڪتاب پڙهيو اٿم. ختم ڪرڻ بعد ارمان ٿيو ته اسان جا رهبر جيڪڏهن ميرو ڏاڙيل جي ڪردار ۽ اصولن جا هجن ها ته هن حال تي اسان نه پهچون ها. اصول، ڪردار، وفا، پناهه ۽ ساجاهه جا مثالي نمونا هن ڪتاب ۾ موجود آهن.“

هي ڪتاب سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست عبدالحڪيم راڄڙ جا جنهن ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪري ڏنو.

اوهان جو پنهنجو

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ارپنا

**پنهنجي پٽ**
**دانيال شاهه**
**جي نالي**

# ٻه اکر

مرحوم طارق اشرف، سنڌي زبان جو اهو نامور ليکڪ هو، جنهن پنهنجي سڄي زندگي، سنڌي ادب کي ارپي ۽ زندگيءَ جي آخري هڏڪيءَ تائين، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهن جي حقن لاءِ وڙهندو رهيو. هن جو رسالو سهڻي لاڳيتو سنڌين سان ٿيندڙ ظلمن خلاف لڳاتار آواز بڻيو رهيو ۽ ان ڪري طارق اشرف، پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪافي ڏک ۽ ڏوجهرا ڏٺا، عتاب هيٺ رهيو، جيلن ۾ ويو. ٻاهر نڪتو ته وري ٻه هو ٽڪو يا هيٺو نه ٿيو پر پنهنجي ڳالهه تي اٽل رهيو. افسوس هي آهي ته اهو طارق اشرف، جنهن سنڌي جي ڪيترن ئي قلمڪارن لاءِ ادبي محاذ تيار ڪيو ۽ پاڻ تڪليفون سهندي به ان محاذ تان وڙهندو رهيو، اهو طارق اشرف اڄ ڪنهن کي به ياد ڪونهي. هو اسان جو دوست هو، ان جا سهڻي ۾ ڇپيل يادگار انٽرويو، سنڌي ساهت گهر پنهنجي ابتدائي ڏهاڙن ۾ طارق جي زندگي ۾ انٽرويو نالي سان ڪتاب ڇاپيو هو. ان جا ٻيهر ڇاپڻ جو ارادو ڪيو آهي، جيئن اسان جو هاڻوڪو نسل، طارق اشرف کي پڙهي سگهي ۽ ان جي ادا ڪيل ڪردار کان واقفيت حاصل ڪري سگهي.

**نازسنائي**

0300 3946518

**حيدرآباد سنڌ** 8 **آگسٽ** 2016

# ترتيب

- پنهنجي طرفان

# ناول جا باب


- بدمعاشي جو سبب
- ڪاروڪاري
- شروعات
- ڪوسن سان جهڙو
- عجيب ڇوڪري
- ڪوڙو الزام
- علحدگي
- موت
- پوليس جي پاڃ
- احمد خان ڏيپر جو ڏاڙو
- جيل ۾ جهيڙو
- جيل بدلي
- پٽي صاحب جي ڪمدار سان جهيڙو
- ٻانهن تان جهيڙو
- جرڳي جو فيصلو
- موڪلاڻي

# ميرو ڏاڙيل پڙهي ڇڏيو

ميرو ڏاڙيل پڙهي ڇڏيو. طارق اشرف جو پهريون ڪتاب پڙهيو اٿم. ختم ڪرڻ بعد ارمان ٿيو تہ اسان جا رهبر جيڪڏهن ميرو ڏاڙيل جي ڪردار ۽ اصولن جا هجن ها تہ هن حال تي اسان نہ پهچون ها.

اصول، ڪردار، وفا، پناهہ ۽ ساجاهہ جا مثالي نمونا هن ڪتاب ۾ موجود آهن. طارق اشرف وڏي خدمت ڪئي آهي اهو ڪتاب ڇپي.

آءُ سنڌي لکندڙ مان نااميد نہ آهيان، ذهني ڦيرو جنهن جا اسين متلاشي ۽ آرزومند هياسين، سو اچي ويو آهي، اهو زندهہ رهڻ جو نشان آهي.

**حسام الدين راشدي**

1981-4-2ع

# پنهنجي طرفان

جيڪڏهن مان اهو چوان ته ميرو ڏاڙيل سنڌيءَ ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪتاب آهي، ته شايد انهيءَ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته سنڌيءَ ۾ ڪنهن به جيئري ڏاڙيل تي ناول لکيو نه ويو آهي. (گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نظر مان نه گذريو) ٻي ڳالهه اها ته اهو ناول هڪ سچي حقيقت آهي، ٽئين ڳالهه اها ته اهو ناول ميري جي زندگيءَ ۾ ئي ڇپيو آهي. (مِيري سان منهنجي ملاقات جيل ۾ ٿي هئي، جڏهن مان ڊي.پي.آر تحت گرفتار ٿيو هوس!)

اهو ناول هڪ آتم ڪهاڻي آهي، جيڪا ٻڌائي ميري ۽ لکي مون آهي. اڳ ۾ مختصر طور سندس ڪهاڻي تخليق پبلڪيشن جي ڇئن ڪتابن ۾ڏني هئي. پر اها مختصر هئي. ائين ڪٽي چوان ته ميري جي زندگيءَ تي جيڪو ناول پوءِ لکيو، انهيءَ جو ٽريلر هو خوش قسمتيءَ سان اهو ٽريلر پڙهندڙن تمام گهڻو پسند ڪيو ۽ پوءِ مون ميري جي سچي زندگيءَ تي لکڻ جو سوچيو.

مون ميري کان سندس زندگيءَ جي پوري ڪهاڻي اڳ ۾ ٻڌي، پوءِ سچي ڪهاڻي ميري جي زباني ٽيپ ڪيم. جيڪا اٽڪل ساڍن پنجن ڪلاڪن جي هئي.

هن ناول کي لکڻ ۾ مونکي پوڻا چار سال لڳي ويا. ميري پنهنجي زندگيءَ ۾ ننڍي ۾ ننڍيو واقعو به مونکي پنهنجي زبان ۾ ٽيپ ڪرائي ڇڏيو هو، ميري کي ٻڌائڻ ۾ ته ڪا تڪليف نه ٿي، پر مونکي لکڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي ۽ سخت محنت ڪرڻي پئي. ڇو ته ميري ڪيترين ئي ڳالهين هڪ کان وڌيڪ دفعي ٻڌايون ڪٽي ڳالهه وسري ٿي ويس ۽ ڪڏهن اڳيان هلندي اوچتو پوئين وسريل ڳالهه ياد ٿي پئي ته اتي ئي وچ ۾ ٿي ٻڌايائين. منهنجي لاءِ پهريون ڏکيو مسئلو ته ٽيپ تان اتارڻ هو ٽيپ رڪارڊر کي گهڙي ريوائينڊ ۽ فارورڊ فاسٽ ڪري ٽيپ جا ٻٽڻ ئي ڊرا ٿي ويا.

منهنجي جاکوڙ کانپوءِ ميري جي زباني ٻڌايل ڪهاڻي ٽيپ تان پنن تي لاٿم انهيءَ کانپوءِ سچي ڪهاڻي کي پڙهيم. ميري جيئن ته Eytempore ڪهاڻي ٻڌائي هئي. تنهنڪري ڪهاڻيءَ ۾ ربط ڪونه هو، تنهنڪري ٽيپ تان اتاريل ڪهاڻيءَ کي مون وري لکيو ته جيئن سيئي ڪڙيون ڪڙين سان ملي بيهن جڏهن محسوس ڪيم ته هاڻي ڪهاڻيءَ ۾ تسلسل آهي ته پوءِ وري سچي ڪهاڻيءَ کي فيئر ڪيم ۽ پڙهندڙن جي سهولت خاطر مختلف بابن ۾ ورهايم. ڪي باب ٿي ٿي، چار چار پيرا لکڻا پيا، ڇاڪاڻ ته مان مطمئن نه پي ٿيس.

اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان ته سڄي ڪهاڻي اهائي آهي، جيڪا ميري مونکي ٻڌائي آهي ۽ مون ڪوشش ڪري زبان ۾ لهجو به اهوئي رکيو آهي، جيڪو ميري ڪهاڻي ٻڌائڻ وقت ڪم آندو. البت تسلسل قائم رکڻ لاءِ، ڪٿي ڪٿي مون ڪهاڻيءَ ڪي گهٽايو يا وڌايو آهي.

ميري ڪي نڪو مان سنڌ جو جوڌو سپوت ٿو مڃان، نه ئي سندس ڪمن ڪي ساراهيان ٿو يا پنيرائي ڪريان ٿو. ميري جي ڪهاڻي مونکي دلچسپ محسوس ٿي ۽ سمجهيم ته پڙهندڙ به دلچسپي محسوس ڪندا تنهنڪري لکيم.

پر هڪ ڳالهه ضروري آهي ته ميرو ۽ ميري جهڙا ٻيا ڏاڙيل (اڪثر) پاڻ مرادو ڏاڙيل نه ٿيا آهن حالتون ڪين انهيءَ رستي ڏانهن وٺيو وڃن جيڪڏهن ميري ڪي بنا ڏوهه جي پوليس گرفتار نه ڪري ها. ميري جي پاڇائي غلط ڪم نه ڪري ها يا هڪ ڪمدار ڪيس ڪوڙ ۾ نه ڦاسائي ها، ته شايد ميرو ڏاڙيل جي بدران فقط هڪڙو محنتي هاري هجي ها.

ميري جي ڪهاڻي ايئن آهي، جيئن ڪنهن به ڏاڙيل جي هوندي آهي. مونکي جنهن ڳالهه متاثر ڪيو اها هئي ميري جي سچائي ۽ جيل ۾ بهادري. ميري اها ثابت ڪيو آهي ته ڪمزور نه ٿيڻ گهرجي. بهادريءَ سان هر ڏاڍ ڪي جهڪائي سگهجي ٿو.

مون جيل ۾ وڏن وڏن ليڊرن ڪي به پاڙيو ٿيندي ڏٺو آهي. جن ڪي اي ڪلاس ايئرڪنڊيشنڊ ۽ هر سهولت مليل هئي پر سي ڪلاس ۾ ڪرمنل قيدي، ايڏي بهادري ۽ شانَ مانَ سان رهي ..... اهڙي بهادري گهٽ ماڻهن ۾ هوندي.

**طارق اشرف** -

# بدمعاشيءَ جو سبب

سيپٽمبر 1975ع جي ڳالهه آهي، مونکي ڊفينس آف پاڪستان رولز (DPR) تحت ڪراچيءَ مان گرفتار ڪري حيدرآباد سينٽرل جيل اماڻيو ويو هو. اهو جيل منهنجي لاءِ نئون ڪونه هو. 74ع ۾ ساڳي آرڊيننس تحت انهيءَ جيل ۾ رهي ويو هوس. پوئين دفعي اپريل 74ع ۾ گرفتار ٿيو هوس ۽ هاڻ سيپٽمبر 75ع ۾ اهو عرصو وڏو ڪونه هو، تنهن ڪري جيل اسٽاف به گهڻي ڀاڱي ساڳيو هو ساڳيو سپرنٽينڊنٽ نور الاهي شيخ، ميڊيڪل آفيسر نور محمد ميمڻ، ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ محبوب ۽ جيلر راجا وغيره ڪجهه اسٽاف بدلي به ٿي ويو هو.

گذريل دفعي مون سان گڏ شاهنواز شاهه، ڪنهيو لال، سردار علي شاهه، يوسف جکراڻي ۽ اسرار سرڪي وغيره هئا. انهن مان ڪي منهنجي هوندي ۽ ڪي مونکان پوءِ آزاد ٿي چڪا هئا. پر هن دفعي نه فقط ساٿي ٻيا هئا پر اڳيون بي ڪلاس به ڪونه هو انهيءَ بي ڪلاس ۾ سردار خير بخش مري ۽ مير غوث بخش بزنجو رهيل هئا. تنهن ڪري مونکي اسپيشل وارڊ ۾ رکيائون. اهو وارڊ اڳ ۾ ليڊي وارڊ هو. هاڻ هن ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ ايل ايم سي جا ڪجهه شاگرد حڪيم ٻبر، لعل بخس نائچ، راجا رحيم ڪهاوڙ، سريش ۽ ٻيا رهيل هئا. مونکي وارڊ جي انهيءَ حصي ۾ رهايائون جنهن ۾ ڪنهن وقت پير پاڳاري (پير صبغت الله) کي انگريزن قيد ڪري رکيو هو.

مان اتي اڪيلو رهندو هوس. منهنجو وقت يا ته ڪتاب پڙهڻ ۾ گذرندو هو، يا سمجهڻ ۽ برداشتين (برداشتي: جيل ۾ اي ڪلاس ۽ بي ڪلاس جي قيدين کي سي ڪلاس جا قيدي ڪم لاءِ ڏيندا آهن) سان حال احوال ونڊ ۾.

مان صبح ۽ شام جو، پنهنجي ڪوليءَ اڳيان ورانڊي ۾، ڪرسي رکي ويهندو هوس برداشتي به واندا ٿي اچي مون وٽ ويهندا هئا. مان هڪڙي قيديءَ کي ڏسندو هوس جيڪو اڪثر ڀتي (جيل جي ماني) ملڻ ڪانپوءِ ٻوڙ کي تڙڪو لڳائڻ لاءِ اسان جي بورچي خاني ۾ ايندو هو. پنجونجاهه، ڇاونجاهه جي پيٽي ۾ هو. جسم ڳرو، قد جو ڪجهه ننڍو، ڏاڙهي ۽ مڇن جي وارن کي ميندي لڳل، پر اڪثر اڌ وار اڇا ۽ اڌ ميندي هاڻا ڳاڙها هوندا هئا. اکيون سدائين ڳاڙهيون، اهڙيون جهڙو رت ٿو ٽمي. سندس اکين ۾ اهڙي دهشت هوندي هئي جو مان ڪڏهن به ساڻس نظرون نه ملائي سگهندو هوس.

ڪڏهن ڪڏهن عجيب حليئي ۾ بہ ايندو هو. خالي سٽڻ پيل، باقي جسم اگهاڙو، مٿي ۽ ڏاڙهيءَ تي ميندي مکيل، ڏاڙهي ۽ مٿي تي ڪيلي جا پن ٻڌل، اهڙو حليو ڏسي جيڪر کِل اچي، پر سندس اکين ۾ اهڙي دهشت هوندي هئي جو ساڻس اکيون ملائي ڳالهائڻ مشڪل لڳندو هو.

هن جو نالو ميرو لانگهو هو.

ميرو لانگهو مون واري وارڊ جي پويان، ڏکڻ وار پاسي، هڪ ڪوليءَ ۾ رهندو هو. جيل وارن جي اصطلاح ۾ ميرو ڊاندرس (Dangerous) هو، چاڪاڻ تہ ميرو خطرناڪ ڏاڙيل هو. مون ۾ شروع کان ئي اها عادت آهي تہ نئين ماڻهوءَ سان ملندي بي تڪلف نہ ٿيندو آهيان. سو ميري سان بہ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ڪجهہ بي تڪلف ٿيس سو بہ اهڙيءَ طرح جو اڳ ۾ فقط سلام ٿيندو هو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ خير عافيت، پوءِ خبرو چارون ۽ تنهن ڪانپوءِ ڳالهہ حال احوال ڏيڻ وٺڻ تي پهتي ۽ انهيءَ منزل تي پهچڻ ۾ بہ بہ مهينا لڳي ويا.

۽ پوءِ ميري سان منهنجيون طويل ڪچهريون ٿيڻ لڳيون، ميري جي ڪهاڻي ڪنهن دلچسپ ۽ مار ڌاڙ سان لبريز ناول يا پنجابي فلم کان گهٽ ڪونہ هئي ۽ خود ميرو بہ ڪنهن دلير هيرو کان گهٽ ڪونہ هو. اها دليري هن فقط جيل کان ٻاهر نہ ڏيکاري هئي. بلڪہ جيل ۾ بہ چڱا ڪارناما سرانجام ڏنا هئا. تنهن ڪري ئي ڊاندرس جو لقب مليو هوس ۽ سي ڪلاس جو پڪو قيدي هجڻ جي باوجود بہ ڪانئس ڪو ڪم نہ وٺندا هئا. ڪيس الڳ ٿلڳ ڪولي مليل هئي ۽ روز سي ڪلاس جا ڪچا قيدي سندس ڪولي صاف ڪري ويندا هئا. ڪيس ڊبل پيتو (ماني) ملندو هو. يعني ٻين کي هڪ وقت تي بہ مانيون ۽ هن کي چار، انهيءَ کان علاوه سي ڪلاس جي عام قيدين وانگر هن کي وڏي بورچي (جتي سيني جي ڪلاس جي قيدين جي ماني رڌبي آهي) جي بدران جيل جي اسپتال جي بورچيخاني مان بہ ٻوڙ ملندو هو، جيڪو ناغي جي ڏينهن مڇي ۽ باقي ڏينهن ۾ گوشت هوند هو، ٻيا قيدي چوندا هئا تہ: ”ميري جي خوراڪ تمام گهٽي آهي.“ پر ميرو چوندو هو ”مان وڌيڪ پيتو ڪچي قيدين لاءِ وٺندو آهيان. چاڪاڻ تہ انهن کي ماني گهٽ ٿي ملي ۽ ڪم گهڻو ٿا ڪن، جيڪي ڪچا قيدي مون وٽ ڪم لاءِ ايندا آهن، انهن کي ماني ڏيندو آهيان.“

هڪ ڏينهن روز وانگر وراندي ۾ ويٺي ڪتاب پڙهيم تہ ميرو آيو. نياز منجهان هٿ جوڙ ڪري اچي پرسان پٽ تي ويهي رهيو مون ڪتاب بند ڪيو تہ پڇيائين سائين، منهنجي ڪري حرج تہ ڪونہ ٿيو؟

مرڪي چيومانس، ”ڪوبہ هرج نہ ٿيو، هتي سڄو ڏينهن پڙهڻ ۽ سمهڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪم ئي ڪهڙو آهي.“ ٿوري دير خاموشي رهي، پوءِ پڇيومانس، ”ڪڏهن تا آزاد ٿيو؟“ جواب ڏنائين ”سائين سيلاب واري معافي اچي تہ اڄ ئي ڇٽي ويندس.“

ميري ڪان پڇيم، اوهان کي سزا گهڻي لڳي آهي؟ چيائين ارڙهن سال.

ارڙهن سال مون حيرت منجهان چيو، وڏي سزا آهي ”ٻڌائين، 1963ع جي ٻئي مهيني جي ارڙهين تاريخ تي جهليو هوس، چار سال ڪچو هوس (ڪيس هلي رهيو هو) 1967ع سزا لڳي تام. معافي ملائڻ سان وقت اچي پورو ٿيو آهي. اڌ سزا معاف ٿيو وڃي. سيلاب واري معافي حڪومت کان منظور ٿي اچي تہ اوهان جي دعا سان ڇٽي ويندس.“

هر قيديءَ وانگر ميري کي بہ پنهنجي جهلجڻ، ڪچي رهڻ، سزا لڳڻ ۽ سيلاب تي وڃڻ جي هر هڪ تاريخ، ڏينهن ۽ سال ياد بيٺو هو.

مون ميري کان پڇيو، ”اوهين ڪيترا ڀيرا جيل آيا آهيو“؟ ”ٻڌائين، سائين ڪئين دفعہ آيو آن پر وڏي سزا ۾ پهريو ڀيرو تيرهن سال جيل ۾ رهيس. هڪ دفعو نون مهينن جي سزا لڳي. پر شيشن مان جلد ضامن تي ويو ۽ هن دفعي چوڏهن سال گذاريا اٿم پهريون ۽ پويون دفعو جرڳي سزا ڏني.“

پڇيم ”ٻاهر نڪري وري ساڳيا ڌڌا ڪندا؟“

ڪجهہ دير سوچي ”چيائين، سائين هاڻ پوڙهو ٿي ويو آهيان سو شايد هاڻ نہ ڪريان.“

چيومانس، ”ميرا هاڻ ڌڌا ڇڏيو، اوهان پنهنجي زندگيءَ جو بهترين حصو تہ جيل ۾ گذاري ڇڏيو آهي. باقي جيڪا زندگي بچي اٿوَ. انهيءَ کي تہ سجايو ڪريو.“

ميري مرڪي ڏنو، ڪجهہ دير هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿيون. پوءِ مون ڪانئس پڇيو تہ ميرو ٻڌائڻ لڳو: ”سائين، منهنجو اصلي نالو مير محمد آ، پر عام طرح مونکي سڏيندا ميري جي نالي سان آهن. پيءُ جو نالو مصري خان آ، اصل ڳوٺ، جتي مان ڄائو ۽ نپنو آهيان. اهو آ زور ڳڙهہ، ڳڙهي خيرو تعلقو ۽ ضلعو جيڪماباد (جيڪب آباد) آ. اسانجا وڏا اصل اتي جا ئي آهن ۽ انهن جا وڏا بلوچستان کان آيا هئا. اسان جي وڏن جو ڪم پوک ڪرڻ هيو. پنهنجي زمين ڪونہ هئي. ٻُٽن جي زمين پوکيندا هئاسين. ذولفقار علي ٻٽي ۽ نبي بخش ٻٽي وارن جون گڏيل زمينون آهن زور گهڙ ڳوٺ آ واحد بخس ٻُٽي ۽ دودو خان ٻُٽي جو، واحد بخش ٻٽو ممتاز ٻٽي جو چاچو هيو.“

”مان ڪهڙي سال ۾ ڄائو آن، انهيءَ جو پتو نہ اٿم، پر اهو يادگيرو اٿم تہ جڏهن سکر واري ٻئرج نهي هئي، تڏهن مان ڏهن سالن جو هوس، اهو بہ ياد گيرو اٿم تہ تڏهن منهنجو طهر ٿيو هو، ۽ بابا مونکي جيڪماباد (جيڪب آباد) وني هليو هيو، بوٽ وني ڏيڻ.“

”اسين ٽي ڀائر آهيون، ٽئي جيئرا آهيون وچون مان آهيان، وڏي جو نالو پيرل آ ۽ غلام حيدر ننڍو آ، چار ڀينرون هيون. انهن مان ٽي فوت ٿي ويون. هڪ جيئري آ، مان پڙهيس ڪونه، قرآن شريف ٻه اتي جنت (جبل) ۾ پڙهيو آن. وڏو ٿيس ته مان ٻه پوک جو ڪم سنڀاليو.“

مون ميري کان پڇيو ته ”ميرا اوهان جي ڏوهن جي شروعات ڪٿان کان ۽ ڪيئن ٿي“؟

ميري مرڪي چيو، ”سائين شروعات ته اتان ٿي، جڏهن مون ڪو ڏوهه ڪيو ئي ڪونه هو، اوهان کي ٻڌايو اٿم ته مان پوکيرائي ڪندو هوس تعلقي ڳڙهي خيرو، ضلعي جيڪاباد ۾ اتي جي دوداپور ٽاڻي جو جمعدار غلام محمد هڪ دفعي گهوڙيءَ تي چڙهي اسان جي ڳوٺ آيو، اهو ڳوٺ ڀٽن جو هو. ذولفقار علي ڀٽي جن جو، جمعدار ماکي چيو توکي صوبيدار صاحب گهرايو آ، ڪو ڪم اٿس، تون هل“. مان پنهنجي گهوڙي سنجائي، غلام محمد جمعدار سان رلجي، دودا پور ٽاڻي ويس، صوبيدار مان سان هٿ ملايو ۽ چيائين ”مان توکي سنڌ فرنٽيئر ۾ چالان ڪريان ٿو“. منهنجا تاڪ لڳي ويا. ڪجهه دير ته حواس ئي جاءِ نه رهيا پر پوءِ حوصلو جهلي چيم، ”جيئن ته منهنجو رڪاٽ (رڪارڊ) صاف آ، مان نه اڄ ڏينهن تائين چوري ڪئي آ، نه ڪا ٻي بدمعاشي ڪئي اٿم، مان بيگناهه آهيان، تون چو ٿو ماکي ذليل ڪرين“. پر صوبيدار منهنجي نه ٻڌي. ماکي لاڪپ ۾ وجهي ڇڏيائين.

اٺ ڏينهن لاڪپ ۾ رکي، پوءِ جيڪاباد جي ڪليڪٽر وٽ منهنجو ڪيس پيش ڪيائين. اهو ڪليڪٽر پناڻ هو. مون ڪليڪٽر کي چيو: ”سئين منهنجو رڪاٽ گهرائي ڏس. مان هڪڙو غريب هاري آهيان. سر شاهنواز ڀٽي (جناب ذولفقار علي ڀٽي جو والد) جو ماڻهو آ تون مون سان ظلم نه ڪر.“

”پر هن منهنجي ٻڌي ڪونه، ۽ ٽي سال سنڌ فرنٽيئر جي سزا ڏئي ڇڏي ۽ ماکي سکر سينٽر جيل اماڻي ڇڏيائون.“

(اهو انگريزن جو دور هو) پوءِ منهنجو پيءُ ۽ ماءُ ڪراچي، وجي سر شاهنواز ڀٽي سان مليا. ذولفقار علي ڀٽو انهن ڏينهن ۾ ننڍو هيو. سر شاهنواز هڪڙو ليٽر لکي منهنجي پيءُ کي ڏنو ته اهو وڃي جيڪاباد جي ڪليڪٽر کي ڏي. اهو ميري جو ضامن ڪٽندو.

بابي جڏهن اهو ليٽر ڪليڪٽر کي ڏنو. ته ڪليڪٽر ڪاوڙ منجهان اهو ليٽر ڦاڙي ڪٽي اڇليو، چيائين: ”مان ضامن نه ڪٽدم“. منهنجو پيءُ ۽ ماءُ وري ڪراچي شاهنواز خان ڀٽي وٽ ويا. اتي ذولفقار علي ڀٽو ٻه هيو. اهو پنهنجي پيءُ سان تکو پئجي ويو ته: ”اسان جي هاري، جنهن ڪڏهن ٻه ڏوهه نه ڪيو آ، ڪليڪٽر چو انهيءَ جو ضامن نٿو ڪٽي. بابا ماکي ڇڏيو ته مان ڪليڪٽر سان ڳالهايان.“ پر سندس والد ڪيس جهليو ۽ چيائين ته مان وري ٿو ڪيس ليٽر لکان. هاڻ ضرور اسان جي هاريءَ جو ضامن ڪٽندو. ڪليڪٽر اهو ليٽر ٻه

اجلي ڇڏيو، پر بابا کي چيائين: ”وجي ضامن وٺي آ، تو تہ باهہ ٻاري ڏني آ. بابا پوءِ ضامن وٺي آيو. ڪليڪٽر ضامن ڪنيو ۽ ليٽر ڪڍيائين ڏهن پندرهن ڏينهن کانپوءِ اهو ليٽر جيل تي پهتو ۽ ماکي آزاد ڪيائون.“

”سائين، مان هرورپرو سزا ڪاٽي، منهنجو ڪوبہ ڏوهہ ڪونہ هيو، مان بہ انسان آهيان، انهيءَ واقعي منهنجو دماغ خراب ڪري ڇڏيو. ماکي حقيقت ۾ حڪومت پاڻ بدمعاش ڪيو. مان آزاد ٿيس تہ انهيءَ جمعدار غلام محمد کي اچي ڊپ لڳو تہ متان هيءَ مان سان وڙهي. سو انهيءَ ضلعي مان بدلي ڪرائي ويو. وري سندس پتو ئي نہ پيو. مانکي مٿس ڪاوڙ بہ ڏاڍي هئي. پر هن جو پتو ئي نہ پيو، تہ ويو ڪاڏي.“

# ڪاروڪاري

”سائين جن کي ٻڌايم اٿم تہ اصل زور ڳڙهہ جا آهيون، پر پوءِ پنهنجي قوم سان پوک تي ناراضگي تي پئي، تنهن ڪري سڄو گهر، مامو، سندس اولاد، سؤٽ سيئي زور ڳڙهہ مان لڏي وڃي رُجهان جمالي ۾ رهياسين، جيڪو جهٽ پٽ تعلقي ۾، ۽ ضلعي نصير آباد ۾ آ، اهو ڳوٺ جعفر خان جماليءَ جو هيو، جڏهن رُجهان ۾ لڏي وڃي رهيا هئاسين، تنهن وقت منهنجي عمر پنجويهہ ڇويهہ سال هئي“.
ميرو ڪجهہ دير لاءِ ماٺ ٿي ويو ۽ پوءِ مٿي تان اڇي ڪپڙي جي ٽوپلي لاهي، مٿي تي هٿي ڦيريائين، ۽ وري پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳو:
”وڏي ڀاءُ پيرل ۽ منهنجي شادي زور ڳڙهہ ۾ پنهنجي ئي قوم مان ٿيل هئي. پر پيرل جي زال شاديءَ جي ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ گذاري وئي، تنهن ڪري پيرل جي ٻي شادي رجهان ۾ ڪرائي سي. اها مائي اسان ٽڪن تي ورتي هئي. سوني ڪنيز جي ڏيءَ هئي. ست سؤ رپيا ڏنا هئا سي، انهن ڏينهن ۾ ست سؤ رپيا سائين وڏي ڳالهہ هئي.“
”ڪجهہ وقت ڪانپوءِ اها مائي يعني منهنجي ڀاءُ جي زال، ٻئي مڙد سان ڪري پئي، هڪ رات زائفان منهنجي ڀاءُ سان ستل هئي. آڌيءَ رات جو هوءَ چپڙي ڪري اٿي ۽ جهنگ ڏانهن وڃڻ لڳي، منهنجي ڀاءُ کي شڪ پيو تہ هيءَ هيڏيءَ مهل ڪاڏي ٿي وڃي. هيءُ بہ پوئتون ويس، ڪافي اڳيان ويو تہ هن کي ٻہ ماڻهو ستل نظر آيا. هڪ زائفان ۽ هڪ مڙد چنڊ جي هلڪي هلڪي روشني هئي. هن مڙد کي سڃاڻي ورتو. اهو اسان جو ماروٽ خير محمد هيو. منهنجي ڀاءُ جي دل ۾ غيرت جي باهہ ڀڙڪو ڪاڏو پر هو انهيءَ وقت غصو پي ويو. صبر کان ڪم ورتائين. ٻئي پاسي انهن کڙڪو ٻڌو تہ شڪ پئجي وين تہ ڪو آ. تنهن ڪري زائفان هيڏي هلي آئي ۽ مڙد پرتي هليو ويو. منهنجو ڀاءُ تکڙو تکڙو هلي. زائفان جي پهچڻ کان اڳ، گهر پهچي، ماٺ ڪري، ڌُٽ هڻي سمجهي رهيو. زالس آئي تہ کيس شڪ ئي نہ پيو تہ مڙس ماڪي ڪو خراب حالت ۾ ڏٺو آ.“
”صبح جو ڀاءُ مان سان اها ڳالهہ ڪئي، هوڏانهن اهو ڪارو (ههڙي مڙد کي اسان ڏانهن ڪارو چوندا آهن) انهيءَ رات ڪيڏانهن هليو ويو، پندرنهن ڏيهاڙا هو ڪونہ آيو، اسان بہ ڪٽي چپ ڪئي سي، زائفان کي اجان بہ وڌيڪ پيار ڏنوسي تہ جيئن شڪ نہ پويس. اسان اها لڪائي نہ ڏني سي تہ اسان کي ڪنهن ڳالهہ جي خبر آ، جيڪو اسان کي ڪرڻو هيو، اهو تہ مان ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ اڳ ۾ سوچي ڇڏيو هيو.“

”اهو ڪارو خير محمد پندرنهن ويهن ڏينهن ڪانپوءِ آيو هڪ ڏينهن مان هن کي ڏوتاڙي، دلاسو ڏيئي ته: فلاڻي هنڌ منهنجو دوست آيو آ.. هل ته هلي انهيءَ سان ملون. هو مان سان هليو، سارين جي ڪٽائيءَ جي مند هئي. پرسان جهنگل هيو مان ڪيس اتي وٺي ويس جهنگل ۾ ڪافي پنڌ هلڻ ڪانپوءِ هن پڇيو، ميراءِ ڪٿي آ تنهنجو دوست؟ مان يڪدم ڪهاڙي اُپي ڪئي ۽ چيومانس چپ ڪر ويهي رهه تنهنجي ته پيٽ ڪي ..... تو ڪارو آن تو سمجهين ٿو اسان غافل آهيون.“

”هو ڏڪندو ويهي رهيو، هن جي اکين ۾ خوف هيو مان ڪهاڙي اُپي ڪيو مٿان بينو هوس ايتري ۾ منهنجو ياءُ زائفان کي به گهليندي اُتي پهچي ويو. هنن گهٽو ئي ليلايو، پر هڪ هڪ ڏڪ سان انهن جا ڪنڌ وجي پري پيا.“

”اسين ڪارو ماري، انهن جي لاشن کي ڪٽي اُتي رکيوسي، جتي منهنجي ياءُ انهن کي ڏنو هيو. جعفر خان جماليءَ کي خبر پئي ته هن کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ته اوهان ٻئي هنڌ خون ڪري جاءِ وارادات رُجهان چو ڏيکاري تنهن ڪري جماليءَ اسان سيني کي ٻئي ڏينهن تي ٻڌرائي ڇڏيو. ٿن پائرن ۽ پيءُ کي. اُتي جي ڪيترن ماڻهن پنهنجي وسان گهٽايو ڪونه. ته انهن حق ڪيو آ، غيرت جو ڪم ڪيو آ انهن آزاد ڪرائڻ جي گهٽي ڪوشش ورتي پر جمالي ڪنهن جي به نه ٻڌي.

”پوليس اسان کي ٻڌي رجهان کان ڇهه ميل پري جهٽ پٽ جو شهر آ، اتي وٺي وئي. اُتي ڪچو جيل آ اتي وجي اسان کي رکيائون. اتي اسان کي پوليس تڪليف ڪا به نه ڏني.“

”جيل جي ٻاهرين پاسي هڪڙو لوهي شيخن جو جهنگلو هيو، صبح انهيءَ ۾ وجي ويهاريندا هئا. اتان رستو صاف نظر ايندو هيو. اسين هر ايندڙ ويندڙ کي ڏسي سگهندا هئاسين.“

”انهيءَ ڪچي جيل ۾ اسان کي اڍائي مهينا ٿي ويا، نه ڪيس هلي، نه ڪا ٻي ڳالهه اوهي نه واهي، نڌڻڪا ٿيو وينا هئاسين.“

”هاڻ اها ڳالهه تون اتي دل ۾ رکجان، پهرين ٻي ڳالهه ٿو ٻڌايان، انهيءَ ڳالهه سان واسطو ٿي رکي، اسين رجهان ۾ رهندا هئاسين، رجهان کان ميل سوا ميل پري تاج پور جو شهر آ، اتي هڪڙو همراه، ڪاتون ٻاهران لڏي، گهر ٻار سان اچي رهيو هيو هن پنهنجو نالو علي محمد ۽ ذات مهر ٻڌائي، پنجاهه سٺ ماڻهن جو اٿالو هيو هنن جو. انهيءَ سان اسان جي جاڻ سڃاڻ پوري ساري هئي، پر خبر هئي ته ماڻهو سنو آ.“

”هڪڙي ڏينهن اسان سوچيوسي ته علي محمد مهر کي ماڻهو موڪلي سڏايون ته اسان جي ڪا مدد ڪري. اسين اجان انهيءَ سوچ ۾ هئاسي ته اسان جهنگلي مان ڏٺو ته علي محمد مهر گهوڙي تي سوار شهر ڏانهن پي ويو، اسان وٽ انهيءَ وقت ڪو ماڻهو نه هيو

جو علي محمد کي سڏي اچي. اسان کي ڏاڍي بيقرار ٿي ته متان علي محمد هليو نه وڃي. انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ وينا هئاسي، جو ڪيڏيءَ مهل ڏنوسي ته علي محمد اسان ڏانهن آيو پئي“. هو اسان لاءِ جهٽ پٽ شهر مان ميوا، ڪپڙا، صابڻ ۽ ٻيون شيون وٺي ويو هو، هن اسان کي ٻڌايو: ”مان مير جعفر خان جماليءَ وٽ ويو هوس“. جعفر خان کي چيم: ”مان ٻڌو آ ته اوهان چيو آ: مان ميري وارن کي چوڏهن سال ٽيپ ڏياريندم.“ انهيءَ ڪان اڳ جو مير جعفر خان ڪجهه چوي، مان وري چيو: ”مان هتي جو ناهيان، ٻاهر جو آهيان مان پنهنجا ٻار ٻچا وٺي اوهانجي زمين تي اچي رهيو آن. پر اوهان وٽ انصاف ڪونهي. اڄ اوهان ميري وارن کي ناحق جهلايو آ، سپاٽي ماکي به لڏائيندا. جنهن حق ڪيو آ. ميري پنهنجي پاءُ جو ساٿ ڏنو آ. ڪاروڪاريءَ کي مارڻ حق آ. پر اوهان ناحق ڪيو آ. تنهن ڪري مان اوهان جو ڳوٺ ڇڏي ٿو وڃان. مان وڃي سيني کي ٻڌائيندم ته ميري جعفر خان جيڪو جمالي قوم جو سردار آ، انهيءَ وٽ انصاف ڪونهي. انهيءَ وٽ حق ڪونهي هو ناحق جو پاسو ٿو ڪٽي.“

اها ڳالهه ٻڌي جعفر خان جمالي ڪاوڙيو ڪونه، اهو ڪونه چيائين ته لڏي وڃ منهنجي زمين تان (ڇاڪاڻ ته اهو سردار جو وڏُ ڪونهي ته هو انصاف نه ڪري ۽ ماڻهو انهيءَ ڪارڻ سندس ملڪ (زمين) مان لڏي وڃن). هن چيو ”نوجوان ڪاوڙ ڍري ڪر. ميري وارن سان ضرور انصاف ٿيندو. ڪيس جرڳي ۾ هلندو.“

”اها ڳالهه ٻڌي اسان سندس ٿورا مڃيا ۽ ٻڌايوسين ته اسان تو ڏانهن ماڻهو موڪلڻ وارا هئاسين.“

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جرڳو وينو، پوليس اسان کي جرڳي وٽ وٺي هلي. جرڳي ۾ جعفر خان جمالي اسان جو ساٿ ڏنو. چيائين: ”هنن ڪو ڏوهه نه ڪيو آ، ڪارو ڪاري ڪيو اٿن سو به هنن ٺن ڪونه ڪيو آ“، وري منهنجي پاءُ کان پڇيائين ”بابا ڪاروڪاري تو ڪيو آ؟“ پاءُ جواب ڏنو ”ها سائين مان ڪيو آ“. پڇيائين ”تنهنجي پائرن يا پيءُ مدد ڪرائي تئي؟“ هن چيو: ”نه“.

پوءِ جرڳي رڳو وڏي پاءُ کي ڏوهاري ڪيو ۽ اسان سيني کي آزاد ڪيائيون. جرڳي جي ڏوهاري ٺهرائڻ ڪانپوءِ. سزا جو اختيار وري ڊپٽي ڪمشنر کي ڏنائون جعفر خان جمالي ڊپٽي ڪمشنر کي به سفارش ڪئي هئي. سو هن پاءُ کي چيو ”بابا توتي سؤ رپيا ڏنڊ آ، جيڪڏهن جرم (پئسا) پري ڏين ته توکي آزاد ڪريان، نه ته ڇهه مهينا ٽيپ ڪاٽڻي پوندي.“ منهنجي پاءُ پنهنجي سوٽ محمد بخش کي سڏرايو. جيڪو ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ٻاهران بينو هن ڏنڊ جا پئسا پري ڏنا ۽ منهنجو پاءُ آزاد ٿي ويو.

علي محمد مهر کي مان سڃاڻندو هوس، پر هن سان اڳ ۾ تعلقات بلڪل ڪو نہ هئا. پر هن اسان سان وڏ ڪيو. وڏو احسان ڪيو هو. هو بهادر ماڻهو هو، تنهن ڪري هن وٽ بهادرن جو قدر هو. هن مون ۾ ڪا مٽيا ڏني هئي. خير، جڏهن اسين آزاد ٿي ڳوٺ پهتاسين تہ علي محمد پنهنجي سؤٽ حاجي عبدالرحمان سان گڏ اسان کي مبارڪ ڏيڻ آيو ۽ پوءِ اسان جو پاڻ ۾ رستو ٿي پيو.

# شروعات

جنهن ڏينهن علي محمد اسان جي ڳوٺ مبارڪ ڏيڻ آيو هو. انهيءَ جي ويهن پنجويهن ڏينهن کانپوءِ علي محمد گهوڙي تي چڙهي اسان جي ڳوٺ مان سان ملڻ آيو. پر خبر پيس ته جيڪماباد (جيڪب آباد) ويو آهيان سو هيءَ به انهيءَ گهوڙي تي جيڪماباد آيو جيڪماباد اُتان پنج ڪوهه تي آ.

هيءُ پڇائون ڪندي اچي مان سان بازار ۾ مليو. مان گهر جون ڪجهه شيون ورتيون هيون ۽ هاڻ موٽڻ وارو هوس جو علي محمد اچي پهتو.

علي محمد ماکي چيو ته: "اچ نه موٽ، اچ هتي ئي ٽا رهون."

مان کيس چيو: "مان وٽ فقط ٻه رپيا اهن، سو ڪئين رهبو؟"

هن چيو: "پئسن جي پرواهه نه ڪري، مان وٽ آهن. فلم ڏسنداسين گهمندا ڦرنداسين، سياٽي واپس هلنداسين. جيڪماباد ۾ منهنجو هڪڙو پوليس جو جمعدار رسول بخش ذات جو چانڊيو، دوست هيو، مان هن وٽ رهيل هوم، مان علي محمد کي به وجي اتي رهايو سڄو ڏينهن گهمندا ڦرندا رهياسين. فلم به ڏٺي سي. رات جو سمهڻ وقت علي محمد ماکي چيو، "منهنجو تو ۾ هڪڙو ڪم آ، پر ڊپ اٿم ته تو انڪار ڪندين." دل ۾ چيم: هنجو هيترو احسان آ مون تي مان ڪيئن جواب ڏيندم، پلي کهڙو به ڪم هجي ڪرڻو ته آ احسان ته لاهڻو آ. چيم: "تون چؤو مان ڪم ضرور ڪندم. پر هن مانکي ڪم ڪونه ٻڌايو چپ ٿي ويو مان به وڌيڪ ڪونه پڇيو، سوچيم ته شايد هينئر نٿو ٻڌائڻ گهري."

اها رات اسين اتي رهياسين ٻئي ڏينهن به، سڄو ڏينهن اسين گهمندا ڦرندا رهياسين. جڏهن شام ٿي تڏهن هن چيو: "اچ ڪونه ٽا هلون هتي ٽا رهون مان انڪار نه ڪيو." هن وري به ساڳي ڳالهه ڪئي ته منهنجو تو ۾ ڪم آ، پر ڊپ ٿو لڳيم ته تون انڪار ڪندين. مان چيو: "مان انڪار نه ڪندم، تون خالي ڪم ٻڌاءِ." مان دل ۾ سوچيم ته: هيءُ ٻئي ڳوٺ جو آ، شايد ان ڏانهن ڪنهن کي پلاند وٺڻو هوندو. سو چيومانس: "تون حڪم ڪر، بندوقون رائفلون، همراهه سيئي ملي ويندا. پر هن ڪم نه ٻڌايو سوچ ۾ پئجي ويو."

ٽئين ڏينهن به اسين اتي رهياسين. هن وري به ساڳي ڳالهه ڪئي. مان ڪٽي سندس ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ چيومانس: "تون مانکي ٻار ٿو سمجهين ڇا؟ مان جوان آن، پنجويهه سال منهنجي عمر آ، تون حڪم ڪر، تون وقت تي اسان کي ڪم آيو آن، اسان تي احسان ڪيو ٿئي، مان پنهنجو سر به توتان قربان ڪري سگهان ٿو، تون ڇو چوين ٿو ته مان ڪم ڪونه ڪندم، تون ڇڙو ڪم چؤ." علي محمد چيو: "هڪ هنڌ هلڻو آ." چيم: "هلبو"، علي

محمد يڪدم چيو: ”نہ مڃئي نہ ڳالھہ.“ حيران ٿي پڇيومانس: ”پر مان تہ چيو هلنداسين.“ علي محمد چيو ”هلنداسين نہ بس هينئر ئي هلڻو آ.“ مان يڪدم چيو ”هل، هينئر ئي هل.“ علي محمد چيو تہ : ”گهوڙا تو واري دوست جمعدار کي ڏي تہ ڳوٺ پهچائي ڇڏي، ۽ گهر وارن کي چئجان تہ فڪر نہ ڪن. مان ڪنهن ڪم سان ٻاهر پيو وڃان، جلدي موٽي ايندس“. مانکي اهو بہ خيال هو، تہ گهر وارن کي اهو فڪر هوندو تہ جنکي ڪارو ڪاري ڪري ماريو اٿئون متان انهن جا مائٽ پلاند نہ وٺن.

خير سائين، اسين رات جو ڏهين وڳي ڪوئيٽا ميل ۾ چڙهياسي ۽ اچي شڪارپور ۾ لٿاسين. اتي هوٽل ۾ مسواڙي ڪمرو ورتوسين. اها رات اسين اتي رهياسين، ٻئي ڏينهن علي محمد ماکي بازار وٺي هليو. چئن پنجن ڏينهن ۾ منهنجا ڪپڙا ميرا ٿي ويا هئا علي محمد منهنجي لاءِ نوان ڪپڙا وٺي انهيءَ وقت سبرايا. شلوار خميس، پٽڪو، هڪڙو رومال ۽ ڏهہ رپيا منهنجي ڪيس ۾ وڌائين. جيڪماباد ۾ بہ هن مڙس ڏاڍو خرچ ڪيو هيو. روز سؤو ڏيڍ سؤ رپيا ٿي خرچ ڪيائين. انهيءَ وقت جا سؤ ڏيڍ اڄ جي هزار ڪان مٿي هيا.

ڪپڙا ملي ويا تہ اهي پائي، اسين اچي ريل ۾ چڙهياسين، رُڪ ڇڏي، لاڙڪاڻو ڇڏي، دادو ڇڏي، او اچي لٿاسين بوبڪن ۾ (ضلعو دادو)، پوءِ پنڌ پٽڻ ڏانهن وياسين پٽڻ ٽلٽيءَ ڪان ڏيڍ ڪن ميل پري هيو.

پٽڻ تان ٻيڙي ڪئسين ۽ ٻئي پر اچي لٿاسين، اهو نوابشاهہ ضلعو هيو، وچ ۾ ٻيلو هيو. انهيءَ ڪانپوءَ دولتپور جو شهر هيو، ٻيلي مان لنگهياسين پئي تہ دولت پور واري پاسي ڪان چار پنج زائفون آيون پئي. انهن زائفن کي ڏسي علي محمد ڪجهہ گهٻرائجي ويو، ۽ يڪدم ريلي (پيشاب) جو بهانو ڪري ويهي رهيو ۽ جڏهن هو اڳتي وڌي ويون تہ اٿي بيٺو. هن ريلو ڪيو يا نہ، سو خبر ڪانہ اٿم پر اها پڪ اٿم تہ هن ريلي جو بهانو ضرور ڪيو هو. ماکي شڪ پيو تہ ضرور ڪا ڳالھہ آ، هن ائين، ڇو ڪيو مان ڪائنس پڇيو: ”تو ريلي جو بهانو ڇو ڪيو.“ هو پهرين تہ ڪجهہ ڇرڪيو پر پوءِ کلي ڏنائين. چيائين: ”انهيءَ ڳالھہ کي تون ڇڏ“، مان چيو، ”نہ اها ڳالھہ ماکي ٻڌاءِ تون يڪدم ڇو ويهي رهئين“. علي محمد ڪجهہ دير منهنجي منهن ڏانهن ڏسندو رهيو. پوءِ چيائين: ”تو جهڙو بيوقوف ۽ ناسمجهہ ماڙهو، مان سان ڪڏهن نہ مليو آ.“ مان پڇيو تہ: ”مان ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آ، ڪهڙي غلطي ڪئي آ جو تون ماکي بيوقوف ٿو چئين“، چيائين: ”تون بيوقوف ناهين، تون اچانڪ منهنجو واقف ٿيو آن. نصيرآباد ضلع ڇڏيوسين، جيڪماباد ضلع ڇڏيوسين، سکر ضلعو ڇڏيوسين، لاڙڪاڻو ضلع ڇڏيوسين، دادو ضلع ڇڏيوسين، هينئر درياهہ ٽپي نوابشاه ضلعي مان هلون ٿا پيا، تو مانکان اهو پڇيو آ، تہ تون ڪير آن، مانکي ڪاڏي ٿو وٺيو هلين،

کھڙو ڪم اٿئي.“ مان هن کي جواب ڏنو ادا، ڳالھ ٻڌ، اسان خون ڪيا، اسان ڪان پلاند ونڻ لاِ دشمن تيار آهن. پر انهيءَ هوندي بہ تو اسان جي مدد ڪئي. اسانکي آزاد ڪرائي، پلا جي انهن دشمنن توکي دنيا (پئسا) ڏني آ، ۽ تون مانکي مارڻ لاءِ تو هلين تہ بہ واه واه. جيڪڏهن ڪاڏي گھمڻ تو وئيو هلين تہ بہ واه واه. جيڪڏهن تنهنجو ڪو ٻيو ڪم آ. انهيءَ لاءِ تو وئيو هلين، تہ بہ واه واه، توسان رلندي تو هلان. توکان پڇان ڇو؟“ هن منهنجي ڪلهي تي هٿ هڻي چيو: ”جوان توکي آفرين آ.. تون برابر صحيح آن. مان غلط هوس مان غلط ڳالهايو.“ پوءِ هن ماکي ٻڌايو تہ ”منهنجو اصلي نالو غلام حسين آ، ۽ ذات جو واڍو آن منهنجو ڇرڪ نڪري ويو. هان هيءُ غلام حسين واڍو آ! سنڌ جو مشهور ڏاڙيل. هيءُ ڪيترن ڪيسن ۾ پوليس کي گھربل هو. سندس ڏاڙن جون ڪيتريون خبرون اخبارن ۾ ڇپيون هيون ۽ اڪثر ڪچهرين ۾ سندس قصا هلندا هئا اهو غلام حسين واڍو ڏاڙيل مان سان گڏ پيو هلي. منهنجو ڪنڌ فخر منجهان پاڻمرادو مٿي کڄي ويو تہ غلام حسين مان سان گڏ پيو هلي. غلام حسين زبردست سهڻو جوان هيو. ماکان ڪجھ وڏو هيو، منهنجي عمر انهيءَ وقت پنجويهن کن سالن جي هئي ۽ هو ٽيهن پنجٽيهن سالن جو هيو. هو ڪڏهن ڏاڙهي رکائيندو هو. ڪڏهن ڪوڙائيندو هو. غلام حسين ماکي ٻڌايو تہ: ”خونن جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ وارنٽ نڪتل آهن ۽ ڪوسا قوم سان جهيڙو بہ ٿيل آ، تنهن ڪري مان هتان ڀڄل آهيان. رجهان جي پاسي منهنجو نالو علي محمد هو. پر هتي غلام حسين واڍو آ، هتي تون علي محمد نالو پلجي بہ نہ ڪٽجانءِ منهنجا مٽ مائٽ هتي آهن. توکان هرڪو پڇندو تہ غلام حسين ڪٿي رهندو آ، پر تو اصل نہ ٻڌائجان.“

انهيءَ وقت سج لهي چڪو هيو! اسين ٻئي ڄڻا آهستي آهستي هلندا پي وياسين هنجو ڳوٺ بند جي وٽِ ۾ هيو. هن وقت ڳوٺ جي نالي جو يادگيرو ڪونهي. پر دولتپور تعلقي ۾ هيو. اسين اتي پهتاسين تہ سيئي ڏاڍي قرب منجهان مليا. اسين هتي چار ڏينهن رهياسين. جڏهن اتي رهيل هئاسين تہ هن همراھ موڪلي، ڪنهن پر واري ڳوٺ مان بہ ماڻهو گھرايا جيڪي هن جا ساٿي هئا ۽ هڪ ماڻهوءَ کي اٺ تي ڪنهن پاسي موڪليائين تہ فلاڻي هنڌ منهنجا هٿيار پيا آهن اتان ڪڻي آ. شام ڌاري اهو ماڻهو هٿيار ڪڻي آيو. هن ماکي چيو: ”توکي جيڪا رائفل وڻي سان ڪڻ.“ مان چوندي هڪ رائفل ڪنئين. هڪ پاڻ ڪنيائين ۽ باقي بہ بندوقون انهن ٻن همراهن کي ڏنائين. ماکي ٻڌايائين تہ: سج لهڻ کان اڳ ڏاڙو هڻڻ هلبو. مان انهيءَ کان اڳ ڪڏهن ڏاڙو ڪونہ هنيو هيو. ماکي ڏاڙا هڻڻ ڪونہ وڻندو هيو. اسين هاري ماڻهو ٻنيون ڪندا هئاسين پر هن جوان ڏکئي وقت ۾ اسان جو ساٿ ڏنو هو. مان ڪيس چئي چڪو هوس تہ سر گھربو تہ اهو بہ ڏبو. تنهن ڪري انڪار ڪرڻ جو هاڻي سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. مان چيو: ”ضرور هلبو“ ۽ ماکي اها بہ سڌ تي تہ

ڏسان تہ هيءُ ڪيئن ٿو ڏاڙا هڻي. هنجو وڏو نالو هيو. هن سان گڏ جي هلڻ بہ فخر جي ڳالھہ هئي.
ٿيهريءَ جي مهل هئي، جو اسان ڏاڙي هڻڻ خاطر غلام حسين جي ڳوٺان نڪتاسين، هو تہ ٿيهريءَ جو وقت پر سيءُ هيو. جنوريءَ جو مهينو هو اهو.
اسان وٽ بہ گهوڙا هئا، هڪ تي مان هوس، هڪ تي غلام حسين واڌو، باقي بہ همراھہ پيادل پي هليا. اسان ڪي جنهن ڳوٺ ۾ ڏاڙو هڻڻو هو انهيءَ جو نالو سوري هو. دولت پور ڪان ٽي ميل پري، اوير ڏي هيو اتي هڪ واڻيي ڪي ڏاڙو هڻڻ هو.
جنهن وقت اسين سوري پهتاسين تہ سج لهڻ وارو هو اسين دڪان تي پهتاسين. انهيءَ دڪان ۾ هڪ بہ ماڻهو بيا بہ هيا. اسان بندوقون اپيون ڪيون سي ۽ چيوسي تہ : ”ماٺ ڪري ويهي رهو. چريا پريا تہ گولي هڻي ڇڏينداسين.“ واڻيئي ڏاڍو ايلاز ڪيا. پر اسان ڇڏيوسين ڪونہ، دڪان ۾ جيڪا ملڪيت هئي. اها سيئي ميڙي ڪنئين سين، هنجو گهر بہ دڪان سان گڏ هو. اسان گهوڙن سوڌو اندر ڪاهي پياسين. عورتن دانهون ڪيون ڏوڙ ڏڪا تي ويا. جاڏي ڪاڏي ڏاڙي جو هل پئجي ويو. ڏارو ڙي ڏاڙو، غلام حسين بندوق ڪڻي ٻاهر در تي ٿي بيٺو اسين ڪمرن ۾ گهڙي پياسين. ڪٻٽن مان مال ڪڍيوسين، پيٽيون ٻاهر اڱڻ ۾ ڪڻي آياسين ۽ بندوقن جي ڪنداڪن سان انهن جا تالا ٽوڙي، سون، زيور، پئسو جيڪو ڪجھہ هو اهو سڀ ميڙي ورتوسين پر عورتن ڪي جيڪي شيون پيل هيون اها ڪا بہ نہ لهرائي سين.“
موٽندي وقت اسان واڻيئي جا بہ گهوڙا بہ ساڻ ڪيا گهٽين ۽ رستن تي ماڻهو ڪنا ٿي ويا هئا. اسان هوائي فائر ڪيا. هڪلون ڪندا گهوڙا ڊوڙائيندا خبردار ڪوئي بہ اسان جي ويجهو نہ اچي نہ تہ اقٽ مارينداسين. ساھہ جي ڊپ ڪان ڪوئي بہ ويجهو نہ آيو. سيئي ڀڄي ويا. اسين قلندر جا نعرا هڻندا شهر ڪان ٻاهر نڪري آياسين. شهر ڪان ميل ڪن ٻاهر نڪري، هڪڙي هنڌ ويهي اسان مال ورهايوسين سون پئسا ڪپڙا بہ گهوڙا مطلب تہ سيني مان ٻين همراهن ڪي حصو ڏنوسين ۽ پوءِ چيوسين تہ واٽر ڪورس وٺي پاڻيءَ مان هلي، پري نڪرجو تہ جئين پيرن جا نشان نہ ملن. اڳيان نڪري جاڏي وڻي تاڏي هليا وڃجو.
هو ويا تہ اسان بہ گهوڙن تي چڙهياسين. انهيءَ وقت رات جا ڏھہ يارنهن ٿيا هئا، چانڊوڪي ڪونہ هئي. باقي سيءُ زور هو، اسان بہ واٽر ۾ گهڙياسين. ميل ڪن واٽر ۾ هلي پوءِ ڪچو ورتو سين. ڪچي ۾ پير ڪونہ ٿيندا آهن. پڪي زمين هوندي آ تہ اها، تنهنڪري اتي پير ٿئي ڪونہ. چار پنج ڪوھہ ڪچي ۾ هلياسين. پوءِ گهوڙن ڪي ٻيلي ۾ ٻڌي سامان ڪڻي غلام حسين جي ڳوٺ آياسين.

اسين ٽي چار ڏينهن اتي وري به رهياسين. غلام حسين جو وڏي عرصي کانپوءِ ڳوٺ آيو هو سو سندس ڪيترن مائٽن ۽ دوستن اسان جو دعوتون جهليون.
ٽي چار ڏينهن ڪانپوءِ ڏاڙي لاءِ نڪتاسين جيڪي ڳوٺ ويجها ويجها هئا. انهن ۾ غلام حسين ڏاڙو هنيو ٽي. هڪ ته سورنهن کن سالن کانپوءِ غلام حسين آيو هو. انهيءَ ڪري گهڻن هن کي سجاتو ڪونه ٿي، ٻيو غلام حسين رڳو واٽين کي ڏاڙا هڻندو هو، واٽيا ماڻهو ڏڄڻا ۽ پويان ته پونڊائي ڪونه هئا.
اسين اتي ڏيڍ مهينو کن رهياسين انهيءَ عرصي ۾ مختلف هنڌن تي ڏاڙا هنياسين. هڪ ڏاڙو قاضي احمد جي پاسي احمد خان جهونجهاڻ ڳوٺ ۾ هنيوسين. اهو ڳوٺ بند جي پرسان آ اتي به واٽيئي جو ڏاڙو ڪيوسين. ٻه اسين هئاسين، پنج ماڻهو غلام حسين اوسي پاسي کان گهرايا. اهي چور هئا. ننڍيون ننڍيون چوريون ڪندا هئا. انهن کي گهرائڻ جو مقصد فقط اهو هو ته ٻُڌتي (ٻُڌپ) ۾ وڌيڪ هجون. ماڻهن تي اثر پوي ته ست ڏاڙيل آيا آهن. هٿيار اسان وٽ چار هئا. ٻه اسان وٽ هئا، ٻه انهن آندا هئا. باقين جي هٿن ۾ ڏنبا هئا.
اهو ڳوٺ گهڻو پري ڪونه هو تنهنڪري گهوڙن تي ڪونه وياسين پيادا وياسين.
اهو ڏاڙو سڄ بيٺي هنيوسين. سياري جا ڏينهن هئا. اهو به واٽيو هو. اسين سندس گهر ۾ گهڙي پيا هئاسين. جيڪا به مال ملڪيت هٿ چڙهي. اها ڪنئي سين. ڏاڙو هڻي ٻيلي ۾ موٽي آياسين واٽ تي ملڪيت ورهائيسين. گذريل دفعي هر هڪ جي حصي ۾ ڇهه ڇهه هزار رپيا آيا هئا. سون تنهن ڪانسواءِ، ڪپڙو جنهن کي جيترو وڻيو، اوترو هن ڪنيو ٿي.
هن دفعي هر ڪنهن کي پنج پنج هزار رپيا حصي ۾ آيا. سون ۽ ڪپڙا الڳ هر ڪنهن کي هڪ جيترو حصو ملندو هو. ڪنهن کي هڪ ٽيڊي پائي گهٽ نه ڏبي هئي. حالانڪ غلام حسين اڳواڻ هو. پر اهو به ايترو ڪٽندو هو. جيترو ٻين کي حصي ۾ ايندو هو. ڪو بيڪار ماڻهو هوندو هو جنهن کي اسان چڙو ٽپڙ ڪٽائي واسطي وٺي ويندا هئاسين انهيءَ کي به ايترو ئي حصو ملندو هو، جيترو ٻئي کي ڏبو هو.
انهيءَ ڪانپوءِ ڪجهه ڏيهاڙا غلام حسين جي ڳوٺ رهياسين ۽ ڪجهه ڏيهاڙا غلام حسين جي دوستن وٽ. ٻين ڳوٺن ۾ غلام حسين جا اڪثر دوست مال چاريندڙ هئا. اهي غلام حسين تي اصل عاشق هئا، ڏاڍي عزت ڪندا هئا. غلام حسين کي ڇڏيندا ئي ڪونه هئا.
اسين ڏاڙو هڻڻ ڪانپوءِ ڪجهه ڏيهاڙا آرام ڪندا هئاسين. ته جيئن جيڪا جانچ جونچ ٿيڻي هجي. سا ٿي وڃي. جيستائين جانچ جونچ ٿيندي هئي اسين ڪچي ۾ يا ٻيلي ۾ رهندا هئاسين. پوليس ڪچي ۾ يا ٻيلي ۾ جانچ لاءِ ايندي ڪونه هئي، چاڪاڻ ته ڪين خبر هئي ته ڪچو ۽ ٻيلو ڏاڙيلن جو علائقو هوندو آهي.

جھونجھاڻ واري ڏاڙي جي ڏهن پندرنهن ڏينهن ڪانپوءِ اسان کي خبر پئي ته هڪڙي واٽئي وٽ ٻه تمام سنا گهوڙا آهن. غلام حسين ماڪي چيو واٽئي جو گهوڙن سان ڪھڙو ڪم. هل ته ڪاهي اچون.

انهيءَ واٽئي جو نالو نارُو هو. سندس ڳوٺ جھونجھاڻ ڪان ٻه ميل پري ڏکڻ ۾ هو. اسين سندس ڳوٺ وياسين وجي گهوڙا ڏٺاسين. گهوڙا واقعي دلبر هئا. اسان وجي گهوڙا ڪوليا. واٽئي کي ٻه گهوڙا ڏاڍا پيا هئا. هن گهٽيون ئي منٿيون ڪيون ته مونکان دولت وٺو پر گهوڙا نه ڪاهي وڃي. پر اسان مال ملڪيت کي هٿ به نه لاتوسين چڙا گهوڙا ڪولياسين. هئاسين به اسين ٻئي. ٽيون ماڻهو اسان سان ڪونه هو. گهوڙا ساڻ ڪري اسان غلام حسين جي ڳوٺ موٽي آياسين.

اسين غلام حسين جي ڳوٺ ۾ ڏهه پندرنهن ڏينهن ٻيا ٽڪي، دوستن جون دعوتون ڪائي، گهمي ڦري، ٽڪ پٽي پوءِ ڳوٺ وارن کان موڪلايو.

سيارو ختم ٿي چڪو هو بهار جي موسم هئي هڪ ٻن پهرن جو اسان انهن گهوڙن تي چڙهياسين سيوهڻ ڪان دريا پار ڪري دادوءَ ڪان ٿيندا، منزلون ڪندا، ماني ٻاني ڪائيندا، چير ۾ هلندا، اهڙيءَ ريت پي هلياسين جو ڪنهن کي شڪ نه پوي ته ڪي اهي ڏوهاري آهن. ڪڏهن ماني هوٽلن تي ڪائيندا هئاسين. ڪڏهن ڪنهن جي اوطاق ۾ رهي پوندا هئاسين ۽ هر هنڌ مختلف نالا ٻڌائيندا هئاسين.

اسين گهوڙن تي وجي رهيا هئاسين. نصير آباد جو شهر اچڻ وارو هو. سج لهي چڪو هو پر اجان اونداهه ڪونه ڦهلي هئي. سامهون ڏٺوسين ته پوليس جا چار سپاهي ۽ هڪ جمعدار آيا پي اسان کي بنا ليسڻ جي هٿيار هئا. پهرين ته پريشان ٿياسين. پر حوصلو ڪيوسين اسان هنن جي پرسان کان لنگهياسين ته هڪڙي سپاهي اسان کي روڪيو هن اسان کان پڇيو: ”توهان وٽ ليسڻ آهن. اسان هن کي هڪل ڏئي گار ڏني سين ۽ ٺوڪ طور چيوسين: ”تنهنجي پڳهار آ ڇهه آنا ۽ تون اسان کان ليسڻ ٿو پڇين؟ اسين توکي چور ٽا لڳون.“ اسان کي فس ڪلاس پٽڪا هجن ۽ ڪپڙا ٻه ناهوڪا. گهوڙا ٻه عاليشان اسان جي ڌمڪي ڪارگر وئي. جمعدار دانهن ڪندي چيو: ”ادا وڏيرا خانصاحب، مهرباني ڪري معاف ڪريو. هن کي غلطي ٿي. سائين اوهين وڃو“. اسين اڳتي وڌياسين ۽ وڃي نصير آباد ۾ هوٽل تي ماني ڪاڌيسين. پوءِ قنبر علي کان ٿيندا شهداد ڪوٽ مٽي وڃي ڳوٺ پهتاسين. گهر وارن مانکان پڇيو ته ”ايترا ڏينهن ڪاٽي هئين؟“ مان ٻڌايو ته ”دوستن وٽ ويو هوس. اهي ڇڏين نه پيا تنهن ڪري ايترا ڏيهاڙا لڳي ويا.“

# ڪوسن سان جهيڙو

غلام حسين وري علي محمد مهر تي ويو هو. هو پنهنجي ڳوٺ هليو ويو، ڇهه مهينا اسين ڪيڏانهن به ڪونه وياسين، البت ٻئي ٽئين ڏينهن ملندا هئاسين. ڪڏهن هو منهنجي ڳوٺ ايندو هو ڪڏهن مان سندس ڳوٺ ويندو هوم.
هڪ ڏينهن غلام حسين مون وٽ آيو ته مان ڪائنس پڇيو: ”اهو ڪوسن سان ڪيئن جهيڙو ٿيو هو“، هن ٻڌايو: ”قاضي احمد جي پرسان ڪوسا رهندا هئا، انهن ڪوسن ۾ به ڄڻا هئا، مرزو ڪوسو ۽ شيرل ڪوسو، غلام حسين جا اهي دوست هئا. اهي ٽئي اڪثر گڏ ڌاڙا هڻندا هئا پر ڪڏهن ڪڏهن ڌار به ڌاڙا هڻڻ ويندا هئا. هڪ دفعي اهي ڪوسا ڌاڙو هڻڻ ويا، غلام حسين گڏ ڪونه هون. اتفاق سان اهي ڪوسا جهلجي پيا. انهن کي ٻارنهن مهينن جي سزا ملي پنيان سندن پوڙهو پيءُ پائي خان هو ۽ ٻيا ننڍڙا ٻار هئا.“
غلام حسين سندن لڏو وني وجي پاڻ وٽ رهايو. پورو سال ڪپڙا لٽا، ڪاڌ خوراڪ مطلب ته سيڪجهه غلام حسين پاڻ تي ڪنيو. سڄو سال جيستائين ڪوسا ڇٽي اچن، سندن لڏي کي ڪنهن به قسم جي ڪا به تڪليف نه ٿيڻ ڏنائين. جڏهن ڪوسا آزاد ٿي آيا ۽ پنهنجو لڏو واپس وني وڃڻ لڳا ته غلام حسين سيني مائين کي متي تي روا ڏڪايا ۽ انهن ماين جا ڪير ڏهاءِ غلام حسين پيتا ۽ مرزي ۽ شيرل کي چيائين ”ادا هي منهنجون پيٽون آهن، نياڻيون آهن. ٻارنهن مهينا اهي مون وٽ رهيون آهن، اوهين ٻروچ آهيو. متان توهان کي ڪو مهڻو ڏي. تنهنڪري مون انهن جو ڪير پيتو آ، جيئن سيني کي تسلي ٿئي“. انهن چيو ”ادا تنهنجا اسان تي احسان آهن. اسين تنهنجي متعلق غلط سوچي ئي ڪونه ٿا سگهون“ ۽ پوءِ هو پنهنجو لڏو وني ويا.
انهيءَ ڳالهه کي گذرئي سال يا ٻه سال ٿيا هوندا، غلام حسين جي مٿان هڪڙو ڪيس پيو، غلام حسين جهلجي پيو ٻه مهينا ڪيس هليو ۽ غلام حسين کي سال سزا اچي وئي. هيءُ پڪو قيدي ٿي وجي حيدرآباد سينٽرل (جيل) ۾ رهيو.
غلام حسين سان مرزي وارن جا تعلقات گهرا هئا، هڪ ٻئي جي گهرن ۾ ايندا ويندا هئا. غلام حسين جا ڪوسن تي ايڏا احسان هئا پر مرزو ۽ شيرل اچي بي حيا ٿيا، سو غلام حسين جي پيڻ کي سندس گهر مان زوري ڪڍي ويا. اها مائي غلام حسين جي سؤٽ احمد سان پرڻيل هئي ڏاڍي ملوڪ مائي هئي. مان به اها ئي مائي ڏٺي هئي.
ڪوسا هئا زبردست ماڻهو، ڪوبه سندن اڳ نه جهلي سگهيو. هنن مائيءَ کي پندرنهن ڏيهاڙا پاڻ وٽ رکيو ۽ هن سان زوري زنا ڪيائون.

غلام حسين ذات جو لاکو هو ۽ انهيءَ پاسي لاکا قوم گهڻي آ، هنن زور رکيو اتي جي سيدن ۽ ڪن راڄ جي ماڻهن به ڪوسن کي چيو ته مائي موٽايو نه ته توهان سان وڙهنداسين. نيٺ ڪوسن مائي موٽائي غلام حسين کي جيل ۾ سچي حقيقت معلوم ٿي. پر هو مجبور هو لاچار هو. ڪجهه نٿي ڪري سگهيو. ٻارنهن مهينن ڪانپوءِ جڏهن سزا پوري ٿي ته غلام حسين ڳوٺ موٽي آيو. گهر وارن وري ڪيس سچي حقيقت ٻڌائي.
غلام حسين ارادو ڪيو ته اڳ ۾ پنهنجو لڏو اتان ڪڍي خيرپور ڇڏي اچان. پوءِ اچي ڪوسن سان وڙهان. ٻئي پاسي ڪوسن کي خبر هئي ته غلام حسين ضرور وڙهندو. ڇڏيندو اصل ڪونه، انهيءَ ڪري جيستائين غلام حسين حملو ڪري، اڳي ئي هن تي حملو ڪري ماري ڇڏجي. نه ته هو اسان کي ماريندو. اهو سوچي هنن ست اٺ همراهه پاڻ سان ورتا ۽ اوچتو غلام حسين جي ڳوٺ تي حملو ڪري آيا. غلام حسين پنهنجي گهر ۾ هو. ڪوسا نعرا هڻندا سندس گهر ۾ ڪاهي پيا . غلام حسين دروازي جي آڙ وٺي بينو ۽ ڪوسن تي فائر ڪيائين. ڪوسن به فائر ڪيا. انهن جي فائرن سان غلام حسين جو پيءُ اتي ئي مارجي ويو. غلام حسين جو هڪڙو سؤٽ به مارجي ويو، غلام حسين سان پهچي ڪونه سگهندا. حالانڪ اهي جهجها هئا ۽ غلام حسين اڪيلو هو. نيٺ ڪوسا وجهه وٺي پوئتان نڪري ويا. غلام حسين هنن جي ڪڍ لڳو، ٿورو اڳتي جڏهن ويو ته ڪوسن جو هڪڙو فائر غلام حسين جي ٽنگ ۾ لڳو جنهن ۾ هيءُ ٿورو زخمي ٿي پيو. هو پوئتي هٽيو هن سوچيو: ”جيڪڏهن مان مارجي ويس ته پوءِ پلاند ڪير وٺندو“. هو موٽي آيو ڪوسا ڀڄي ويا. غلام حسين پنهنجو لڏو ڪڍي اچي خيرپور رياست ۾ رهيو.
جڏهن غلام حسين جي ٽنگ ٺيڪ ٿي ته هن ڪجهه همراهه ساٿ ڪيا. انهن مان هڪ همراهه جو نالو ڏٽي بخش هو، ذات جو ٻگهيو هو. ٻئي جو نالو بلو لاشاري هو. غلام حسين ساٿ ساڻ ڪري دولت پور جي حد ۾ آيو. ڪوسن کي اڳ ۾ ئي ڊپ هو ته غلام حسين ضرور بدلو وٺندو. تنهن ڪري هو هڪ هنڌ نٿي ٽڪيا. ڪڏهن هڪ هنڌ ته ڪڏهن ٻئي هنڌ. غلام حسين سندن ڪڍ هو. نيٺ ڪوسن جي پڇا ڪندو. غلام حسين جاگير واري ٻيلي ۾ گهڙيو. جيڪو دولت پور ڏانهن آ. پندرانهن ڏينهن تي ويا. غلام حسين کي جاگير واري ٻيلي ۾ ڪوسن کي ڳوليندي، پر هنن جو پتو ئي نه پوي. پلا هو ڪنهن هنڌ ٽڪن ته پتو به پوي، نيٺ هڪ ڏينهن غلام حسين کي ٻيلي ۾ ڏنار ڇوڪرا ملي ويا. جن مال پي چاريو. غلام حسين هنن کان پڇيو: ”بابا ههڙي آري پاري ماڻهو آهن، ساڻن رڍون اٿن. هن ٻيلي ۾ ڏسائين ٿا. منهنجا دوست آهن، ماڪي هنن سان ملڻو آ. توهان ماڪي هنن جو ڏس ڏيئي سگهندا؟“ ڏنار ڇوڪرن چيو ”هائو، ههڙي آري پاري ماڻهو اسان ڏٺا آهن. انهن جي گڏهن کي وڏا ڇڙا ٻڌل آهن. رڍون به برابر اٿن. هتان پرسان ئي لڏو لٿل اٿن. هنن شيرل

۽ مرزي جا پار بہ ڏنا“. غلام حسين سمجهي ويو تہ اهي ڪوسا ئي آهن. گڏهن ڪي انهيءَ ڪري چڙا ٻڌا اٿن تہ جيئن رات جو مان چڙن جو آواز ٻڌي سمجهان تہ هي مال جو ياڻ آ، مينهون آهن.

انهيءَ وقت ٽيهريءَ جو سج هو. غلام حسين اتي ئي ويهي رهيو. دل ۾ سوچيائين تہ: ”ڪوسن وٽ پهچندي پهچندي سج لهي ويندو. ڪوسا بہ جوان آهن. ڏينهڙو ٽئي تہ وڙهجي، پر سندس ساٿي ناراض ٿيڻ لڳا. بالي چيو: ”ڪوسن جا پاڙي اسان جا ڏٺل آهن. تون اسان ڪي وٺي آيو آهين. هاڻ تون چو پيو ڊڄين، هل تہ هينئر ئي هلي هنن سان وڙهون.“ غلام حسين ڪين چيو: ”دل تہ منهنجي بہ ٿئي ٿي تہ هينئر ئي وجي ساڻن وڙهان. پر پهچندي پهچندي اونداهہ ٿيلجي ويندي. مان نٿو چاهيان تہ اونداهہ ۾ هنن مان ڪو پڄي وڃي. تنهن ڪري صبح جو جڏهن سوجهرو ٿيلبو، تڏهن وڙهبو يا تہ هو اسان ڪي مارين يا اسين ڪين ماريون. هنن مان ڪو بچي نہ. جي اوهين منهنجو ساٿ ڏيو تہ چڱو، جي ساٿ نہ ڏيٺو اٿوَ تہ اوهان پلي هليا وڃو، مان صبح جو وڙهندس. اوهان جي مرضي.“ سندس ساٿين دلين تي هٿ هنيا ۽ چيائون ”اسان جا سر بہ توتان قربان آهن. اسين توسان آيا آهيون، تون جيئن چوندين تيئن ڪنداسين“.

رات سڄي هنن ويهي گذاري. پوءِ جڏهن ڪڪڙن بانگ ڏني، ٿوري روشنائي نظر آئي تڏهن غلام حسين ساٿين ڪي چيو: ”توهين هتي ويهو. بالي ڪي مان پاڻ سان وٺيو ٿو وڃان، اسين وڃي ڏسي ٿا اڇون تہ ڪهڙي پاسي لڏو آ. مڙس ماڻهو ڪهڙي پاسي آهن. ننڍا ٻار ڪهڙي پاسي آهن. متان ننڍڙن ٻارن جو نقصان ٿي پوي. اسين پوري جانچ وٺي پوءِ موٽيو ٿا اچون پوءِ هلي حملو ڪنداسين“.

پوءِ اهي ٻئي چپندا، ٻيلي ۾ آهستي آهستي وڌڻ لڳا. نيٺ هنن ڏٺو لڏو برابر لٿل هو. رڍون بہ نظر آيون، گڏهہ بہ بينا هئا، جن ڪي چڙا ٻڌل هئا. ماڻهو بہ نظر آيا، جيڪي انهيءَ وقت ننڊ مان اُٿيا هئا. ڪنگهڪر پيا ڪن، جنهن پاسي غلام حسين هو، انهيءَ پاسي مرزو هو، اهو انهيءَ مهل ننڊ مان اٿيو ۽ اُٻاسي ڪري جڏهن ڪر پڳائين، متي ٿيو تہ غلام حسين جي نظر متس پئي. غلام حسين هڪل ڪري چيو ”خبردار جوان ٿجان. تنهنجو دشمن اچي متان بيٺو آ.“ مرزي بہ يڪدم بندوق ڪنئين پر تنهن کان اڳ غلام حسين فائر ڪيا. سندس ٻئي فائر وڃي مرزي ڪي سامهون لڳا. پر هو بہ جوان هو، ڏڪ سهي. فائر ڪيائين پر غلام حسين ٿورو جهڪي ويو ۽ فائر غلام حسين جي متي تان لنگهي ويا. هن وري يڪدم بندوق پري چوڙي. ايتري ۾ هنجو ياءُ شيرل بہ هڪل ڏئي غلام حسين ڏانهن پڳو. اتي سوجهرو ٿي ويو هو. غلام حسين جي ساٿيءَ بہ هن تي فائر ڪيو. انهيءَ وچ ۾ شيرل غلام حسين تي بہ فائر ڪيا. پر غلام حسين وري بہ جهڪي فائر گسايا.

جڏهن شيرل غلام حسين جي سامهون آيو ته غلام حسين فائر ڪيو. گوليون سڌو هن جي سيني ۾ لڳيون. هو هيٺ ويهي رهيو پر هڪل ڏنائين ”گتو آن.“ اهو ٻڌي غلام حسين وري ٻيو فائر ڪيو اي سي ڪارتوس هئا. اهي ٻه وجي هنڪي لڳا. هو ڪري پيو غلام حسين وري رائفل ڀري اپي ڪئي. ايتري ۾ شيرل جي ماءُ ڀڄندي آئي ۽ اچي پٽ جي مٿان ڪري. غلام حسين هٿ روڪي ورتو ته متان ڪراڙي مري نه پوي. ڪجهه دير غلام حسين انتظار ڪيو پوءِ وجي انهن جي مٿان بيٺو ڏٺائين ته ٻئي ختم ٿي چڪا هئا. غلام حسين جا ٻيا ساٿي ٻه فائرنگ جي آواز تي پهچي ويا. غلام حسين ڏٺو ٻيون زالون هيون، ٻار هئا ۽ شيرل وارن جو پوڙهو پيءُ پائي خان هو.

غلام حسين جا جيڪي ساٿي هئا سي اچي بي ايمان ٿا. هنن غلام حسين کي چيو: ”ڪوسن توسان برائي ڪئي آ، اسين هنن جو ٻانهون ڪٽنداسين.“ غلام حسين جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. هن چيو ”برابر ڪوسن مون سان برائي ڪئي پر هن ماين کي مان ڀيڻ ڪوٺيو آ، ماءُ سڏيو آ، مان هنن جو ڪير پيتو آ. زالون ڪنهن کي نه چونديون آهن ته فلاڻي جون زالون ڪٽو يا هنن سان برو ڪريو. ڪوسن ۾ غيرت ڪونه هئي، پر مون ۾ ته غيرت آ. جيڪي منهنجون ڀينرون ۽ مائرون آهن مان هنن جي بيعزتي ڪيئن ڪريان؟ اوهين منهنجا ساٿي آهيو. دوست آهيو، اوهان مونسان همدردي ڪئي آ. مان اوهان کي ڪجهه چئي نٿو سگهان. اوهان اڳ ۾ ماڪي ماري ڇڏيو. مان توهان سان مقابلو نه ڪندم. پوءِ پلي ٻانهون ڪٽي وجو“.

غلام حسين جا ساٿي خاموش ٿي ويا چيائون: ”ادا اسين ٻانهو نه ڪٽنداسين. اهي تنهنجون ڀينرون آهن ته اسان جون به ڀينرون آهن“.

غلام حسين شيرل وارن جي پي پائي خان وٽ آيو. چيائين: ”ماڪي خبر آ، تو پاڻ جهيڙو وڌايو آ. تو پنهنجي پٽن جي غلط ڪمن جي پنيرائي پئي ڪئي آ. مان توکي ماريان ڪونه ٿو. هاڻ تون پٽيندو رهه، جوان تنهنجا مري ويا. مان حق تي هوس. تنهنجا پٽ ناحق تي هئا“.

پوءِ غلام حسين خيرپور موٽي آيو ۽ پنهنجو لڏو اتئون ڪان ڪٽي رجهان وٽ تاج پور ۾ اچي رهيو.

# عجيب ڇوڪري

هڪ ڏينهن غلام حسين مان وٽ آيو ڳالهين ڳالهين ۾ چيائين ”ميرا هاڻ وري هلڻ گهرجي. جيڪا رقم هئي سا پوري ٿيڻ واري آ“.
غلام حسين جو ڪٽنب ڪافي وڏو هو ڪيس تي زالون ۽ تي پُٽ هئا. مان کيس چيو ”جيڪا تنهنجي مرضي. جڏهن به چئين مان هلڻ لاءِ تيار آهيان. ڇڙو گهر وارن کي ٻڌائڻو آ“.
هڪ ڏينهن اسين صبح جو ساجهر ساڳي ملڪ ڏانهن وڃڻ لاءِ نڪتاسين. مان گهر وارن کي ٻڌايو ته دوستن وٽ گهمڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون. ڪجهه مهينا لڳي ويندا.
هن دفعي اسين ٽي هئاسين. ٽيون غلام حسين جو سؤٽ عبدالرحمان هيو. اسين پهرين غلام حسين جي ڳوٺ وياسين. ست اٺ ڏيهاڙا اتي رهياسين. غلام حسين چار ٻين همراهن کي گهرايو. اسان ٽنهين وٽ رائفلون هنيون. جيڪي ٽي همراهه آيا هئا انهن مان به ٻن وٽ بندوقون هيون. گهوڙا ستن وٽ ئي هئا.
اسان کي پتو پيو هو ته دولت پور تعلقي جي ڳوٺ منگي جي واٽين وٽ ڏن گهٽو آ اسان کي اها به خبر پئي هئي ته ڳوٺ وڏو آ ۽ واٽين جي گهرن کي وڏو پڪ سرو ڪوٽ ٻڌل آ.
اسان الله جو نالو وني منگي جو رخ ڪيو. سج اجان ڪافي بينو هو، گرميون ختم ٿي چڪيون هيون. پر سيارو اجان شروع ڪونہ ٿيو هيو. هوا ٿڌي هئي. اسان منگي کان ڪجهه اوري جهنگ ۾ ترسي پياسين. ته پلي سج ڪجهه لڙي جهنگل کان ٻاهر ٻڪريون چري رهيو هيون. اوچتو ٻڪرين ۾ ٺاهه پيو ڪجهه ٻڪريون جهنگل ۾ پيجي آيون ٻڪرين جي پنيان انهن جو ڌنار به جهنگل ۾ گهڙي آيو ۽ اوچتو اچي اسان جي اڳيان بينو. اسان کي ڏسي هو ڏڪي ويو. اسان جهٽ ڏئي هنڪي قابو ڪري ورتو. سوچيوسين ته: ”هن کي ڇڏيوسين ته وڃي ڳوٺ ۾ ڄاڻ ڪندو. تنهن ڪري کيس چيوسين پٽ ويهي رهه“. نوجوان ڇوڪرو هو، مانڙي ڪري ويهي رهيو. اسان انتظار پئي ڪيوسين، ته سج هيٺ ٿئي ته منگي تي چڙهائي ڪريون. ڇوڪرو اسان سان ائين رلي ملي ويو. ڄڻ اسان جي ٽوليءَ جو آهي. هن چيو ”ماڪي سمجهه ۾ اچي ٿو ته اوهين ڏاڙيل آهيو ڪنهن ڏاڙي تي وڃو ٿا. جيڪڏهن اوهان کي ڏاڙي جو شوق آ ته هڪڙو ڏاڍو سنو ڏاڙو آ مان انهيءَ ۾ اوهان جي مدد ڪري سگهان ٿو“.

اسان کيس اهو انت ڪونہ ڏنو هو تہ اسين ڪو واقعي ڌاڙو هڻڻ وڃون ٿا. اسان کيس چيو ”اسان تہ اڳتي پي وياسين، پر واقعي اهڙو ڌاڙو آ تہ اسان کي ٻڌاءِ“. ڇوڪري منگي جي ساڳين واٽين جي باري ۾ ٻڌايو. اسان صفا اڻ ڄاڻائي ڏيکاري ۽ پوءِ چيوسين تہ : ”تون اسان سان رلجي هل. هن ڪجهہ دير سوچيو ۽ پوءِ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هن ٻُٽ ٻڌي. چاڪاڻ تہ ائين هلي تہ ڳوٺ وارا ڪيس سڃاڻي وٺن ها“.
اهو ڇوڪرو اسان کي منگي ۾ سڌو واٽين جي ڪوٽ آڏو وٺي آيو. ڪوٽ کي وڏو ۽ مضبوط در هيو. در ڪليل هو ۽ پٽر ۾ واٽيا وينا هئا. اسان در وٽ پهچي چئني طرفن فائر ڪيا ۽ هڪلون ڪيونسي تہ: ”جو جتي آ اتي چپ چاپ ويهي رهي. اگر ڪو بہ ڪڇندو تہ مارجي ويندو“. اسان جي هڪلن ۽ هوائي فائرن تي هو ڊڄي ويا ۽ جو جت هيو اتي جمي ويو. ٿورو پريان پنج اُٺ وينا هئا ۽ پرسان واٽين جون بندوقون پيل هيون. پر انهن ۾ ايتري جرئت ڪونہ هئي. جو هٿيار ڪڻي سگهن. اسان يڪدم انهن جي هٿيارن تي قبضو ڪري ورتو.
اسان سڄي ڪوٽ تي قبضو ڪري ورتو سين، پر اهو ڳوٺ هو وڏو. سڄي ڳوٺ جي خلق اچي ڪني ٿي. زبردست جهيڙو ٿي پيو. هنن اسان تي بندوقون ڇوڙيون اسان بہ فائر ڪيا. اسان مان ڇهہ اندر هئا ۽ هڪ در تي بينو هو، جهيڙو وڌيو تہ اسان مان بہ ٻيا بہ در تي ويا ۽ اسان بہ زبردست فائرنگ ڪئي. نيٺ وڏي ويڙهہ کانپوءِ اسان انهن کي پڄائي ڪڍيو ۽ گهٽي خالي ٿي وئي. اهي سيئي مسلمان هئا ۽ ڳوٺ جي واٽين کي بچائڻ لاءِ آيا هئا.
اسان جڏهن مال ملڪيت ڪني ڪرڻ لڳاسين تہ: اسان جي پر ۾ هڪ مهتي اچي ويهي رهي. نوجوان ڇوڪري هئي پر شهزادي هئي. اهڙي سونهن مان تہ اڳ ڪڏهن ڏني، نہ وري ڄمار ۾ ڏٺم. پهرين تہ هوءَ اسان کان ڊني پي، پر اسان کيس چيو، ”مائي پٽ ٻچا تون ڊڄ نہ. اسين توکي هٿ نہ لائيندا‌سين. اسين ملڪيت جا گهور (گهڙندڙ) آهيون. تون فڪر نہ ڪر.“ ڇوڪري ڪجهہ دير تہ چپ ڪيو ويٺي رهي، پوءِ اسان کي پاڻ سان وٺي هلي، ۽ هر اها ڪوٺي هر اها جاءِ ڏيکاري جتي ملڪيت هئي.
هنن وٽ سون پئسا ۽ ڪپڙو بي انداز هو. اسان ست ئي گهوڙا سامان سان پريا. ڪپڙي جون هڙون ٻڌي ڇلهيون ڪندا هئاسين ۽ پوءِ ڇلهيون ڪڻي گهوڙن جي مٿان رکندا هئاسين. اسان اجان وڃڻ جي پيا ڪريون تہ ڳوٺ وارا ڦري آيا ۽ اسان تي حملو ڪري ڏنائون. انهيءَ وقت در تي اسان جو فقط هڪڙو ماڻهو هو. ڳوٺ وارن سڄو زور در تي لڳايو ۽ همٿ ڪري در بند ڪري ٻاهرائون تالو ڏيئي ڇڏيائون. در ڏاڍو مضبوط هو. ڀڃڻ جو تہ سوال ئي ڪونہ هو. ڪوٽ سان لڳ ڪاءِ بہ نہ هئي جنهن جي مٿي ٽپي ڀڄي سگهون.

اسان کي اهو فڪر ورائي ويو ته هاڻ نڪرنداسين ڪيئن. اسين در جي پر ۾ اچي بيٺاسين. اسان جي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته هاڻ ڇا ڪريون. ايتري ۾ اها شهزادي وري اسان وٽ آئي ۽ چيائين ادا اچو مان اوهان کي ڏاڪڻ ڏيکاريان. اها ڇوڪري تڪي تڪي هڪ پاسي وڃڻ لڳي. اسان کي خيال ٿيو ته متان ڪٿي اها ڇوڪري اسان کي ڦاسائي نه وجهي. اسان پنهنجا به همراهه هنجي ڪڍ ڪياسين. ٿوري دير ۾ اسان ڏٺو ته ڪوٽ جي ٻاهران ايتري خلق جمع ٿي وئي هئي. جنهن جو شمار ڪونه هو. اسان هڪلون ڪري وٺي فائر ڪياسين. رڙ ڪري چيوسين: ”خبردار اسان واٽين جو ڏاڙو ٿا ڪريون، اوهين مسلمان ناحق مري وينداٰ. اوهين هنن ڪاڻ ڇو ٿا پنهنجي جان ڏيو“. هڪڙي نوجوان هڪل ڪري چيو ”اهي واٽيا ڪونه آهن. اسان جا يائر آهن. هنن جو زالون اسان جو مائر ۽ ڀينر آهن. اسان جو ابو امان هڪ آهي. توهين چور آهيو.“ اسان وري فائر ڪيا، پر انهن مان ڪو به ڀڳو ڪونه. پوءِ اسان انهن جي پيرن ۾ فائر ڪيا. هرو ڀرو ماڻهو مارڻا به ته ڪونه هئا. پوءِ چار ماڻهو جن ۾ اهو نوجوان به شامل هو. اچي در جي هيٺيان ويهي رهيا. باقي خلقت ڀڄي وئي.

اسان کي انهن چئن ماڻهن جي سڌ ڪونه پئي ته ڪي اهي در جي هيٺيان لڪل بيٺا آهن. اسان سمجهيو ته سڀئي ڀڄي ويا آهن. اسان ڏاڪڻ اندران ڪٽي ٻاهرئين پاسي رکي ۽ غلام حسين ان تان لهڻ لڳو. اوچتو اهي چارئي اچي ڏاڪڻ جي سامهون ويهي رهيا. هاڻ اسين ڇا ڪريون. غلام حسين ڪجهه ڏاڪا لهي چڪو هيو. انهن اسان کي هڪلون ڏنيون ۽ گاريون ڏيڻ لڳا: ”جوءِ جا .... هاڻ لهو ته توهان جي خبر وٺون“. مان انهن جي پير وٽ فائر ڪيا ۽ چيم : ”بابا اوهين مسلمان آهيو. اسان جو جهيڙو اوهان سان ڪونهي. اوهين ڀڄي وڃو“. پر هن نوجوان هڪل ڏيئي چيو ”گيدي چور، اسان کي تو ڀڄڻ جي صلاح ڏين. ماءُ جا... اسين توهان جو اڄ انت آڻيندا سين“. مون کي هن نوجوان جو قدر هيو ۽ مان ڪنهن مسلمان کي مارڻ نٿي گهريو. پر جڏهن هن بندوق اپي ڪري غلام حسين جو نشانو ورتو ته مان يڪدم فائر ڪيو. گولي سڌي وڃي انهيءَ نوجوان جي مٿي ۾ لڳي. هن ٿيڙ کاڌو پر حوصلو جهلي در ڏانهن ڀڳو. ٻيا ٽي همراهه به هن جي پنيان پٽ جي آڙ ۾ ٿي ويا. هن نوجوان رڙ ڪري چيو ”گٽو آهين جوءِ جا“ ... ماڪي به ڪاوڙ اچي وئي. مون رڙ ڪندي چيو: ”ماءُ جا .... گولي ماڻهين جي .... ۾ لڳي اٿئي ڇا. اجهو تو لاشو ڪري“. وري رڙ ڪري چيم ”چاچو توهان جو مري ويو. هاڻ توهين ڀڄو نه ته سڀني جا لاشا اتي ڪرندا“. ايتري ۾ انهيءَ نوجوان جو لاش ٿيڙ کائي اچي سامهون ڪريو. ٿوري دير ڪانپوءِ هنن اسان کي چيو ”اسين اوهان تي حملو نٿا ڪريون. اسان کي مهلت ڏيو ته اسين پنهنجو هيءُ ماڻهو کڻي وڃون“. اسان کين مهلت ڏني. هو پنهنجي ماڻهوءَ جو لاش کڻي ويا. اسين انهيءَ ڏاڪڻ تان لهي هيٺ آياسين. اسين پاڻ سا رمبا کڻندا هئاسين ته متان ڪٿي پتين

کي ڪاٺ هٽٺو پوي. اسان اهي رمبا وجهي. تالا ڀڳاسين. هنن تي چار تالا لڳائي ڇڏيا هئا. مس مس ڪري تالا ٽٽا. پوءِ اسان دروازا کولي اندر وياسين. سامهون اها شهزادي ڇوڪري ويٺي هئي. اسان تي نظر پئي ته مرڪي ڏنائين.

اسان جي ڳوٺ وارن سان ويڙهه چڱو وقت هلي هئي ۽ هاڻ چڱي اونداهه ڦهلجي وئي هئي. انهيءَ ويڙهه مان فائدو کٽي واٽين گهٽي ملڪيت گهوڙن تان لاهي لڪائي ڇڏي هئي. اسان سوچيو هاڻ وقت گهٽو تي ويو آ. متان ڪو پوليس کي خبر ڪرڻ ويو هجي. هاڻ اسان جو نصيب جيڪو آ سو ئي نيڪ آ. هوءَ شهزادي وڏي اسان وٽ آئي ۽ چيائين ”هلو ته مان ڏسيان ته ڪٿي ڪٿي ملڪيت لڪائي اٿن.“ پر اسان چيو ”نه مائي هاڻي بس اسان لاءِ اهو ڪافي آ. هن ڇوڪريءَ جو منهن لهي ويو. ماڪي ته ائين پئي لڳو ته اسان جي وڃڻ جو ڪيس ڏک پيو ٿئي“.

اسين گهوڙن تي چڙهي ٻاهر نڪتاسين. ٻاهر وري خلقت جمع ٿي وئي. ائين پئي لڳو ته ڏاڙي جو ٻڌي آسپاس جي ڳوٺن جا ماڻهو به اچي ويا هئا. هڪ دفعو وري ويڙهه ٿي. پر اسان وارا همراهه ڏاڍا بهادر هئا. اهڙا فائر ڪيائون ۽ اهڙيون هڪلون ڏنائون جو هنن کي پڄٽو پيو.

اسان کي انهيءَ ڏاڙي ۾ تي ڪلاڪ لڳي ويا نه ته عام طور تي ڏاڙي ۾ اڌ ڪلاڪ يا ڪلاڪ لڳندو هو.

اڄ به جڏهن هن شهزادي ڇوڪريءَ جي بابت سوچيندو آهيان ته ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آ ته هن اسان جي ايتري مدد ڇو ڪئي. اهي سندس مائٽ نه هئا. زوري هتي رهيل هئي يا ڪنهن ٻئي کي پسند ڪندي ۽ سندس مائٽن انهيءَ سان شادي نٿي ڪرڻ ڏني. يا ڪا ٻي ڳالهه هئي، پر ايڏو وقت ڪونه هيو جو هن ڪان انهيءَ جو ڪارڻ پڇي سگهان ها. بهرحال ڳالهه اڄ به سمجهه ۾ نٿي اچي. اسين ڳوٺ کان ٻه ميل پري جهنگ ۾ اچي ويناسين ته جيئن مال ملڪيت ورهائجي. سيني سيڪجهه ڪڍي ٻاهر رکيو اسان سٽن وٺ مال گهٺ نڪتو، سير ڪن سون هو. اسين جهيڙي ۾ رڌل هئاسين ۽ جيڪو مال گڏ ڪيو هيو سي واٽيا وري کٽي ويا هئا. پر اهو ڏنار جيڪو اسان سان رلجي آيو هو، هو پورو وقت مال ملڪيت گڏ ڪندو رهيو. هن وٽ جهجهو مال هو. اٽڪل ساڍا چار سير ڪن سون هوس، دهريون هئس، هار، چوڙيون، ايرنگ گهٽو ڪجهه هوس.

اسان فيصلو ڪيو ته اسان جو مال واٽيا کٽي ويا، پر هنجو بچي ويو، اهو هنجو نصيب هو. تنهن ڪري اها سموري ملڪيت انهيءَ کي ڏجي. انهيءَ ڪان ڪا به شيءَ نه ونجي. اسان سندس گڏ ڪيل سمورو مال ڪيس ڏئي ڇڏيوسين ته: ”اهو حق تنهنجو آ“. پر اسان ڪيس سمجهايو ته ”بابا تون آن ڏنار ملڪيت ظاهر ڪئي ته پڪڙجي پوندين. هڪڙو ڪم

ڪر هيءُ سمورو مال ڪنهن ٺانو ۾ وجهي، پوري ڇڏجانءِ. اصل ظاهر نہ ڪجان. جيڪڏهن ظاهر ڪئي تہ اسان ڇهين مهيني يا سال ڪانپوءِ موٽي ايندا سين ۽ توسان وڙهنداسين. جڏهن ڳالھ صفا نري پوي، تڏهن اهو ٺانو ڪڍجانءِ“.

اسان جڏهن ڇهين يا اٺين مهيني موٽياسين تہ انهيءَ ڏنار ڇوڪري کي گهرايوسين. هن ٻڌايو تہ : ”اوهان جي چوڻ تي اهو مال پوري ڇڏيو هو. اهو مال اجان ڪڍيو ڪونہ اٿم. نہ ئي پيءُ يا ڀاءُ کي ڪا سڌ ڏني اٿم“.

اسان ڪيس شاباس ڏني ۽ سندس پيءُ کي گهرايوسين. هو ذات جو زرداري هو. سندس پيءُ کي اسان ٻڌايو تہ : ”تنهنجي پٽ اسان سان جوڙ ڪيو هو. تنهن ڪري همدرديءَ ۾ اسان ڪيس ملڪيت ڏني هئي. اها ملڪيت گهٽي آ، تمام گهٽي آ. انهيءَ کي يڪدم ظاهر ڪندا تہ ڦاسي پوندا. اوهان وٽ جيڪي ٻڪريون اٺ ۽ ڏاند آهن انهن سيني کي وڪٽي، زمين ٽڪر وٺو ۽ پوءِ هن ملڪيت کي آهستي آهستي وڪٽي زمين وڌائيندا وڃو“.

هن اسان جي ڳالھ تي عمل ڪيو مال ڏال وڪٽي وڃي زمين ورتائون ۽ پوءِ اها ملڪيت ملائي زمين وڌايائون ۽ آهستي آهستي ڏاڍا سُکيا ٿي ويا. اسين جڏهن بہ وٽن ويندا هئاسين، تہ ڏاڍي عزت ڏيندا هئا. جنهن بہ شيءَ جي ضرورت پئي انهيءَ وقت حاضري ڪري ڏيندا هئا.

منگي واري ڏاڙي ڪانپوءِ اسين اٺ ڏينهن ٻيلي ۾ رهياسين. پوءِ اسان کي خبر پئي تہ قاضي احمد جي پرسان هڪڙو ڳوٺ آ، هينئر ڳوٺ جو نالو ياد نٿو پوي، اتي جي واڻين وٽ بہ ملڪيت جهجهي آ. اسان جا جاچوس (جاسوس) هوندا هئا، جيڪي اچي اسان کي خبر گيرو ڪندا هئا تہ ڪنهن ڪنهن وٽ ملڪيت آ. اها خبر بہ اسان جي جاچوس ٻڌائي هئي.

اسين ٽي هئاسين، بہ همراھ اسان ٻيا ڪنيا گهوڙن تي چڙهي انهيءَ ڳوٺ ۾ وياسين. ڏينهن اجان ٽڏا هئا سج لهي چڪو هيو. اڪثر اسين سياري ۾ ڏاڙا هڻندا هئاسين پر اها اونهاري جي موسم هئي. اسين اڪثر سوجهري ۾ ڏاڙا هڻندا هئاسين تہ خبر پوي تہ سامهون ڪيترا ماڻهو آهن ۽ پريان ايندڙ بہ نظر اچي سگهن.

جنهن واڻيئي جو اسان ڏاڙو هنيوسين جيتري قدر مانکي يادگيرو پوي ٿو، انهيءَ جو نالو ساڌو هيو. وڏو سکيو آسودو واڻيو هو. وڏو زميندار هو، پنهنجا دڪان بہ هئس.

اسين سندس گهر ۾ گهڙي پياسين. مان ۽ غلام حسين در جي پاسي تي بيناسين. باقي ٽن همراهن کي موڪليوسين تہ وڃي ڪوٺين مان مال ملڪيت ڪٽي اچن. انهن کي جو ڪجھ هٿ آيو تي سو آڻي ٻاهر پي رکيائون. اسان جي همراهن کي سختيءَ سان منع ٿيل هئي تہ ڪنهن بہ زائفان کي هٿ نہ لائجو. جڏهن سمورو سامان اڳڻ ۾ پهچي ويو تہ اسان

ٻن همراهن کي اتي بيهاريو ۽ مان جانچ لاءِ ڪوٺين ۾ اندر لنگهي ويس. ٻن ٽن ڪوٺين ۾ ته اتان سمورو سامان اسان وارا همراهه ڪڍي آيا هئا. هڪڙي ڪمري ۾ ويس ته ڏٺم. هڪڙي مائي، منهن تي هٿ ڏيو بيٺي روئي، مان هن مائي جي ويجهو ويس ۽ ڪائنس پڇيم: ”مائي تون ڇو ٿي روئين“؟ مائيءَ ڇرڪ ڀريو ۽ ڏڄي پنتي هٽي وئي. مان اڳيان ڪونه وڌيس. اتان ئي بيٺي چيم ”امان نه رو. ماکان ڏڄ نه. اسين زائفن تي هٿ نه کڻندا آهيون“. مائيءَ ۾ ڪجهه حوصلو پيدا ٿيو. هن آهستڙي چيو ”ادا هي منهنجو پيڪو آ، منهنجي شادي نوابشاهه جي اوري ٻچيريءَ ۾ ٿي آ. مان مائٽن سان ملڻ آئي آهيان. اوهان منهنجي پيتي به ڪڍي ويا آهيو. انهيءَ ۾ منهنجا ڳهه ڳٺا آهن. هاڻ جڏهن مان ساهري ويندس ته اهي ماکي مهڻا ڏيندا ته: پيڪن وئي ته پنهنجو سڀ ڪجهه ڦرائي آئي. سڄي ڄمار مان سان تعديون ڪندا“.

مانکي ڏاڍو خيال ٿي پيو. واقعي ساهرا ته ڪيس طعنن ۾ ئي ڇني ڇڏيندا. واٽين ۾ ڏيتي ليتي جي لعنت گهڻي آ. وري جو هيءَ پيڪن ۾ سڀ ڪجهه ڦرائي وڃي ته هنجي حياتي جنجال ٿيڄي ويندي. تنهن ڪري مان چيومانس ”مائي بابا تون رو نه. مان سان گڏ هل هلي پنهنجي پيتي سڃاڻ. مان توکي اها موٽائي ڏيندم“.

پر هوءَ اڳتي اچڻ جي بدران ڪجهه قدم پوئتي هٽي وئي. مانکي هن تي ڏاڍو قياس آيو هوءَ ويچاري مهتي، هنکي ڏپ لڳو ته نه ڄاڻ مان ساڻس ڇا ڪريان. سو ٻاهر اچڻ جي نه پئي ڪري. مان چيومانس ”پٽ تو ڏپ نه ڪر. تنهنجو ڪو به نالو نه وٺندو. تون خالي پنهنجي پيتي ڏس. ماکي ڪهڙي خبر ته تنهنجي پيتي ڪهڙي آ. تون خالي پنهنجي پيتي هلي سڃاڻ.“ پر مائي هلڻ لاءِ تيار نه هئي. اسان وٽ وقت گهٽ هيو، وڌيڪ دير مان اتي بيهي نٿي سگهيس، تنهن ڪري مائيءَ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ ڇڪيندو ٻاهر وٺي آيس.
مان هن کي ڇڪيندو ڪوٺيءَ کان ٻاهر نڪتيس ته پريان غلام حسين جي نظر مان تي پئي. هو ڳاڙهو ٿي ويو. مان تي رائفل اڀي ڪري رڙ ڪري چيائين: ”هي ڇا ٿو ڪرين ڪڍ زائفان مان هٿ.“ هن سمجهيو هو ته مان زائفان جي عزت ٿو لٽيان. مان چيو ”رائفل هيٺ، پليو آن، مان جوان آن، ڪو پاڙيو نه آن. تو غلط شڪ ڪيو آ. هنکي وٺي آيو آن ته پنهنجي پيتي سڃاڻي.“ پوءِ مون پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي مانس.

مائي پنهنجي پيتي سڃاتي. اسان ڪيس پيتي ڏني ۽ چيوسين ته: ”پيتي کولي ڏس ته سڀ شيون پوريون آهن يا ڪا گهٽ آ.“ مائي چابي هٿي ڪلف کوليو ۽ ڏٺائين سڀ زيور ۽ ڪپڙا پيل هئا. مائي چيو ”ادا منهنجو سڀ ڪجهه آ“.

جڏهن اسان موٽياسين ته جهيڙو ٿي پيو. ڳوٺ وارن اسان تي حملو ڪري ڏنو. هنن اسان تي فائر ڪيا. اسان به انهن تي فائر ڪيا ۽ فائرن جي وچ مان پاڻ بچائي نڪري آياسين. اسان جيڪي فائر ڪيا انهن مان هڪ گولي نم جي وڻ مان پار ٿي وئي.

ٻئي ڏينهن اسان کي ڪن ماڻهن اچي ٻڌايو ته ڏاڙي جي جانچ ونڻ لاءِ ايس پي پاڻ آيو هو. هن جو نم جو اهم وڻ ڏٺو ته حيران ٿي ويو. چيائين ”خبر ناهي هٿيار ڪهڙي قسم جو آ؟ جنهنجي گولي وڻ کي چيري وئي آ. هنن جي پوئتان ڪونه هلنداسين. اهي شايد جيل جا ماڻهو هئا. انهن جو پيڇو نه ڪبو موٽي هلبو“.

اسين ڏهه ٻارنهن ڏينهن ڪنداهه ۾ رهياسين ملڪيت اسان اڳ ۾ ئي ورهائي ڇڏي هئي. پنهنجي ملڪيت ڪٺي گهوڙن تي چڙهي موٽي آياسين. اسان سان جيڪي ٻيا همراهه هلندا هئا. انهن کي ڪڏهن انت نه ڏنوسين ته ڪاٽي رهندڙ آهيون. غلام حسين کي اهي سڃاڻندا هئا، پر ماڪي ڪونه سڃاڻندا هئا. مان ات گونس بخش (غوث بخش) سڏائيندو هوس.

پوءِ اسين ٽئي همراهه اڳي وانگر سفر ڪندا، منزلون هٽندا، پنهنجي ملڪ رُجهان اچي پهتاسين. غلام حسين وري علي محمد مهر تي ويو ۽ مان گونس بخش مان ڦري ميرو ٿيس.

بس پوءِ اهڙيءَ ريت رجهان ۾ سال ڇهه مهينا رهي وري شونق شڪار تي نڪرندا هئاسين. مان غلام حسين سان پندرنهن سورنهن سال ساڻ رهيس. ايتري عرصي ۾ اٽڪل ويهه پنجويهه دفعا ويو هوس. گهڻي ڀاڱي نوابشاهه ضلعي ۾ ڌاڙا هنياسين. چاڪاڻ ته غلام حسين کي اتان جي پوري خبر هوندي هئي. ٻين ضلعن ۾ تڏهن ويندا هئاسين، جڏهن جاچوسي سني ٽيل هوندي هئي. سکر ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ به ڌاڙا هنياسين. ڪيترا دفعا ڏاڙي وقت وڏا جهيڙا ٿي پيا. ڪڏهن ماڻهو به مارجي ويا.

مختلف هنڌن تي ڌاڙا هٽندا هئاسين، پر جتي رهيل هئاسين يعني رُجهان ۾ يا آس پاس ڪڏهن به ڌاڙا نه هنياسين.

# ڪوڙو الزام

غلام حسين تاجپور ۾ رهندو هو اتي هنجي قائم خان سان دوستي هئي. قائم خان جعفر خان جماليءَ جو سڳو مامو هو. غلام حسين قائم خان جي گهر ايندو ويندو هو. قدرت خدا جي قائم خان جي گهر واري کي خدا ٻچڙو ڪيو. هن غلام حسين ۾ اکيون وڌيون. مائي غلام حسين تي اصل چتي ٿي پئي ۽ چاهي پئي ته غلام حسين به کيس پيار ڪري. مائي گهڻا اشارا ڪيا. پر ڏنائين ته غلام حسين (اتي علي محمد) ته سونت ئي نٿو ڏئي نيٺ منهن پڪو ڪري دل جي ڳالهه غلام حسين سان ڪيائين. غلام حسين ڪاوڙ ۾ تپي باهه ٿي ويو چيائين "مان جوان آهيان، تون مونکي بيعزت سمجهيو آ ڇا، جو مان دوست جي غيرت ۾ اکيون وجهندس". پوءِ غلام حسين قائم خان جي گهر وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو.

هڪ ڏينهن غلام حسين وٽ تاجپور ويل هوس جمعي جو ڏينهن هو. اسين نماز پڙهي، مسيت مان نڪتاسين ته سامهون ڪان قائم خان آيو پي. مون سان هٿ ملائي غلام حسين کي ڀاڪر پاتائين ۽ چيائين ته:

"ادا، هل منهنجي گهر هل". غلام حسين ٽاريو ته هلڻ لاءِ گهليائين. جڏهن غلام حسين ڏٺو ته هي مڙي ڪونه ٿو ته چيائين "ادا ٻڌ. دوستي تنهنجي ۽ منهنجي آ. تنهنجي گهر وارن سان نه. تنهنجي گهر نه هلنديس." قائم حيران ٿي پڇيو "پر منهنجي گهر ڪهڙو ڏوهه ڪيو آ جو تون نه هلندين". غلام حسين ڪجهه دير ته ماٺ رهيو پوءِ شرم منجهان ڪنڌ جهڪائي چيائين "ادا دل ۾ نه ڪجان. تنهنجا ٻار مون سان يوڳ ڪندا آهن. مان اهڙو جوان نه آهيان، جو انهن جو مسخريون سهان." غلام حسين ان سڌيءَ طرح ڳالهه ڪئي. قائم خان به ڳالهه سمجهي ويو ۽ هلڻ لاءِ وڌيڪ زور نه پريائين.

انهيءَ ڳالهه کي پندرهن ويهه ڏهاڙا گذري ويا هئا. غلام حسين ماڪي سموري ڳالهه ٻڌائي هئي ته انهيءَ ڳالهه ڪري مان قائم خان جي گهر ڪونه ويندو آهيان جو سندس گهر واريءَ جي نيت خراب آ، مان ڪيس صلاح ڏني ته تون قائم خان جي گهر نه وڃجان. هڪ ڏينهن اوچتو قائم خان جو پٽ غلام حسين کي گهران سڏڻ آيو، چيائين بابا کي ضروري ڪم آ، توکي سڏيو اٿس. غلام حسين جي دل تان اوڏيءَ مهل ڳالهه لهي وئي ۽ هيءُ قائم خان جي گهر هليو ويو. جڏهن هو قائم جي گهر پهتو ته ڏنائين ته قائم خان جي پيڻ ۽ گهر واري ٻيئي هيون. قائم خان جي پيڻ اچي غلام حسين جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ چيائين ادا هل هلي اندر ويهه. غلام حسين پڇيو "قائم خان ڪاٿي آ" چيائون ڪم سان ويو آ، ٿوري دير ۾ اچي ٿو. جڏهن هيءُ ڪمري ۾ ويو ته ٻئي مايون کيس چنبڙي ويون. قائم جي پيڻ چيو ادا علي محمد منهنجي ڀاڄائي توکي ڀانئين ٿي، تون به کيس قرب ڏي. غلام

حسين تپي ٻاهر ٿي ويو. ٻنهي کي ڪاوڙ ۾ ڏک هٽي ڪديائين ۽ يڪدم گهران ٻاهر نڪري آيو، غلام حسين کي ايڏي ڪاوڙ هئي جو پنهنجي گهر ٻه ڪونه ويو، ڪٿوهڙن جي شهر هليو ويو.
هوڏانهن مائين کي اچي ڊپ لڳو ته متان علي محمد (غلام حسين) قائم کي نه ٻڌاءِ، سو قائم خال جي زال ڇا ڪيو جو، پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ويهي رهي. جڏهن قائم آيو ته روئي دانهن ڏنائي ته: ”تنهنجو دوست علي محمد آيو هو. هن مون ۾ هٿ وڌا ۽ منهنجا ڪپڙا به ڦاڙي ڇڏيائين“. قائم جي پيٽ به سُر ونرايو. قائم کي انهيءَ ڳالهه تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، سو انهيءَ وقت گهوڙي تي چڙهي رجهان مير جعفر خان جماليءَ وٽ دانهن ڪٽي آيو ۽ اچي ٻڌايائين ته: ”علي محمد مهر منهنجي گهر گهڙي منهنجي زال سان اهڙي حالت ڪئي آ“.
جعفر خان جمالي کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. ٻيو ڪنهن سان اهڙي حالت ٿئي ته به ڪاوڙجي ها، هيءُ ته سندس سڳو مامو هو. جعفر خان جمالي يڪدم پندرهن سورنهن مڙس سڏرايا ۽ انهن کي حڪم ڏنائين ته : ”يڪدم وڃو ۽ علي محمد مهر جتي به هجي هنجي سسي لاهي ڪٽي اچو. ماڪي ٻي ڳالهه اصل نه ٻڌائجو“.
انهن مڙسن ۾ قلندر بخش رند نالي همراهه به هيو. جيڪو منهنجو دوست هو هن کي منهنجي ۽ غلام حسين (علي محمد) جي دوستيءَ جي خبر هئي، هو يڪدم گهوڙي تي چڙهي منهنجي ڳوٺ آيو ۽ ماڪي اچي ٻڌايائين ته تنهنجو دوست علي محمد مهر پرديسي جوان آ، هن هيءَ حرڪت ڪئي آ. ڳالهه ڪيتري سچ آ، ڪيتري ڪوڙ، مير جعفر خان ڪاوڙيل آ، هن حڪم ڏنو آ ته علي محمد جي سسي وڍي اچو. هاڻ تون يڪدم وڃي ڪيس اطلاع ڪر ته جيڏانهن اچي پيجي وڃي نه ته مارجي ويندو. مير جعفر خان جماليءَ جا ماڻهو غلام حسين جي ڳوٺ تاج پور پهتا ۽ غلام حسين ته هتي هيو ڪونه سندس پاءُ کي چئي ويا ته علي محمد کي مير جعفر خان جمالي سڏايو آ، ڪيئن به ڪري پئدا ڪر. مونکي پتو پئجي ويو ته غلام حسين ڪٿوهڙن جي ڳوٺ ويو آ، مون اوڏانهن ماڻهو موڪلي ڪيس چورائي موڪليو ته ”پنهنجي ڳوٺ متان اچين، پرسان سومرن جو ڳوٺ آ، تون اتي پهچ. مان هتي اچان ٿو توسان هڪ حقيقت ڪرڻي آ“.
ماڻهوءَ کي ڪٿوهرن موڪلي، مان سومرن جي ڳوٺ ويس. ڪجهه دير ڪانپوءِ غلام حسين به ات پهچي ويو. مون ڪيس سچي حقيقت ٻڌائي. ڳالهه ٻڌي هو حيران ٿي ويو ۽ پوءِ غلام حسين مانکي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي. مان چيو مانس ”تون سچو آن، مان تنهنجو سچو دوست آن، ماڪي تنهنجو سر عزيز آ، في الحال تون پاسيرو ٿي وڃ. مان توکي ٻئي هنڌ وني ٿو هلان. في الحال تون اتي هلي رهه. تنهنجو تاج پور وڃڻ مناسب ڪونهي. ماڻهو اتي پهچي ويا آهن. انهن وٽ هٿيار آهن“. مان ڪيس جيڪماباد وني آيس. اتان پوءِ آباد جي

شهر پهتاسين. اتي محمد خان جت نالي مهنجو دوست هيو. مان اچي هن کي اتي رهايو. مان محمد خان کي چيو: "ائين کري سمجهه تہ هيءُ منهنجو مرشد آ، تون جيڪڏهن منهنجو سچو دوست آن تہ هن جو پوريءَ طر ح خيال رکج، ماکي پوئٹون کو کم آ، مان اُهو لاهي وريو ٿو اچان".

ٻئي ڏينهن مان ڳوٺ آيس تہ گهر ۾ اصل ماتم هجي. گهر وارن ماکي چيو: "تو ظلم ڪيو، توتي جعفر خان جمالي سخت ڪاوڙيو وينو آ. هنجو چوڻ آ تہ تو علي محمد مهر جي ڀڄائڻ ۾ مدد ڪئي آ، توکي ماريو وجي، ڇاڪاڻ جو تو ڪاري جي مدد ڪئي آ".

مان سڌو مير جعفر خان جماليءَ وٽ ويس، انهيءَ کان اڳ جو مير ماکي چوي، مان چيومانس: "ٻڌو اٿم تہ تون مان تي ناراض آن. مان کهڙو ڏوهہ ڪيو آ". مير چيو: "علي محمد مهر ڪارو آ. تو ڪاري جي مدد ڪئي آ، هن سان همدردي ڪئي ٿئي. اجا پڇين ٿو تہ ڇا ڪيو آ. تو ڏوهہ جو ڪم ڪيو آ. توکي بہ اهڙي ئي سزا ڏجي جهڙي ڪاري کي ڏبي آ". مان چيم "تنهنجو حڪم اکين تي پر مان کو بہ ڏوهہ نہ ڪيو آ. مانکي ڪا بہ خبر ڪا نہ هئي تہ علي محمد کو ڏوهہ ڪيو آ يا نہ. پر جي تون حڪم ڪرين تہ مان سندس سري ڪپي آڻي تهنجي آڏو رکان. انهيءَ ڳالهہ تي مير خوش ٿيو ۽ هن جي مون تان ڪاوڙ ڍري ٿي".

مير جعفر خان جمالي ماکي چيو: "هي پنج سؤ رپيا اٿئي، هي کڻ. اهي خرچ پکي لاءِ ٿئي. يا تہ مان وٽ علي محمد کي حاضر ڪر، يا سندس لاش منهنجي آڏو آڻ. تون پنهنجو فکر نہ ڪر مان وينو آن".

مان پنج سو رپيا ڪنيا ۽ جڪماباد کان ٽيندو سڌو آباد پهتس. مان پنج سو آڻي غلام حسين جي آڏو رکيا. غلام حسين حيران ٿي مان کان پڇيو "هي ڇا آ". مان چيومانس "تنهنجي سر جي قيمت". حيران ٿي پڇيائين "سو وري ڪيئن!" چيم "مير جعفر خان جماليءَ چيو آ تہ علي محمد مهر کي يا تہ جيئرو پڪڙي اچ يا سندس سر لاهي اچ". غلام حسين چيو "ادا تون منهنجو دوست آن، منهنجو همدرد آن، مان پنهنجو پاڻ تنهنجي حوالي ڪيان ٿو. توکي اختيار آ. جيئن وڻئي تيئن ڪر." مان چيومانس "مان پاڙيو نہ آهيان. مان مڙس آن. مان تنهنجو دوست آن. مان پنهنجو سر تہ وڃائي سگهان ٿو پر پنهنجي جيئري توکي هٿ لائڻ بہ ڪنهن کي نہ ڏيندس".

مان انهيءَ وقت جيڪماباد ويس ۽ وجي اتان ڪار پاڙي ڪيم ۽ آباد اچي غلام حسين کي ساڻ ڪيم ۽ اسين سکر پهتاسين. ماکي ڊپ هيو تہ متان غلام حسين کي کو ڏسي نہ وٺي. سکر مان اسان ريل ۾ چڙهياسين ۽ اچي محرابپور ۾ لٿاسين. اتان ٻي ريل ۾ دولتپور اچي لٿاسين. اتان غلام حسين جي ڳوٺ وياسين. اتي مان هن سان پندرنهن ويهہ

ڏينهن رهيس. پوءِ ماکي غلام حسين چيو: ”تون پوئتي موٽي وڃ. جانچ جونچ وٺ ته پوئتي ڇا ٿيو“.
مان رجهان ڏانهن موٽيس، واٽ تي سوچيندو آيس ته مير جعفر خان جماليءَ کي ڪهڙو جواب ڏيندم. جڏهن مان گهر پهتس ته پيءَ ۽ پاڙن ٻاڌايو ته جمالي منهنجي ڏاڍي پڇا ڪئي آ. گهڙيءَ گهڙيءَ پڇيو اٿس ته: ”آخر ويو ڪاڏي. اجان تائين واپس ڇو ڪونه وريو آ، جيئن ئي اچي مون ڏانهن موڪليو.“
مان مير جعفر خان جماليءَ وٽ ويس. اڳ ئي سوچي ڇڏيو هوم ته ڇا ڳالهائڻو اٿم. مير ماکي ڏنو ته پڇيائين: ”ميرا ڪاتي هئين ايترا ڏينهن؟ علي محمد کي ڇو حاضر نه ڪئي؟“
چيو مانس: ”سائين آباد ۾ وڃي جهليومانس. پر اتي وڙهڻ جو موقعو ڪونه مليو. پنيان پيومانس ڪڏهن ڪاتي ته ڪڏهن ڪاتي. نيٺ منهجو خرچ کٽي پيو ۽ ماکي موٽڻو پيو.“
مير منهنجي ڳالهه تي پنهنجي ننڍي پٽ شاهنواز کي چيو: ”پٽ ميري کي پنج هزار رپيا ڏي. هي پئسا کٽي وڃي. هي انشاالله اسان جو ڪم ڪري ايندو“. مير ماکي پنهنجي گهر ٻه وجڻ نه ڏنو. ڪار ۾ چاڙهي جهٽ پٽ موڪليائين. اتان مان گاڏي ۾ وينس ۽ دولتپور پهتس. دولتپور جي پرسان ئي واڍن جو ڳوٺ آ، غلام حسين اتي رهيل هو. هن کي منهنجو انتظار هو. مون کيس چيو ”ادا مير جعفر خان جو ڏاڍو زور آ. هو چوي ٿو هر حالت ۾ تنهنجو سر گهرجي. هاڻي جيڪڏهن مان ٿو ساڻس همدردي ڪريان ته تنهنجو سر ٿو وڃي ۽ ٻئي پاسي تون ٻي ڏوهي آهين ۽ ٻيءَ حالت ۾ جعفر خان ماکي تپائي ڏنو آ، مان ته ڪوڙ ڳالهائي ڳالهائي ٿڪجي پيو آن. هاڻ تون صلاح ڏي ته ڇا ڪجي“.
غلام حسين جوش ۾ اچي ويو . هو پڙهيل ڳڙهيل هو ماکي مير جعفر خان جماليءَ لاءِ خط لکي ڏنائين خط ۾ لکائين.
”تون مير جعفر خان جمالي آن. مان غلام حسين واڍو آن. ڪن مجبورين جي ڪري مان غلام حسين واڍي مان نالو مٽائي تنهنجي ڪکن ۾ اچي مٽي ڇانو ڪري ڪجهه وقت لاءِ وينو هوس. مان تو وٽ ڏوهه ڪرڻ لاءِ نه آيو هوس. ڏوهه ڪرڻ لاءِ ٻيو سڄو جهان پيو آ. مان جيڪي پنج ڇهه سال تو وٽ گذاريا آهن امن امان ۾ گذاريا اٿم. اهو الزام جيڪو مان تي هنيو ويو آ، سراسر ڪوڙو آ. مان غلام حسين واڍو آن، جوان آن، ڪو پاڙيو ڪونه آن، جو وتان لڪندو، جيڪڏهن تون مان سان جهيڙو ڪرڻ گهرين ٿو، ته مان جهيڙي لاءِ تيار آن. جيڪڏهن انصاف ڪرڻ چاهين ٿو ته مان انصاف جو فيصلو قبول ڪرڻ لاءِ تيار آن. جيڪڏهن مان ڏوهاري ثابت ٿيان، ته علي بخش منهنجو پاءُ تو وٽ وينو آ. انهيءَ جون ٻه نياڻيون وينيون آهن. ڏوهاري ٿيڻ جي صورت ۾ ٻئي سڱ توکي آيا يا ڏوهاري ثابت ٿيان ته جيڪا دولت چئين سا مان ڏيڻ لاءِ تيار آن. پر جي تون انصاف نٿو ڪرين ۽ جهيڙو

ڪرڻ گهرين ٿو، تہ مان جهيڙي لاءِ بہ تيار آهيان. منهنجا ٻار تو وٽ آهن، پلي تنهنجي مرضي پوي تہ هنن کي هٿ لائي ڏس، پر مان توکي يقين ٿو ڏياريان، مان ڏوهاري ڪونہ آهيان. تون جيڪو بہ انصاف ڪرين، تنهن ۾ مان ٻڌل آهيان. باقي ميرو منهنجو دوست آ، پاءُ آ، پر جيڪڏهن هاڻ تون انهيءَ ڪم لاءِ هنڪي مان ڏانهن اماڻيو تہ مان هن کي بہ ماري گم ڪري ڇڏيندس. توکي جيڪو وڻي سو ڪجان. هيءُ خط توڏانهن اماڻيان ٿو، هاڻ انصاف جو فيصلو تو تي آ، ميري کي سچي حقيقت جي زبر آ، تون هن کان پڇا ڪر؟".

مان سندس خط ڪٽي رجهان ويس ۽ وجي مير جعفر خان جماليءَ کي ڏنم. جماليءَ پنهنجي پٽ شاهنواز کي چيو تہ : "قيصر خان کي سڏي اچ." قيصر خان مير جو پاءُ هيو. هو آيو تہ مير جعفر خان، غلام حسين وارو خط کيس پڙهڻ لاءِ ڏنو. قيصر خان خط پڙهي حيران ٿي ويو ۽ ماکان پڇيائين: "هيءُ غلام حسين واڍو آ؟" مون وراڻيو: "ها، هيءُ غلام حسين واڍو آ." مير جعفر خان ماکان سچي حقيقت پڇي. مان ساڻس سموري حقيقت ڪئي تہ غلام حسين جو ڏوهہ ڪونهي. خود قائم خان جي گهرواريءَ جي نيت بُري هئي. غلام حسين تہ اڳواٽ ئي قائم خان کي چيو هيو تہ مان تنهنجي گهر نہ ويندس. تنهنجا ٻار مونسان چرچا ڪن ٿا. اها ڳالهہ هن مان جي سامهون ڪئي هئي. جيڪڏهن غلام حسين جي نيت خراب هجي ها تہ هو قائم خان کي چو چوي ها. تون قائم خان کي سڏي پڇينس. پوءِ بہ جيڪڏهن غلام حسين ڏوهاري آ، تہ مان وعدو ٿو ڪيان تہ مان سندس سر وڍي، تنهنجي پيرن ۾ آڻي وجهندس."

مير جعفر خان جمالي انهيءَ وقت تاجپور ماڻهو موڪلي قائم خان کي سڏايو. قائم خان آيو. انهيءَ وقت ماکان علاوه قائم خان، قيصر خان، شاهنواز خان ۽ مير جعفر خان موجود هيا. مير جعفر خان، قائم خان کان پڇيو: "بابا، علي محمد ۽ ميرو جمعي جي ڏينهن مسيت مان نماز پڙهي ٻاهر نڪتا هئا تہ اوهان مسيت جي ٻاهران علي محمد جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، کيس چيو هو تہ تون منهنجي گهر چو نٿو اچين. اڳ ۾ تہ روز ايندين هئين، هاڻ هل." قائم خان ٿوري دير ماٺ رهيو، پوءِ چيائين : "ها". ميري وري پڇيو: "پوءِ علي محمد توکي ڇا چيو؟" قائم خان وري بہ ٿوري دير ماٺ ۾ رهيو. پوءِ چيائين: "علي محمد چيو هو: دوستي تو ساڻ آ، تنهنجي گهر سان ڪانهي. مان تنهنجي گهر نہ هلندس. تنهنجا گهروارا مان سان پوڳ ڪندا آهن." مير جعفر خان چيس: "جيڪڏهن علي محمد جي نيت بُري هجي ها تہ هو توکي اڳواٽ چو ٻُڌائي ها." قائم خان چيو: "اهو واقعو ڏهن پندرنهن ڏينهن ڪانپوءِ ٿيو هو، مان زمين تي ويو هوس، گهر ۾ آيس، اجان گهوڙي تان لٿو ئي ڪونہ هوس جو زال اها حقيقت ٻڌائي. مان جوش ۾ اچي اوهانکي اها ڳالهہ ٻڌائي." مير جعفر خان، قيصر ۽ شاهنواز پاڻ ۾ آهستي آهستي ڪجهہ ڳالهايو، پوءِ انهن چيو : "تنهنجي

زال ڪوڙي آ، جيڪڏهن علي محمد جي نيت ۾ برائي هجي ها تہ هو توکي هرگز نہ ٻڌائي ها، علي محمد ڏوهاري ڪونهي، ڪارو ڪونهي.“
پوءِ ماڪي مير جعفر خان چيو : ”ميرا توکي آفرين آ، تو چڱو ڪيو جو اسان سان حقيقت ڪئي. علي محمد بلڪل بي ڏوهي آ. جيڪڏهن هو اسان وٽ اچي رهي تہ اسان جي اکين تي. پوک ڪرڻ گهري تہ منهنجيون ٻنيون حاضر آهن، اسان جو هاڻي هن سان ڪوبہ جهيڙو ڪونهي.“
مون مير کي ٻڌايو تہ ”مان توکان پئسا ورتا، پر ماڪي حقيقت جي خبر هئي، پلا مان پنهنجي بيڏوهي دوست کي ڪيئن ماريان هان؟ مان تہ پاڻ هن کي بچايو پي تہ متان تنهنجي هٿ نہ چڙهي وڃي.“ مير ماڪي چيو: ”توکي آفرين هجي، تو چڱو ڪيو، هڪ بهادر جوان کي بچايو آ. مان توکي پڳ تو ٻڌايان.“ پوءِ هن ماڪي پڳ ٻڌائي ۽ پنج سئو رپيا ماڪي ڏنائين ۽ چيائين تہ : ”تون وڃي غلام حسين کي سچو احوال ڏي.“
مان تاجپور ويس غلام حسين جي پاءُ سان سموري ڳالھ ڪئي. هو مان سان رلجي مير جعفر خان وٽ آيو، هن مير کي چيو: ”سائين، هاڻي تاجپور ۾ رهي نہ سگهبو، اسانکي ٻي جاءِ ڏيو تہ اوڏانهن وڃي رهون.“ مير جعفر خان کيس چيو تہ: ”منهنجي سموري زمين پئي آ، جاڏي وڻي وڃي رهو، منهنجي طرفان اوهان کي اجازت آ.“
پوءِ مان دولتپور ويس ۽ غلام حسين سان سچي حقيقت وڃي ڪيم. چيومانس: ”ادا هاڻي سڀ خير آ، توکي هلڻو هجي تہ هل، جيڪڏهن هلڻ نہ چاهين تہ مرضيءَ جو مالڪ آن. باقي جهيڙو ختم ٿي ويو آ. جمالي توکي اچڻ لاءِ چيو آ. تنهنجو پاءُ بہ جعفر خان جماليءَ وٽ هليو هو.“ غلام حسين چيو: ”منهنجو توتي اعتبار آ. تو جهڙي دوست تان سر قربان. تو مان سان جيڪو وڙ ڪيو آ، سو مان ڪڏهن نہ وساريندس.“
پوءِ اسين سڌو رجهان وياسين، وڃي مير جعفر خان جماليءَ سان ملياسين. شاهنواز خان ۽ قيصر خان بہ اتي هيا. اهي غلام حسين سان ڀاڪر پائي مليا. چيائون: ”تون اسان جو پاءُ آهين، جي هتي رهين تہ مرضيءَ جو مالڪ آن. ٻئي هنڌ رهڻ چاهين تہ بہ بلاشڪ رهہ. تون بيڏوهي آن.“ غلام حسين مير جعفر خان کي چيو: ”سائين هاڻي مان هتي نہ رهندس، ٻي جنهن هنڌ چئين مان اُتي وڃي رهندس. تنهنجو هارپو ڪندس.“
پوءِ غلام حسين اتان لڏو ڪڻي وڃي هيڊ باغ رهيو.

# علحيدگي

سائين هاڻي مان توکي اهو واقعو ٻڌايان ٿو جنهن جي ڪري مان ۽ غلام حسين ڌار ٿي وياسين. اسان جي دوستي ٽٽي وئي. ختم ٿي وئي.
سيوهڻ جي لڳ ڪٺوهرن جو ڳوٺ آ، ڪرمپور جي پرسان اميد علي ڪٺوهر جو ڳوٺ سڏبو آ. اتي بچل رهندو هيو. اتي انهيءَ سان هڪ مائي ڪريل هئي. بچل سندس ذات وارو ڪونه هو. مائي رات جو هن سان ملڻ ايندي هئي. هڪ رات جيئن مائي بچل سان ملڻ آئي، بچل مائيءَ کي پڃائي ويو. مائي انهيءَ ارادي سان نه آئي هئي پر بچل مڙد ماڻهو هو زوريءَ پڃائي ويو. اڄ هتي سيان هتي. ٻئي پاسي ڪٺوهرن جو زور لڳو پيو هو ته مائي موٽائجي. تنهن ڪري هي مائيءَ کي ڪٽي اچي هيڏ باغ پهتو ۽ سڄي حقيقت غلام حسين سان ڪيائين. غلام حسين جي ڪٺوهرن سان دوستي هئي. هن ڳالهه ٻڌي بچل کي چيو تو اهو چڱو ڪم نه ڪيو. ڪٺوهرن کي مان سڃاڻان اهي جوان اٿئي. اهو تو برو ڪم ڪيو آ. بچل غلام حسين وٽ ٻانهن ڇڏي پاڻ ڪنهن ٻئي پاسي هليو ويو.
انهيءَ واقعي جي ٽن چئن مهينن ڪانپوءِ غلام حسين، مان ۽ عبدالرحمان ٿلٽي ضلعي دادو وياسين. بچل ٿلٽيءَ ۾ ڪونه هو. اسان ڪنداهه ۾ هليا وياسين. اتي غلام حسين جو دوست هو عبدالحڪيم اوٺو. انهيءَ وٽ اجا ٽي ڏينهن رهياسين ته ڪٺوهرن کي اسان جي خبر پئجي وئي. ڪٺوهر پنهنجا ڏهه پندرنهن مڙد، ڏهه پندرنهن زالون ۽ ٻه ٽي قرآن کڻي اسان ڏانهن آيا. انهيءَ مائيءَ جو پاءُ محمد علي به انهن ۾ هو. انهيءِ وقت اسان ست ماڻهو هئاسين. اهي ماڻهو منهنجا اڳ ڏٺل ڪونه هئا پر غلام حسين چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو. مان رائفل کڻي پريان ويهي رهيس. هو مان وٽ آيا ته مان چيو: "مان سان نه ڳالهايو، غلام حسين وٽ وڃو." اهي غلام حسين وٽ ويا ۽ نياڻين سوڌو وڃي سندس پيرن تي ڪري پيا. انهن غلام حسين کي چيو: "بچل اسان سان ناجائزي ڪئي آ، تون اسان تي مهرباني ڪري اسان جي ٻانهن واپس ڪرائي ڏي. ڪيئن به ڪري اسان جي عزت رک."
غلام حسين انهن سان ٻانهن واپس ڪرڻ جو واعدو ڪيو. پوءِ مائيءَ جا ڀائر محمد علي ۽ منو ۽ چاچا مون وٽ آيا ۽ چيائون: "اهو ميڙ اٿئي تون اسان تي مهرباني ڪر." مان چيو: "اوهان غلام حسين سان ڳالهايو آ. هن توهان سان واعدو ڪيو آ. ماکي چوڻ جو ڪهڙو فائدو." پر هو منهنجي پيرن تي ڪري پيا ۽ ماکي قسم وڌائون ته "تون اسان سان همدردي ڪر، تون نه ڇاڻ ڪير آن. اسين توکي ڪونه سڃاڻون پر توکي به عرض ڪريون ٿا." مان کين چيو: "دلجاءِ رکو مان ڪوشش ڪندس." مان غلام حسين وٽ ويس ۽ کيس چيم:

”ادا جي واعدو ڪرين ته سچو ڪجانءِ، نه ته ڪولي ٻڌاءِ. مان واعدو ڪيو آ. مان پوئتي نه ويندم. اهو منهنجو انجام آ.“ غلام حسين چيو : ”ادا اهي منهنجا دوست آهن. ٻانهن ضرور موٽائبي“. مان ڪٿوهرن کي يقين ڏياريو ته ٻانهن ضرور موٽائي ڏيندس توهان فڪر نه ڪريو.

پوءِ هو موٽي ويا. اسين ويهه پنجويهه ڏينهن رهياسين ۽ ٻه ٽي ڌاڙا هنياسين، دادو ۽ نوابشاهه جي پاسي. پوءِ اسان ٽي گهوڙا هٿ ڪري موٽي آياسين. مان پنهنجي ڳوٺ موٽي آيس. غلام حسين ۽ عبدالرحمان پنهنجي ڳوٺ هيڏ باغ هليا ويا.

ڏهن ڏينهن کانپوءِ غلام حسين جو ماڻهو ماڪي سڏڻ آيو. مان هيڏ باغ ويس. غلام حسين ٻڌايو ته ”مان بچل تي زور رکيو آ ته ٻانهن موٽائي ڏي. پر بچل چوڻ ڪونه ٿو مڃي. هاڻ جيڪا تنهنجي صلاح.“ مان بچل کي سڏايو ۽ کيس چيم: ”تون ٻانهن ڪٽي چڱي ڳالهه نه ڪئي آ ۽ هو اٿئي ٻه ٻروچ، گهگهيرا جوان اٿئي. اسان هنن سان واعدو ڪيو آ ته ٻانهن موٽائي ڏينداسين. هاڻ جيڪڏهن تون ٻانهن نه ڏيندين ته اسين تو سان وڙهنداسين. هيءُ اسان جو ملڪ آ. هتي تون اسان کي ڪجهه به نٿو ڪري سگهين. تون انهيءَ ڳالهه تي سوچي وٺ“. مون غلام حسين کي به چيو ته ”تون منهنجو دوست آن، پر جي ٻانهن تو ڪٿوهرن نه موٽائي ته منهنجو توسان به جهيڙو آ.“

غلام حسين مانکي چيو ”ٻانهن مون وٽ آ. مان بچل کي ٻانهن ڪونه ڏيندس“. بچل جيڪو پنهنجي ڀاءُ الهڏني سان گڏ ٻانهن وٺڻ آيو هو. هن کي ٻانهن نه مليي. هن ڪاوڙجي چيو مان توهان کي ڏسي وٺندس. اسان چيو توکي اختيار آ. جيڪو وڻئي سو ڪجانءِ“ ۽ پوءِ هو ٻئي هليا ويا.

اسان ٻانهن زبردستي جهلي ورتي هئي. پندرنهن ويهه ڏينهن گذريا ته غلام حسين ۽ عبدالرحمان مون وٽ آيا ۽ چيائون ته : ”ڳالهه ٻڌ ٻانهن في الحال اوڏانهن نٿا وٺي هلون. رستي تي جيڪڏهن ٻانهن دانهن ڪوڪ ڪئي ته اسان ڦاسي پونداسين. هاڻي هئين ٿا ڪريون جو ڪٿوهرن جي ڳوٺ ٿا هلون. اتان هنجو ڀاءُ يا چاچو وٺي ايندا سين ته جئين اهي ٻانهن وٺي وڃن. پوءِ ڇڏينس يا ڪاري ڪري مارنس. هاڻ اسان جي صلاح اها اٿئي. وڌيڪ جيڪا تنهنجي مرضي.“ مان ڪجهه سوچيو پوءِ چيم: ”بلاشڪ اها سهڻي صلاح آ“.

انهيءَ مائيءَ کي جو خبر پئي ته کيس واپس ٿا ڪن ته هوءَ اچي ڊني. کيس خبر هئي ته جيڪڏهن مائٽن وٽ وئي ته اهي کيس ڪاري ڪري مار ڇڏيندا. هڪ رات غلام حسين گهر ۾ گهڙيو ته مائي اڳ ۾ ئي سندس گس جهليو بيٺي هئي. غلام حسين کي ڏسندي ئي کيس چنبڙي پئي. چيائين ”ماڪي مائٽن جي حوالي نه ڪر. تون پنهنجي هٿن سان ڀلي ماري ڇڏ. مان تنهنجي آن. تنهنجي هٿان مرڻ چاهيان ٿي. ٻئي ڪنهن کي نه ڏي. بچل کي

بہ نہ. مان هن سان پاڻ ڪونہ نڪتي هيس. هو ماڪي زوري وٺي نڪتو هيو“. غلام حسين جي دل ۾ شيطاني اچي وئي. هن مائيءَ کي موٽائڻ جو خيال متائي ڇڏيو. پر ماڪي انهيءَ ڳالھ جي دير سان خبر پئي. انهيءَ ڳالھ کي اٽڪل ڇھ مهينا کن گذريا هوندا تہ غلام حسين هڪ ڏينهن ڳوٺ آيو ۽ ماڪي اچي چيائين ”ميرا تيار ٿي وٺ سپاٽي هلنداسين. ٻئي ڏينهن غلام حسين، مان ۽ عبدالرحمان نڪتاسين، نوابشاھ ضلعي ۾ دولتپور کان اولھ طرف جاگير ٻيلي ۾ آياسين. اتي اسان سان هڪ ٻيو ساٿ بہ اچي شريڪ ٿيو. هن جو نالو حليم هيو. ذات جو مير بحر هيو. اصل شڪار پور جو وينل هو. منهنجو دوست هو. اسين سڀئي هڪ ڏاڙو هڻي آياسون. انهيءَ ڏاڙي ۾ اسان کي ملڪيت ڏاڍي ملي، ايتري جو چار همراھ هئاسين تہ بہ کڻي نہ پيا سگهون.

اتي غلام حسين جي دل ٻي ايمان ٿي هن سوچيو واپسيءَ تي ميرو چوندو تہ ڪٿوهر ۾ هلو. ڇو تہ هن ڪٿوهرن سان واعدو ڪيو آ تہ ٻانهن موٽائي. هو ڳالھ جو بہ پڪو آ ۽ ماڪي بہ چيو اٿس تہ جيڪڏهن تو ٻانهن نہ موٽائي تہ توسان جهيڙو ڪبو. اهو سوچي هن اتي رات جو عبدالرحمان سان اها ڳالھ ڪئي. مان پري ستل هوس. البت حليم انهن جي ويجهو ستل هو. غلام حسين عبدالرحمان کي چيو: ”منهنجو خيال آ هاڻ هن کي ماريون. دير نہ ڪرڻ گهرجي. ماري گم ڪري ڇڏينداسين. ڪنهن کي پتو ئي نہ پوندو“. عبدالرحمان چيو هينئر جو هن کي ماريندا سين تہ سامان ڪيئن کڻي سگهبو. اڳ ئي نہ پيا کڻي سگهون. حليم جو اهو ٻڌو تہ هن سوچيو ميرو تہ هنن جو دوست آ ٿئي گڏ آيا آهن. اهي پڪ ماڪي مارڻ جي پيا ڪن.

حليم ٽپ ڏئي اٿيو ۽ رائفل اپي ڪري چيائين ”مان اوهانجون ڳالهيون ٻڌيون آهن. انهيءَ کان اڳ جو اوهان ماڪي ماري پورو ڪيو، مان اوهانکي بہ ختم ڪري ڇڏيان“. عبدالرحمان ڪيس چيو: ”تون پليو آن. ڳالھ اها ڪانهي. هيڏانهن اچ تہ توکي اصل ڳالھ ٻڌايون.“ پهرين تہ حليم وٽن ڪونہ ٿي ويو، پر پوءِ هنن جي يقين ڏيارڻ تي ويو. هنن سچي ڳالھ ڪري ٻڌائي ۽ اهو بہ چيو تہ: ”ميري جو سمورو مال ۽ رائفل توکي ڏينداسين.“ حليم ڪجھ دير سوچيو پوءِ چيائين: ”مان اوهان سان برابر شامل آهيان، پر تورو اڳ پوءِ بہ سوچيو: هن جا پوئتان پائر بہ آهن. پٽ بہ آهن. اوهان هليا هئا تہ هنن کي خبر هئي تہ ميرو توهان سان گڏ ويو آ. جيڪڏهن هتي ماريو تہ هن جا پويان وڙهندا. مان اوهان سان قسم ٿو کڻان تہ مان اوهان سان گڏ آهيان. پر ڪيس هينئر نہ ماريو. هينئر پلي ڳوٺ وڃو. پوءِ مان ڪيس ماڻهو موڪلي گهرائيندس. مان پاڻهي هن کي ماري گم ڪندس“. غلام حسين ۽ عبدالرحمان ڪجھ دير سوچيو پوءِ حليم جي ڳالھ مڃيائون.

اسان کي هڪڙو ڏاڙو پيو ٻه هٽڙو هيو. پر غلام حسين ۽ عبدالرحمان جي نيت ۾ جا کوٽ اچي وئي هئي تنهن ڪري هو ماکان ٻه ڇرڪڻ لڳا. حالانڪ ماکي ڳالهه جو پتو ئي نه هجي. پر هنن ڏاڙي هٽڻ جو خيال مٿائي ڇڏيو. ماکي چيائون ته: ”پاڻ وٽ ملڪيت ڪافي آ. هينئر ڏاڙو ڪون ٿا هڻون. ٻئي دفعي ايندا سين“. تنهن ڪري اسين موٽي آياسين. ڪٿوهرن وٽ ٻه نه هليا. چيائون ”هينئر ساڻ سامان گهڻو آ، ٻئي دفعي هلنداسين“.
موٽي اچڻ جي ٻارنهن تيرهن ڏينهن ڪانپوءِ حليم ماڻهو موڪلي ماکي سڏايو. مان سندس ڳوٺ پهتس. منهنجو حليم سان تمام گهڻو رستو هو ۽ مان سندس ٻارن ٻچن ۾ ايندو ويندو هوم. مان سندس زال کي ڀيڻ ڪيو هيو. مٿين سموري ڳالهه حليم پنهنجي زال سان ڪئي هئي ۽ ڪيس چيو هئائين ته تون ميري سان سچي ڳالهه ڪر. ممڪن آ منهنجي ڳالهه تي ڪيس اعتبار نه اچي. مان جنهن وقت حليم جي گهر ويس ته حليم جي زال جيڪا منهنجي ڀيڻ ٿيل هئي، سا ماسان ڀاڪر پائي ملي ته اچي روئڻ ۾ پئي. مائي ايترو ته رني جو ڪاٿو نه آ. مان سندس مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ پڇيو مانس : ”ادي ڳالهه ڪهڙي آ؟ مان سان ته ڪر. حليم وڙهيو آ ڇا؟ جيڪڏهن اهڙي ڳالهه آ ته ماکي ٻڌاءِ مان ڪيس سڌو ٿو ڪريان. هو پاڻ کي سمجهي ڇا ٿو؟“ هن چيو ”نه ادا حليم مان سان ڇو وڙهندو“. پوءِ مان مائيءَ کي مس مس پرچائي ماٺ ڪرايو. پڇيو مانس ”آخر ڇو ٿي روئين“؟ پر هن ڳالهه نه ٻڌائي. چيائين: ”بس هڪ ڳالهه جو ڏک اٿم“. پوءِ منهنجي ڀيڻ ماني تيار ڪري آئي. مانيءَ تي حليم، سندس پٽ شاهنواز ، مان ۽ منهنجي ڀيڻ ويني. مان ڀيڻ کي چيو: ”تون منهنجي ڀيڻ آن توکي ڳالهه ٻڌائڻي پوندي. جيڪڏهن تو ڳالهه نه ٻڌائي ته مان ماني نه کائيندس. مان تي ماني حرام آ“. ماکي جوش اچي ويو. ماکي شڪ هو ته حليم هن سان وڙهيو آ.
نيٺ مائي ماکي غلام حسين وارن جي سموري ڳالهه ٻڌائي. ٻڌي مان ته حيران ٿي ويس. غلام حسين اهو ماڻهو جنهن مان سان ايڏو وڏو وڙ ڪيو، خون جي ڪيس مان ماکي ڇڏايو، اڄ پاڻ منهنجو خون ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو آ. هڪڙي خسيس مائيءَ لاءِ. مان انهيءَ سوچ ۾ هيس ته حليم چيو ”ميرا سچي ڳالهه هاڻ تو ٻڌي، منهنجو ته تون دوست آن، منهنجو جگر آن. مان توکي ڪيئن ماريندم. البت تنهنجي جان بچائڻ خاطر غلام حسين سان ڪوڙو واعدو ڪرڻو پيو“.
ماکي مٿي ڪان پيرن تائين جوش اچي ويو ته هڪ ٽڪي جي رن ڪارڻ غلام حسين ماکي ٿو مارائي. خبر هئيم ته حليم مان سان ڪوڙ نه ڳالهائيندو پر دل نه پئي مڃيم.
نيٺ ٻئي ڏينهن حليم وارن کان موڪلائي هيڊ باغ پهتس. غلام حسين جي گهر پرسان پهتس ته غلام حسين جي زال پناڻيءَ جي نظر مان تي پئي. هيءَ ٻه منهنجي ڀيڻ ٿيل هئي. ماکي جو ڏٺائين ته حيران ٿي وئي. ڊوڙي اچي ماکي ڀاڪر پائي ملي ۽ پوءِ ماکي

ٻڌايائين ته غلام حسين ڪيس ٻڌايو ته ميرو فلاڻي هنڌ مقابلو ڪندي مارجي پيو. سندس گهوڙي ۽ رائفل مان ڪٽي آيو آهيان. پوءِ مائي پناڻيءَ منهنجي هڪ رائفل هڪ پڇڻيءَ تان لاهي ماڪي ڏيڪاري ۽ اها گهوڙي به ڏيکاري هاڻ ته ماڪي پڪ ٿي وئي ته حليم سچو هو. غلام حسين ماڪي مارائڻ تي گهريو.

غلام حسين انهيءَ وقت ڳوٺ ڪونه هو. مائي پناڻي منهنجي لاءِ ماني تيار ڪرڻ لڳي. مان ڪيس چيو ته مان دوستن وٽان تي موٽي ٿو اچان. منهنجي ويندي ئي غلام حسين اچي ويو. زال کي ڪڪڙ رڌيندي جو ڏٺائين ته پڇيائين. زالس ٻڌايو ته ادا ميرو آيو هو هن جي لاءِ ماني تيار ڪري رهي آهيان. مان ڪيس سندس رائفل ۽ گهوڙي به ڏياري آ. خدا جو شڪر آ ته هو جيئرو آ. دوستن وٽ ويو آ. ٿوري دير ۾ موٽي ايندو. پر مان موٽي ڪونه آيس. سڌو پنهنجي ڳوٺ هليو ويس. غلام حسين سمجهي ويو ته ميري کي سڄي ڳالهه جو پتو پئجي ويو آ. هو پنهنجا ماڻهو وٺي منهنجي ڪڍ پيو پر مان سندس ور نه چڙهيس. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ غلام حسين جو ڀاءُ علي بخش به ٻيا ماڻهو ساڻ ڪري منهنجي ڳوٺ پهتو. مان سان مليو. چيائين "اسان ڪان غلطي ٿي. اسين صلح ڪريون ٿا. پر جيڪڏهن توکان غلطي ٿي هجي ته به صلح ڪريون ٿا. هيءُ تنهنجو ملڪ آهي، هتي اسين تنهنجي آسري وينا آهيون. جيڪڏهن تون اسان جو دشمن ٿي ويندين ته اسان جو بچڻ مشڪل آ. تون اسان کي معاف ڪر." مان چيومانس: "هتي ڪونه ٿا ڳالهايون. ڳڙهي خيرو ڪان پريون گولائي تي منهنجا دوست آهن. انهن جي چڱي مڙس جو نالو گل حسن آ. اتي سياڻي نه پرهينءَ اچجو. اتي ڳالهائبو. جيڪڏهن ڏوهه مان ڏانهن ٿيو ته مان ڀريندس. جيڪڏهن ڏوهه اوهان جو ثابت ٿيو ته اوهان ڀرجو".

هو اچڻ جو واعدو ڪري ويا. ٽئين ڏينهن مان به ست اٺ ماڻهو وٺي. هٿيار ڪٽي ٽپهريءَ جو وجي گل حسن وٽ پهتس. مان گل حسن ۽ سندس ڀائرن کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. گل حسن چيو: "هنن کي اچڻ ڏي، هنن سان ڳالهائينداسين. جي هو دشمن آهن ته اسان جا به سمجهه، باقي ناحق ڪنهن کي نه ماربو." مان چيو ته: "مان ڏوهاري ٿيس ته جيڪو ڏنڊ مان تي رکبو مان ڀري ڏيندس". پوءِ مان هنن سان پڪو پروگرام ٺاهيو. ڏهين ڏاري غلام حسين ۽ عبدالرحمان گهوڙي تي آيا. مان نڪري هنن ڪان هٿيار ورتم ۽ آٽي اندر رکيم. گهر ڏٽين انهن جا گهوڙا ٻڌا. پوءِ هو اندر آيا ۽ اچي سلام ورائي ڪڙهه وٺي ويهي رهيا. مان هنن کي چيو ته "ڳالهايو، جيڪي ڳالهائڻو اٿو." غلام حسين جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. هن چيو: ادل "تون منهنجو دوست آن، سچو ساٿي آن، تون منهنجو ساٿ ڏنو آ. مان هڪ ٽڪي جي رن ڪارڻ غدار ٻڻجي پيس. حقيقت اها آهي ته مان پنهنجي پر ۾ توکي ماري چڪو آهيان. خدا شاهد آ اڳ مان ڪنهن سان به غداري نه ڪئي آ. مان به ست جڳ

جيئرو نہ رهندس. منهنجيون اکيون تنهنجي اڳيان شرمسار آهن. مان تنهنجو ڏوهاري آن. هاڻ پنهنجو پاڻ کي تنهنجي حوالي ڪريان ٿو. جيڪڏهن تنهنجو دوست حليم وچ ۾ نہ اچي ها تہ تون ڪڏهن کو مري چڪو هجين ها. هاڻ منهنجو ڪنڌ حاضر آ". غلام حسين منهنجي آڏو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

منهنجي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. دل ۾ سوچيم: "هن کي ماريان. جنهن جي زال کي پيڻ کيو اٿم. جن سان گڏ ڪٽن تي ماني کاڌي اٿم، انهيءَ کي ماريان. ميرا توکي خدا بچايو آ. سدائين جيئرو تون بہ نہ رهندين. توکي هن جي مارڻ مان حاصل ڇا ٿيندو. غلام حسين جو دنيا ۾ نالو آ. مون دوست جي هٿان مارجي ويو تہ ماڻهو چوندا پڪ ملڪيت تي جوان ماري وڌائين". اهو سوچي مان سندس رائفل ڪٽي کيس ڏني ۽ چيم: "ادا توکي سر دان ڏنو. اڄ کان پنهنجي دوستي ڪانهي. نہ گڏ اٿنداسين نہ ويهنداسين. هر ڪو پنهنجي مرضيءَ سان گهمي ڦري باقي ٻانهن توکي موٽائڻي پوندي".

غلام حسين ٻانهن موٽائڻ قبول ڪئي ۽ پوءِ اسان کان موڪلائي هيڊ باغ هليو ويو. اسين بہ پنهنجي ڳوٺ موٽي آياسين.

ٻئي ڏينهن ڇا ٿيو جو غلام حسين ڏاند گاڏيءَ ۾ ٻارن ٻچن سميت قرآن کڻي منهنجي گهر تي آيو. سندس زال پناڻي جيڪا منهنجي پيڻ ٿيل هئي سا بہ گڏ هئي. غلام حسين چيو تہ "مان قرآن پاڪ کڻي آيو آن. نياڻيون بہ وٺي آيو آن. تون خدا جي واسطي پنهنجي دل مان اها ڳالهہ ڪڍ. تون مان سان دوستي نہ ڇڏ. اسان کان پري نہ ٿي. منهنجي خطا معاف ڪر. پناڻيءَ بہ روئي ڏنو". مان غلام حسين کي ڀاڪر پاتو چيم: "منهنجي دل هاڻ صاف آ، تون منهنجو ڀاءُ آهين".

پر پوءِ اسين وري ڀهرين جيئن گڏ ڌاڙا هڻڻ نہ وياسين. پوءِ مان ٻن همراهن سان گڏ ڌاڙا هڻڻ ويندو هوم.

# موت

منهنجي ڏاڙا هڻڻ جي ڳالهہ هاڻ مشهور ٿي چڪي هئي. پوليس وٽ ڪو پڪو ثبوت ڪونہ هيو. پر پتو ضرور هون. تنهن ڪري دوداپور جي صوبيدار شاهنواز ماڪي پاڻ وٽ گهرايو. ماڪي چيائين: ”تون ڏوهاري آن. ڏوهہ ڪندو آن. مان توکي سنڌ فرنٽيئر ۾ چالان ٿو ڪريان“. هن ماڪي چالان ڪري جڪماباد جي ڊي ايم وٽ موڪليو، جنهن ماڪي اسپيشل (ڊسٽرڪٽ جيل) جيل سکر اماڻيو.

انهيءَ جيل ۾ ماڪي مهينو يا ٻہ مهينا ٿيا هوندا. منهنجو ڪيس هليو پي. اُتي مان ٻڌو تہ غلام حسين جو لڏو جهلجي پيو آ. ٿيو هيئن جو غلام حسين وٽ هيڊ باغ ۾ سندس هڪ مائٽ الهڏنو ۽ سندس زال رهيل هئا. ڪجهہ وقت اُهي هيڊ باغ ۾ رهي. موٽيو پي ويا تہ شهداد ڪوٽ ۾ پوليس هنن کي شڪ جي حالت ۾ پڪڙي ورتو. پوليس جو هنن تي سختي ڪئي تہ هنن سچي ڪري وڌي تہ ”اهي واڍا آهن ۽ غلام حسين واڍي جا مائٽ آهن“. هنن پوليس کي غلام حسين جي لڏي جو ڏس پتو بہ ڏئي ڇڏيو.

پوءِ سکر ۽ لاڙڪاڻي جي پوليس وڏي اٽالي سان هيڊ باغ تي ڇاپو هنيو. غلام حسين ۽ عبدالرحمان اُتي ڪونہ هئا. باقي سڄو لڏو پڪڙجي پيو. پر لڏي تي پوليس آسانيءَ سان قبضو نہ ڪري سگهي. پوليس سان چڱي ويڙهہ ٿي. مني نالي هڪ جٽ لڏي کي بچائڻ خاطر پوليس تي فائرنگ ڪئي. پر پاڻ پوليس فائرنگ ۾ مارجي ويو. لڏي کي پڪڙي سکر جي لاڪپ ۾ ويهاريو ويو.

غلام حسين کي لڏي جي پڪڙجڻ جي خبر پئي تہ پاڻ ۽ عبدالرحمان سيوهڻ جي پاسي وجي ڪنداهہ ۾ رهيا.

مان سان اها سڄي ڳالهہ علي محمد سرهندي جيلر ڪئي هئي. مان جيلر کي چيو تہ مهرباني ڪري اها پڇا ڪري ڏي تہ هنن ۾ پناڻي نالي ڪا مائي آهي. جيلر منهنجي سامهون سڌي لاڪپ تي فون ڪئي ۽ مانکي ٻڌايائين تہ: ”پناڻي آهي“، هاڻ ماڪي پڪ ٿي تہ واقعي غلام حسين جو لڏو جهلجي پيو آهي. ڏهن پندرهن ڏيهاڙن ڪانپوءِ جعفر خان جمالي پنهنجي زور (اثر رسوخ) تي لڏي کي ڇڏرائي اچي رُجهان ۾ رهايو. اتي اهو لڏو ٻہ چار مهينا رهيو پيو هو ۽ غلام حسين سيوهڻ جي پاسي روپوش هو.

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ منهنجو ٻہ ضامن ٿيو ۽ مان آزاد ٿي ڳوٺ پهتس.

ماڪي ڳوٺ ٻہ ٽي ڏينهن ٿيا ها جو اوچتو ٻڌم تہ غلام حسين مارجي ويو، ماڪي يقين نہ ئي اچي. پر هڪڙي دوست اچي اخبار ڏيکاري. انهيءَ ۾ غلام حسين، سندس ڀاءُ علي

بخش، سندس سؤٽ عبدالرحمان جي لاشن جون تصويرون هيون. ماکي ڏاڍو ڏک ٿيو. نيٺ بہ تہ دوست هيو ۽ جوان هو. سندس موت جو ماکي ڏاڍو ڏک ٿيو. غلام حسين ايڏو آسانيءَ سان نہ مري ها. پر ٿيو ڇا جو دولتپور کان سيوهڻ وڃڻ لاءِ ٻيڙي جا جيکي پئسا ٿيندا هئا. انهن جا چار حصا ڪري مير بحر پاڻ ۾ ورهائي ونندا هئا. انهن ئي ميربحرن جو هڪڙو مائٽ هو گلاب، اک کان ڪاڻو هو. ٻين ميربحرن جي هن سان ڪانہ پوندي هئي. تنهن ڪري هن کي ڪجھ بہ نہ ڏيندا هئا. گلاب اچي غلام حسين کي واسطا وڌا تہ: ”مان غريب آهيان تون هنن کي سمجهائي تہ ماکي حصو ڏين“.

غلام حسين مير بحرن وٽ ويو. انهن کي چيائين: ”هيءُ غريب آ، توهان جو پاءُ آ، توهان منهنجا دوست آهيو. هيءُ بہ منهنجو دوست آ! هن کي بہ حصو ڏيو.“ پر هنن غلام حسين کي جواب ڏنو تہ: ”اسين گلاب کي حصو نہ ڏينداسين.“ غلام حسين انهن کي چيو : ”ائين نہ ڪريو. ڀلا جيڪڏهن هن کي چار آنا نٽا ڏيو تہ بہ آنا ڏيو. هيءُ بہ اوهان جو پنهنجو آ، غريب آ،“ پر هنن غلام حسين جي نہ مڃي ۽ ٺپ جواب ڏئي ڇڏيائون تہ: ”اسين ڪيس ڪجھ بہ نہ ڏينداسين“. هنن جي جواب ڏيڻ جو اهو بہ سبب هو جو هنن کي اها تسلي هئي تہ: ”غلام حسين اسان جو دوست آ. سدائين اسان وٽ رهندو آ، گلاب جهڙي بيڪار ماڻهوءَ ڪاڻ اسان سان وڙهندو ڪونہ“. پر سندس انهيءَ ٺپ جواب تي غلام حسين کي ڪاوڙ چڙهي وئي. هن چيو ”گلاب ٻڌو، توهان منهنجا دوست آهيو، پر مان حق جي ڳالھ ڪئي آ، جيڪڏهن اوهان هن کي چار آنا حصو نہ ڏنو تہ تئين ڏينهن اچي مان توهان کي ماريندم. مان توهان کي ٻڌايو پيو وڃان“.

غلام حسين جو هڪڙو دوست هو. نالو هوس غلام. ذات جو اوٺو هو. هيءُ غلام حسين جو سچو دوست هو. انهيءَ غلام جو پٽ هو عاقل. اهو وري انهن ميربحرن جي هڪ مائيءَ سان ڪريل هو، جن کي غلام حسين ڌمڪي ڏئي ويو هو. اهو عاقل جڏهن رات جو هن رن وٽ ويو تہ ان ڪاوڙجي چيو : ”وڃ مان وٽ نہ اچ، تنهنجي پيءُ جو دوست غلام حسين واڍو هڪڙي خسيس ماڻهوءَ جي ڪري اسان کي دڙڪو ڏئي ويو آهي تہ: جيڪڏهن اسان گلاب کي حصو نہ ڏنو، تہ اسان کي ماريندو. هاڻ جيڪڏهن تو غلام حسين سان جهيڙو نہ ڪيو. هن کي نہ ماريو تہ مان سان اڄ کان وٺي تنهنجو ڪو ناتو ڪونهي“. عاقل کي عشق ڪنيو بيٺو هو. سو رن جي آڏو صفا محتاج ٿي پيو، پاڙي تي پيو. سو هن رن کي چيو: ”تون ماکان ناراض نہ ٿي، مان پاڻ غلام حسين کي ماري نٿو سگهان پر مان توکي مارائي ٿو ڏيان“.

عاقل غلام حسين جي اصل گهر جو مالڪ هو. غلام حسين کي ڪيس پٽ وانگر پائيندو هو. هو غلام حسين وٽ ويو ۽ ڪيس مانيءَ جي دعوت ڏئي وٺي آيو ۽ اچي هڪ اڙل وٽ

ويهاريائين. غلام حسين سان گڏ سندس ڀاءُ علي بخش، سؤٽ عبدالرحمان ۽ هڪ ٻيو ماڻهو منو هو. جڏهن غلام حسين وارا اتي اچي ويٺا ته عاقل غلام حسين کي چيو: ”اوهين هتي ويهو، مان ماني تيار ڪرائي اچان ٿو“. غلام حسين کي ته عاقل ۾ ڪو شڪ ئي ڪونه هو. سو بيفڪرو ٿي ويهي رهيو. هيءُ هنن کي اتي ويهاري پاڻ ويو پوليس وٽ. پوليس کي ٻڌايائين ته: ”مان غلام حسين کي فلاڻي هنڌ ويهاري آيو آهيان. اوهان خانگي ڊريس ۾ مٿان ڦري، ڪرمپور کان ٻيڙيءَ ۾ اچو، پوءِ اتان پرسان کان لنگهو، جي توهانکي وجهه لڳي، ته اتان وڙهوس.جي اتان وجهه نه لڳي ته اڳيان در آ، پريان ڪون، جهنگل مان ڦري پنيان وجي وڙهوس. مان هن کي اتي قابو ڪري ويهاريو آ. مان هنن لاءِ ماني نهرايان ٿو. هو مانيءَ جي انتظار ۾ آهن. اوهان انهيءَ حساب سان اتي پهچو“.
اهو پروگرام انهن سان ناهي پاڻ موٽي ويو. پوليس جا ڪيترائي سپاهي يڪدم خانگي ڊريس ڪري ٻيڙِيءَ ۾ چڙهي انهيءَ پاسي روانا ٿا. اها ٻيڙي واهڙ ۾ اچي غلام حسين وارن جي پرسان لنگهي. انهيءَ وقت هڪ حجم غلام حسين جي سنوارت ڪري رهيو هو. عبدالرحمان ۽ علي بخش غلام حسين جي پرسان ويٺا هئا. منو ڪجهه اڳ پرو جهنگل ڏانهن چوڪيءَ تي وينو هو. جڏهن ٻيڙي سامهون کان لنگهي ته غلام حسين ٻيڙيءَ جي مير بحرن کان پڇيو: ”ادا هي ماڻهو ڪاڏي ٿو وٺيو وڃين“؟ پوليس ميربحر کي اڳ ۾ سيکاري ڇڏيو هو، پوليس جي ڊپ کان سچ ڪيئن ٿي ڳالهائي سگهيو. تنهن چيو: ”سائي هي مزور آهن. اندر ڏاک ڪپيندا، ڪنداهہ ۾ وجي ڇڏينديس.“ ٻيڙي سامهون کان ڦيري، پريان ور ڪري، هن جي پنيان اچي جهنگل ۾ بيلي ۽ پوليس جا سپاهي، جيڪي خانگي ڊريس ۾ هئا. اهي ٻيڙيءَ مان هٿيار لاهڻ لڳا. منو جيڪو جهنگل ڏانهن منهن ڪيو چوڪيءَ تي وينل هو. هن ٻيڙي مان هٿيار ڪڍندي ڏٺا ته سمجهي ويو ته اها پوليس آ. پر ايڏي پوليس کي جو ڏٺائين ته ياڙيو ٿي پيو. نه دانهن ڪيائين نه غلام حسين وارن کي ٻڌايائين. ماٺ ميٺ ۾ ڀڄي ويو.
پوليس غلام حسين وارن جي پويان کان ٿي. سامهون جهنگل مان غلام حسين وارن تي فائرنگ ڪئي. عبدالرحمان ۽ علي بخش ته بروقت ئي ٽڏي تي ئي مارجي پيا. غلام حسين کي اوڏيءَ مهل ڪو ڏڪ ڪونه لڳو. هو ٽپ ڏئي اڏ ۾ ٿي ويو. جهٽ ڏئي علي بخش ۽ عبدالرحمان جو رائفلون به ڪٽي ورتائين. غلام حسين اهڙي هنڌ هو. جو چاهي ها ته آساني سان ڀڄي ٿي سگهيو. پر هن کي ايڏو جوش هو، جوان ته هو، هن اُتي فائر ڪيا. هڪ رائفل خالي پئي ٽئي ته ٻي ٿي ڪنيائين. ٽئي رائفلون خالي ٿي ويس ته يڪدم هڪ کي ڀريائين. فائر تي فائر پي ڪيائين. پر قسمت سندس سات ڇڏيو بيني هئي. سندس هڪ رائفل ڦاٽي پئي. ڪجهه ڪلاڪن ڪانپوءِ ٻي رائفل به ڦاٽي پيس. پر هن همت نه هاري.

اجان هڪ رائفل هن وٽ هئي. صبح جو ڏهين وڳي اهو جهيڙو شروع ٿيو هو. هاڻ شام جا اچي چار وڳا هئا. غلام حسين پوليس کي وٽ ئي نہ پيو ڏي ۽ اوچتو غلام حسين جي ٽئين رائفل بہ ڦاٽي پئي. پر پوليس کي اها طاقت نہ پئي ٿئي جو اڳيان وڌي. هڪ پوليس واري چا ڪيو جو اها اڑل ٽپي واهڙ جي پريائون ڪرمپور جي پاسي کان ڦري. پٺ ڏاهون ويو. غلام حسين جو ڌيان سامهون واري پاسي هو. پٺ جي ڪيس خبر ڪانہ هئا. هن پوليس واري پٺ کان فائر ڪيا. اهي فائر وجي غلام حسين جي پنيان لڳا. هو ڏڪجي پيو. پهرين تہ ڪري پيو. پر وري اٿيو ۽ گوڏو کوڙي ويهي رهيو. انهيءَ ڳالھ کي بہ ڪلاڪ ٿي ويا. پوليس کي همت نہ پئي ٿئي جو اڳي وڌي. نيٺ پوليس کن ماڻهن کي زوري موڪليو تہ وڃي ڏسي اچو. انهن اچي ٻڌايو تہ: ”بابا هو تہ ڪڏهن کان ختم ٿي ويو آ. مارجي ويو آ. اوهين ڊپ ۾ وڃو ڪونہ ٿا“. پوءِ پوليس وئي آ، اڑل ٽپي لاش سيوهڻ کڻي وئي.

اهڙيءَ طرح غلام حسين جهڙو جوان دوکي ۽ فريب سان مارجي ويو. ۽ ٻئي پاسي اهو غدار عاقل جنهن دوکي سان غلام حسين کي مارايو، انهيءَ کي اچي ڊپ لڳو تہ متان غلام حسين جا دوست ماکان نہ بدلو وٺن، انهيءَ جو سورنهن سترنهن ڏينهن ڪانپوءِ هاٽ (هارٽ) فيل ٿي پيو دل ٽٽي پيس مري ويو.

# پوليس جي پاڇ

غلام حسين جي جيئري ئي اسين الڳ ٿي ويا هئاسين. هاڻ مان الڳ ڏاڙا هڻڻ ويندو هوس. پاڪستان ٺهڻ کي ڪجهه مهينا ٿيا هئا. ماڪي هڪ دوست اچي ٻڌايو ته ”سيوهڻ کان ڏکڻ ڏي لڪيءَ (ضلع دادو) جو شهر آ، جتي پاڻيءَ جا چشما آهن. اتي واڻيا رهن ٿا. سڄي لڪيءَ جي شهر تي انهن واڻين جو قبضو آ. اوهين غازي جوان گهمندا ٿا وتو. شهر تي واڻيا ڪنٽرول ڪيو وينا آهن. اوهين هنن کي هتان ڀڄايو يا ماريو. هي هندو، هنن جو کهڙو حق آ جو اجا اسان جي ملڪ ۾ وينا آهن“. مان کيس چيو: ”تون نيڪ ٿو چوين. اسين هنن کي هتان ڪيندا‌سين“. اسان نوابشاهه جي جاگير ٻيلي ۾ آياسين، مان سان گڏ ڇهه همراهه هئا. رائفلون ۽ بندوقون ٻه ساڻ هيون. پوءِ درياهه تي آياسين ڀڳو ٽوڙو چئبو آ انهيءَ جاءِ کي. انهيءَ ڀڳي ٽوڙي کئون ٻنپهرن جو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي. ٽپهريءَ جو اسين پيرين پير، لڪيءَ جي پاسي پهتاسين. ات لهي، جبل جو ڪنارو وٺي، سڌو اولهين پاڳي ڏانهن وڃي اسان هنن جو گهٽ جهليو.

واڻين جا اتي گهر هئا، مڙهيو هئيون. مڙهين ۾ بت هئا. ات واڻين جو وڏو بندوبست هو. اسان اوچتو نعرا هڻي حملو ڪيوسين ۽ هڪل ڪري چيوسين، ”جيڪي مسلمان هتي آهن اهي پنتي وڃن. اسين هنن کي ڪجهه نه چونداسين. اسان کي واڻين کي لٽڻو آ، واڻين جو هاڻ هتي ڇا آهي. جو هتي اجان وينا آهن“. مسلمان سيئي هتي پري ٿيا. اسين مڙهين ۾ گهڙي پياسين. اهي هندو پئيا هئا، جلدي اسان هنن تي مڪمل ڪنٽرول ڪري ورتو.

مڙهين ۾ ڪيتريون تصويرون ۽ بت هئا. اسان جي نظر هڪ عورت تي پئي، جيڪا بلڪل اگهاڙي هئي. اسان هڪ پئيي کان پڇيو ته : ”هيءَ ڪنهن جي تصوير آ“، هن هٿ ٻڌي چيو ته: ”هيءَ تصوير ڏاڏي حوا جي آ“. اسان جي هڪ همراهه وٽ لٺ هئي. هن اها لٺ انهيءَ پئي جي مٿي ۾ زور سان هڻي ڪڍي ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين بي غيرتو اوهان ڏاڏي حوال کي ننگو ڪري ويهاريو آ. اسان هنن واڻين کي خوب مار ڏني ۽ ڏاڏي حوا جي اها تصوير پڄي چڏي سي. هنن جون عورتون ڊوڙي آيون، اسان عورتن تي هٿ نه کنيو. کين چيو: ”مايون ڳالهه ٻڌو، هاڻ اوهان جو ڪو حق ڪونهي هتي رهڻ جو هاڻ هيءُ پاڪستان آ. توهان وڃو پنهنجي هندستان. جيڪڏهن اوهين نه ويا ته اسين اوهان کي ماريندا‌سين“. انهيءَ وقت اسان کي مسلماني جو جوش ڪنيو بيٺو هجي. اسين چاهيون پيا ته واڻيا وڃن ۽ اسان جا مسلمان ڀائر هتي اچي رهن پر هاڻ هندوئن کي پيا ياد ڪريون.

هتي مڙهين ۾ جيڪي بت هئا اسان پئين کي چيو ته اهي پنهنجي هٿن سان پجو. هو نه پيا پجن. اسان بندوقون اپيون کيون ۽ هڪلون ڏنيونسين ته: "پجو سيئي بت." نيٺ هنن پنهنجي هٿن سان سيئي بت ڀڳا. اسان کين چيو: "اهي اوهان خدا ٺاهي رکيا هئا. هنن کي اوهان پوڄيندا هئا. هنن کان دعائون گهرندا هئا. پر هنن ۾ ايتري طاقت ڪانهي جو پاڻ کي اوهان کان بچائي سگهن. اهي ڪوڙا خدا آهن خدا اهو آ جنهن سڄي دنيا خلقي آ. جنهن اسان کي ۽ اوهان کي خلقيو آ".

بت ڀڄرائڻ کانپوءِ اسان هنن جي ٽپڙن تي قبضو ڪيو ۽ هنن کي حڪم ڏنوسين ته: "جيڪڏهن توهان سپاڻ هتي رهيا ته سپاڻي اسين اچي سيني کي مارينداسين. هڪڙو به زنده نه ڇڏينداسين. هاڻي جو هاڻي اوهين جاڏي جو تاڏي هليا وڃو." اسان هتي پورا ٻه ڪلاڪ تقرير ڪئي ۽ هنن جي هر شيءَ اتان ڪڍي نڪتاسين. اسان کي اتي چار ڪلاڪ لڳا.

هڪڙو پئيو اتان لڪي جبلن تي هليو ويو هو ۽ لڪندو ڇپندو وڃي لڪي پوليس اسٽيشن تي پهتو. هن پوليس ۾ رپورٽ ڪئي ته ڏاڙيل ڏاڙو پيا هڻن. توهان ڪا همت ڪريو. هنن هر شيءَ لٽي ورتي آ، ٽي سگهي ٿو ته ماڻهو به ماري ڇڏيا هجن. هنجي رپورٽ تي پوليس سنبري هلي.

اسين اتان موٽياسون پي ته سامهون کان ايندڙ ماڻهن اسان کي ٻڌايو ته: "سامهون کان پوليس پئي اچي." پوليس جو ٻڌي اسان ڀڳاسين ڪونه مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيٺاسين. پوليس سامهون کان آئي ته اسان دوبدو مقابلو ڪيوسين. اسين ست ماڻهو هئاسين. سخت مقابلو ٿيو. پوليس اسان تي فائر ڪيا. اسان آڏو وڻي بيٺا هئاسين. پوءِ اسان به پوليس تي فائر ڪيا.

پوليس اسان سان مقابلو ڪري نه سگهي. يڪدم سامهون کان هٽي وئي. اسان ڪنارو ڏئي جبل ڏي اتر طرف کان پڇي نوڙي آياسين. لڪيءَ وٽ جنهن پوليس اسان سان مقابلو ڪيوهو، هن دادو ۽ سيوهڻ جي پوليس کي اسان جو اطلاع ڏئي ڇڏيو هو. دادو ۽ سيوهڻ جي پوليس پڳي نوڙي جي اسٽيشن وٽ اسان جو اڳ وڻي بيهي رهي. اسان کي اها خبر ئي نه هجي. اسين انهيءَ پاسي وڃي رهيا هئاسين. هڪڙو ماڻهو اوڏانهن ڪئون پي آيو. اتي سچ اچي لٿو. اسان وٽ گهوڙا ڪونه هئا. پيادا پي وياسين. هن اسان کي ٻڌايو ته پوليس ات بيني اتيءَ جنهن جو اتو متو ڪونهي. اسان ڪانئس پڇيو ته: "ڪاٿي ويني آ؟ هن ٻڌايو ته ٽيشن جي پاسي ۾ ويني آ".

اسان اهو طرف ورتو جنهن پاسي پوليس اڳ ونيو بيني هئي. اسان پوليس جي پرسان پهچي نعرا هنيا ۽ هڪلون ڏنيون. "هٿي وجو اسان جي گس مان. خبردار جو ڪو سامهون

آيو آ. اسين ميدان ڪيو پيا اچون. اسان جي سامهون جيڪو ايندو اسان ان کي پڳڙن وانگر پچي ڇڏينداسين“. ۽ پوءِ اسان زبردست فائرنگ ڪئي. پوليس به اسان تي فائر ڪيا، پر پوليس اسان سان مقابلو نه ڪري سگهي. هنن کي جان جو ڊپ هو. اسين ته سر جو سانگو لاهي ويندا هئاسين. پر هو فقط پگهار جي ڪري پنهنجو سر ڏين، سو اهي پنهنجي سر جو بچاءُ ڪري پوئتي پچي ويا.

اسان جو رستو صاف ٿي ويو. اسان اڳتي وجي درياهه جي پاسي لڙي پياسين. پوءِ درياهه پار ڪري ٻيلي ۾ ڪناهه ۾ گهڙي پياسن. اهو ٻيلو اٽڪل ٻه ٽي هزار ايڪٽر ۾ آ. اتي تمام وڏا ۽ گهاٽا وڻ آهن. ڪٿي ڪٿي ته ڏينهن جو به سج جي روشني پٽ تي نه پوندي آ. اتي ياڻ به آهن. اسين اتي وڃي رهندا هئاسين. ياڻ چوندا آهن ياڳين کي، جن وٽ پنهنجون مينهون ڍڳيون هونديون آهن. مانيءَ ٽڪيءَ جي جنهن وقت اسان کي ضرور هئي. اهي تيار ڪري ڏيندا هئا. ڪيترن ياڳين سان منهنجي دوست هئي. اسين ڪناهه ۾ ٽي ڏينهن رهياسين. پوءِ دولت پور ڪان روڊ ٽپيوسين ته هڪ ماڻهوءَ اسان کي ٻڌايو ته هتي پوليس جو ڏس پيو آ. پوليس جي ٽرڪ قاضي احمد ڏانهن وئي آ، پوءِ اتان موٽندي. اسان روڊن جي پاسي ۾ ويهي رهياسين ته پلي پوليس اچي ته هن سان مقابلو ڪيون.

اسانکي ويٺي ڪجهه وقت ٿيو ته: اسان ڏٺوسي ته سامهون ڪان هڪ لاري اچي پئي. اسان اوچتو فيصلو ڪيوسين ته لاري کي ڦريون ٿا. پلي ته پوليس کي پتو پوي ۽ مقابلي لاءِ اچي. نه ته ٽي سگهي ٿو ته نه به اچي. اسان جو هڪڙو همراهه ڪجهه اڳ پرو وڃي بيٺو ۽ لاريءَ کي هٿ ڏنائين. لاري جڏهن بيني ته اسين به ڊوڙ پائي لاريءَ ۾ چڙهڻ لڳاسين. ڊرائيور اسان کي ڏسي ورتو ۽ هن لاري تيزيءَ سان هلائي ڇڏي. اسين لاريءَ ۾ چڙهي نه سگهياسين. پر اسان وارو همراهه لاري ۾ چڙهي ويو ۽ هن رائفل اپي ڪري ڊرائيور کي چيو ته : ”لاري روڪ.“ پر ڊرائيور لاري نه روڪي. هن ڊرائيور کي ٻانهن ۾ گولي هڻي ڪڍي. لاري ڊرائيور جي قابو کان ٻاهر نڪري وئي ۽ ڪامي ۾ وڃي گهڙات ڪري بيهي رهي. اسان ڊوڙي وڃي اتي پهتاسين ۽ سيني مسافرن جي تلاشي ورتي. جنهن وٽ جيڪو ڪجهه هو اهو سيڪجهه ڪيرائي ورتوسين. البت عورتن کي هٿ ڪونه لاتوسين. ڦر ڪانپوءِ ماڻهو ٽڙي پکڙي ويا ۽ ڪلاڪ ڪانپوءِ کي ماڻهو پوليس وٽ پهچي ويا ۽ اطلاع ڪيائون ته لاري کي ڌاڙو لڳو آ.

ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ پوليس پهچي وئي. اسان پوليس سان ڀرپور مقابلو ڪيوسين. نيٺ پوليس ٽرڪ سوڌي قاضي احمد ڏانهن موٽي وئي.

اسين ٻيلي ۾ موٽي آياسين اسين هڪ ٻه ڏينهن ٻيلي ۾ رهيل هئاسين. اسان کي خبر پئي ته پوليس اسانجا پير کڻي پئي. پر پوليس رڳو بند تي هيڏي هوڏي ڦيرا اپائيندي رهي. هيٺ ٻيلي ۾ نه لٿي. پوءِ اسين اتي ٽي ڏينهن رهي، چوٿين ڏينهن موٽي آياسين.

# احمد خان ڏيپر جو ڏاڙو

پاڪستان هندستان اجان مس ٺهيا هئا. تڏهن جي ڳالهه آ. جناب ذولفقار علي ڀٽي صاحب جو والد شاهنواز ڀٽو ڪراچيءَ ۾ رهندو هو. خبر نه ڪهڙيءَ ڳالهه ڪري ڪيس حفاظت جي ضرورت پئي. هن نئون ديرو تار ڪئي ته ميري کي چئو ته مان وٽ اچي پهرو ڏي. انهن ڏينهن ۾ اسين اچي اميرآباد ۾ رهيا هئاسين. ڀٽي صاحب جو ڪمدار مان وٽ آيو. مان انڪار ڪيو ته "نوڪري مان کان ڪانه ٿيندي. نوڪري آهي ٺوڪري. خبر نه موڪل ڏين يا نه. اسين آزاد ماڻهو سو مان کان ڪانه ٿي نوڪري پڄي". پر بابا ۽ ڀين مائٽن زور پريو ته: "تون ضرور وڃ. ڀٽي صاحب سڏايو آ. اسين اصل ماڻهو به ته ڀٽي صاحب جا آهيون".

سيني جي زور پرڻ تي نيٺ مان سنبريس. ڪپڙا ڪنيم. چمڙي ۾ هنڌ ٻڌم. ڀٽي صاحب جو وزير جيڪو زمينو وغيره سنڀاليندو هو. هن ماڪي خرچ پکي لاءِ تي سوءِ رپيا ڏنا هئا. مان اجا سنبري تيار ٿيس ته هڪڙو ماڻهو ماڪي سڏڻ آيو ته: "فلاڻا ماڻهو فلاڻي هنڌ وينا آهن. اهي توکي سڏين پيا ته تون اچي ملي وڃ!" پهرين سوچيم ته نه وڃان پر پوءِ سوچيم: "نيڪ آ، انهن سان ملي ٿو اچان ادائي ڪوهن تي ته آهن. ڏسان ڇا ٿا چون. انهن سان ملي ڪراچي هليو ويندم".

مان ويس. اتي الهڏنو ۽ ست ڄڻا ٻيا هئا. الهڏنو منهنجو پڪو دوست هو. ذات جو بوزدار هو ۽ وڏو ڏاڙيل هو. مان خيروعافيت ڪئي ۽ ڪم پڇيو. چاڪاڻ ته مانکي ڪراچي وڃڻ جي تڪڙ هئي. الهڏني ماکي چيو: "لاڙڪاڻي جي پاسي هڪڙو ڏاڙو هڻڻو آ. خبر پئي اٿئون ته ڏاڍي ملڪيت آ، تون اسان سان هل. مان کيس جواب ڏنو ته : "مان ڪم سان پيو وڃان. مان نه هلي سگهندم. اوهين وڃي ٿي اچو." پر الهڏنو ضد ڪري ٻينو چئي "نه ڪر ميرا. مان تنهنجي دوستيءَ جي آسري تي هنن دوستن کي وٺي آيو آن. هاڻ اسان کي مايوس نه ڪر. جيڪڏهن تون نه هلندين ته اسين به نه ويندا سين. توکي هلڻو پوندو. اسان سي آءِ ڊي ڪرڻ لاءِ هڪڙو همراهه موڪليو آ، بس اُهو به اچڻ وارو هوندو".

۽ اوڏيءَ مهل ئي اهو ماڻهو به اچي پهتو. هن سر بستو احوال ڏنو ۽ ٻڌايائين ته "اها ملڪيت گهڻي آ". مان سندس ڳالهين مان مطمئن نه ٿي ٿيم. سوچيم هيءَ ماڻهو ڪو ڄاڻو نٿو ڏسجي. ماڳهين نه مصيبت ۾ وجهرائي. سو انهن کان معافي ورتم ۽ ڪانئن موڪلائي موٽيم. پر اجان ڏيڍ ڪن ميل ئي آيو هوندم ته هڪڙو همراهه گهوڙو ڊوڙائيندو آيو ۽ اچي چيائين ته : "توکي سڏايو اٿن. تون فقط هلي هنن جي ڳالهه ٻڌ." مان گهوڙي کي ڀنتي ورايو ۽ اچي هنن وٽ پهتس. اتي پهتس ته الهڏني پنهنجي ٽڪڙن جي ٽوپي لاهي منهنجي

پيرن تي رکي ۽ چيائين "توکي هلڻو پوندو. هاڻ تہ مان لاچار تي پيس". پٽي صاحب وٽ وڃڻ جو ارادو ڇڏي. هنن سان هليس.
انهن منهنجي لاءِ هڪ رائفل اڳ ۾ ئي گهرائي رکي هئي. مان پنهنجو گهوڙو هڪ هنڌ ڇڏيو. اسان هڪ موٽر پاڙي تي ڪري لاڙڪاڻي وياسي ۽ نصير آباد ٽپي اسان اڳتي وڌياسين. اسان کي احمد خان ڏيپر کي ڏاڙو هٽڻو هو. اسان سوچيو هو تہ شام جو ڏاڙو هٽون. پر ٿيو ائين جو اوچتو اسان جي موٽر ڦٽي پئي. ڊرائيور گهٽو ئي ناهيو پر موٽر نہ ٺهي. اسان ڊرائيور کي چيو تہ تون موٽر کهرائي لاڙڪاڻي وڃ ۽ وڃي فلاڻي هنڌ ترس. اسين اتي پهچنداسين. اسين پنڌ هلڻ لڳاسين. رات اچي ٿي. اسان وري سي آءِ ڊيءَ کي چيو "هاڻ رات اچي ٿي آ ڏاڙو سياڻي هٽنداسين. اڄ رات هلي ڪٿي ٽڪاءِ." هن چيو تہ پرسان هڪڙو ڳوٺ آ، جتي سڄاڻو رهن ٿا. اتي ٿا هلون. پر هن کان رستو ويو وسري، سو سڄي رات خوار ڪيائين. سيءُ بہ هجي ڏاڍو پر اسان کي سڄي رات هلڻو پيو. نيٺ جنهن مهل ڪڪڙن فجر جو دس هنيا، اوڏيءَ مهل اچي هڪ ڳوٺ کي ويجها پياسين. اسان هڪڙي همراهہ کي ڏسي سڏ ڪيو ۽ انهيءَ کان پڇيوسين، "ابا هيءُ ڪهڙو ڳوٺ آ"، هن ٻڌايو تہ: "هيءُ لاشارين جو ڳوٺ آ". تنهن تي اسان واري همراهہ کي ياد پيو تہ جنهن ڳوٺ هو اسان کي وٺي وڃي رهيو هو. جتي سندس ڄاڻ سڃاڻ هئي اهو ڳوٺ بہ پرسان هو. هن جو نالو هيو بشراتي جو ڳوٺ.
نيٺ وڃي اسين بشراتيءَ جي ڳوٺ پهتاسين. اسان واري سي آءِ ڊي جي رهائي رسائي صفا ڪانہ هئي. سو ماني ٽڪر بہ ڪونہ مليو. تنهن هوندي بہ اسان کي ٻيپهرن تائين اتي ترسڻو پيو. پوءِ اسين احمد خان جي ڳوٺ ڏانهن وڃڻ لاءِ نڪتاسين. پر هن همراهہ کي ڳوٺ هٿ اچي ئي نہ. مٿان اچي سانجهيءَ جو ٽائيم ٿيو. اسان ٽڪجي هڪ واٽر جي پرسان ويهي رهياسين. مان الهڏني کي چيو: "الهڏنا، منهنجو چوڻ مڃ. اتان ئي موٽ. جيڪو ماڻهو ماني بہ نہ کارائي سگهيو آ، تنهن تي پروسو ڪرڻ اجايو آ". الهڏنو ڪاوڙجي پيو. اتي ٽپ ڏئي واٽر ڪورس پاسي ڪيائين ۽ ماکي چيائين "تون اچي ٿيو آن پاڙي، توکي ناهي هلڻو تہ پلي نہ هل. اسين هلون ٿا". هو اڳتي هلڻ لڳو. سندس پويان ٻيا همراهہ بہ اتي هلڻ لڳا. مان هاڻ موٽي تہ ڪونہ ٿي سگهيس. چو تہ اڪيلو موٽان ها تہ پاڙيو سمجهيو وڃان ها. چيڙي ڪري هن جي پنيان هلڻ لڳس.
نيٺ اهو ڳوٺ نظر آيو، احمد خان ڏيپر جو ڳوٺ رات اچي ٿي هئي. اسان واري همراهہ کي زميندار جو گهر نظر ئي نہ اچي. سو زميندار جي ٻدران وڃي هڪ ٻي پڪي جاءِ وٽ بيهاريائين. اسان اندر گهڙي پياسين. اتي جي زال ۽ ٻارن اچي اسان کي هٿ ٻڌا ۽ چيائون: "اسين غريب ماڻهو آهيون. اسان وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي. پڪي جاءِ تي نہ پلجو اها تہ وڏن

جي نهرايل آ. اسين صفا غريب آهيون. وڏيرن جي جاءِ پريان سامهون اٿئون.“ اسان ڏٺو، واقعي اهي غريب پئي نظر آيا. اسين هنن جي گهر مان نڪتاسين. پر انهيءَ وچ ۾ وڏيرن کي خبر پئجي وئي ته ڏاڙيل آيا آهن. هنن يڪدم پنهنجا ماڻهو ڪوٽ تي چاڙهي بيهاريا ۽ انهيءَ کان اڳ جو اسين حملو ڪريون. هنن فائر شروع ڪري ڏنا. بدقسمتي سان پهرين ئي گولي الهڏني کي لڳي. هو ڏڪجي پيو ۽ اتي ئي ڪري پيو. اسان وارن همراهن جو حوصلو ٽٽي پيو. احمد خان جا ماڻهو زور تي ويا. اسان وارو سي آءِ ڊي ائين وٺي پڳو، جو وري ڪڏهن شڪل نه ڏنيسين. الهڏنو ڏڪجي پيو. جيڪو وٺي آيو سو پڄي ويو. اسان چڱائي انهيءَ ۾ سمجهي ته پنهنجون جانيون بچائي پڄي اچون“.
احمد خان جي ماڻهن جي فائرنگ سبب الهڏني کي ڪٽي به نه سگهياسين. پوليس پوءِ هن کي اسپتال ڪٽي وئي. هو بي هوش هو ۽ ٻئي ڏينهن بي هوشيءَ ۾ ئي اسپتال ۾ گذاري ويو.
اسين سيئي موٽي آياسين. مان اچي امير آباد ڦٽس. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ پوليس اچي ماڪي ڏاڙي جي الزام ۾ پڪڙيو. ڪيس هليو پر ثابتي نه ملڻ ڪري مان ڇٽي ويس.
اها ڳالهه ڪنهن وجي لاڙڪاڻي جي ڪليڪٽر سان ڪئي. هن ماڪي وري گرفتار ڪيو ۽ هن دفعي ڪيس جرڳي جي حوالي ڪيائون. جرڳي ۾ به ڏوهه مان تي بيهي ئي نه. خود احمد خان ڏيپر اهو چيو: ”مان اهو نٿو چئي سگهان ته چورن ۾ اهو به هو يا نه.“ نيٺ جرڳي ماکي ڪٽي قرآن ڏنو ته: ”هاڻ سچي ڪر ته احمد خان کي ڏاڙي هڻڻ ۾ تون هئين يا نه“؟ هاڻ مان ٻڌجي ويس. قرآن تي ڪوڙو قسم ته نه ڪٽبو. نيٺ قبولدار ٿيڻو پيو.
ماڪي ست سالن جي ٽيپ لڳي. اڳ ۾ ماڪي سينٽر جيل سکر وٺي ويا. پوءِ سينٽر جيل حيدرآباد اُماڻيو ۽ پوءِ ناري جيل (حيدرآباد) موڪليائون.

# جيل ۾ جهيڙو

ناري جيل ۾ شهباز خان سورهياڻي سپرنٽينڊنٽ هو. ڊپٽي سپرينٽينڊنٽ دراني هو. صوبيدار کي ڳاڙهو ڪري چوندا هئا، نالو جمعو هوس.
سپرنٽينڊنٽ ماڪي ٻاهر ڪان سڃاڻندو هو. هن صوبيدار کي چئي ڇڏيو هو ته ”هيءُ ماڻهو ڏنگو آ، هن کي تنگ نه ڪجو، جي ڪنڊؤ ته پوءِ منهنجو واسطو نه اٿؤ“. آهستي آهستي سزا جا ڏينهن گذري رهيا هئا. پنج مهينا ڏاڍي آرام سان گذريا ويا. ان جيل ۾ ڪو ڪم نه ڪندو هو. جيل به ٺڪو هو. ٿورو گهڻو پئسو ڏوڪڙ پاڻ وٽ رکي سگهبو هو. هڪ ڏينهن مان ڊيوٽي ڏيندڙ پوليس واري کي ڏهه رپيا ڏنا ۽ ڪا شيءِ گهرائيم. مان ڪيس خرچي ڏيان ها، پر هن بدبخت ڇا ڪيو جو ماڪي ٻارهين آني جي شيءِ آڻي ڏني ۽ باقي هڙپئي پئسا ڪائي ويو. ماڪي انهيءَ ڳالهه تان بخيلي وٺي وئي. مان ڪيس چيو: ”بابا مان قيدي آ، تون منهنجي هڪ رپئي جي شيءِ به نه آندي ۽ ڏهه رپيا ڪائي وئين. منهنجا پئسا موٽائي ڏي“. هو ماڪي گاريون ڏيڻ لڳو: ”جائو مان ڪا.... نهين هين تمهاري پئسي، ڪيا ڪري گا .... ڪاٽي گا“. هو هليو ويو ته مان جمعدار کي چيو: ”هن کي جهلي ڇڏ ته منهنجي سامهون نه اچي. نه ته جهيڙو ٿي پوندو“.
هن ڪمبخت جمعدار نه ڄاڻ هن کي چيو يا نه. هڪ ڏينهن ٻنپهرن جو ريسٽ جي ٽائيم تي (انهن ڏينهن ۾ ڪم جي وچ ۾ ريسٽ ٽائم به ملندو هو ۽ جيل ڪان ٻاهر ڪم ڪبو هو) ٻاهر جهڙو جهنگ هو سو ريسٽ ٽائم هجي. گرمي ڏاڍي هئي. مان هڪ وڻ جي هيٺان ڇانو ۾ ليٽيو پيو هوم. اهو پوليس وارو جيڪو منهنجا پئسا ڪائي ويو هو. هن جي رائفل سان اتي ڊيوٽي هئي. هن جي ڊيوٽي ته پري هئي پر هن کي به ڪتي ڪنئين جو پنهنجي پهري واري جاءِ ڇڏي. جتي مان هوم اتي پرسان اچي بوٽن جا نڪاءُ ڪيائين. مان ليٽي ئي ڪنڌ ورائي ڪيس ڏٺو ۽ ڪاوڙ ۾ چيومانس: ”هتي ڇو آيو آن. ٽري وڃ هتان“. هن ماڪي گار ڏئي چيو: ”تون قيدي ٿي ڪري مان تي ٿو حڪم هلائين. چپ ڪري ويهه، نه ته هيءَ سنگين تنهنجي.... ۾ وجهي وات مان ڪڍندس“. تنهنجي ته ماءُ کي....اسين سنڌي ماڻهو، گار ڪاٿي ٿي برادشت ٿئي. هن اڳ ۾ ماڪي گار ڏني هئي. ماڪي بخيلي وٺي وئي. هوش جاءِ نه رهيا ٽپ ڏئي وڃي مٿانس بيٺس. هو حيران ٿي ويو. مان چيم: ”مري وئي پيڻ جا .... مري وئين“.
جيستائين هو ڪجهه ڪري مان جهٽ هٽي ڪانئس رائفل ڦري ورتي ۽ نڪاءُ ڪرايو مانس قنداڪ. هو وڃي ڦهڪو ڪري ڪريو. رائفل لوڊ ٿيل ڪونه هئي ٻاويهه رائونڊ گوليون هنجي ڪيسي ۾ پيل هيون. اهي مان ڪڍي ورتيون. جمعدار حاجاڻو، منهنجي ڪڍ لڳو ته

مان هن کي تنگ ۾ گولي هنئي ۽ ڊوڙندو وڃي ڦليليءَ جو ڪنارو ورتوم. ٽي چار ميل پري تائين ڊوڙندو ويم. جيل جي سموري پوليس منهنجي ڪڍ هئي. ٻاهران به پوليس گهرائي وئي هئي. هن مان تي فئر ڪيا. جواب ۾ مان به فائر ڪيا. نيٺ هنن فوج گهرائي. جيڪا ٽنڊي يوسف ڪان ڦري منهنجو اڳ وٺيو بيٺي هئي. مان ٻنين مان ڀڄندو پي ويم. اتي مانڪي به هاري مليا. هنن ماکي چيو: "جوان تون ته رائفل ڪنيو ڀڄندو ٿو وڃين پر اڳيان ملٽريءَ جا ماڻهو اٿئي، جيئن متي جا وار".
اڳيان دڙا هئا. مان ان تان چڙهي ڏٺو. پريان برابر مليٽري ۽ پوليس جا سپاهي بي انتها هئا. اهي گوڏا کوڙي رائفلون اپيون ڪيو ويٺا هئا. پوءِ مان ڪيڙن ۾ ڍيري ڪري، آڏ ڪري ويهي رهيس. جيئن سپاهي ويجها ٿيا. مان انهن تي فائرنگ ڪئي. رائفل جو استعمال ماکي ايندو هو. مان ڏاڍي طريقي ۽ احتياط سان گوليون هلايون ٿي.
ڇهه ڪلاڪ اها ويڙهه هلي. پر هو ماکي گرفتار نه ڪري سگهيا. نيٺ هنن قيدين جون ٽوليون مان ڏانهن موڪليون. چار چار ٿي آيا پي جڏهن اهي منهنجي سامهون آيا ته مان هڪل ڏني "خبردار اڳيان نه وڌجو." قيدين مان هڪڙي چيو "ادا، مارڻو ٿئي ته پلي مار. اسان کي حڪم ٿيو آ ته هلندا هلو. اسان جي پٺيان پوليس رائفلون ڪنيو پئي اچي". منهنجي سامهون قيدي هئا. منهنجا ڀائر. هنن سان ته منهنجو ڪوبه جهيڙو ڪونه هيو. هو ته مظلوم هئا. مان هنن تي ڪيئن گولي هلايان. جيڪڏهن گولي هلايم ٿي ته هو ٿي مئا ۽ هنن کي ماري نٿي سگهيس. سوچيم ته "منهنجي ته قدرت پڄائي آ، منهنجي ته اچي پڳي آ. پوءِ جي مري ويس ته ماشاالله، پر اهو لعنتاڻو ته نه ڪٽان جو دنيا چوي: قيدي به ماري ويو." مان بيوس ٿي پيس. مان رائفل ڪٽي اڇلي. هنن مان کي جهلي ورتو. پوءِ جو پوليس وارا آيا ته ڏکن سان بيهجي ويا. لتون هنيون، ٺڏا هنيائون، هڪ بندوق جي قنداڪ منهنجي متي ۾ لڳي، متو ڦاٽي پيو سنگينون ٽنبيائون.
۽ پوءِ جيل جو صوبيدار جمعو خان پريان ڪان هڪلون ڏيندو ڀڄندو آيو: "خبردار مت مارو ، بهن ڪي... مت مارو، پهلي جاتي نهين ٿي، جب قيديون ني پڪڙا هي تو مارت هو".
پوءِ مان بيهوش ٿي ويم. ماکي سول اسپتال ڪٽائي ويا. ماکي ڪنهن وقت هوش آيو ٿي ڪڏهن بيهوش ٿي ويم پي. جڏهن اسپتال پهتس ته ڪافي رات ٿي وئي هئي. منهنجي جسم تي زخم ڌوئي پٽيون ٻڌيون ويون هيون. ماکي هوش آيو ته ڏٺم ته انگريز بيٺو هو. پوءِ پتو پيم ته اهو فوج جو وڏو آفيسر هو. هن کي ٿوري ٿوري اڙدو ايندي هئي. ماکان اڙدو ۾ پڇيائين. "تنهنجي طبيعت ڪيئن آ؟" مان چيم "هاڻ منهنجي طبيعت نيڪ آ". هن مرڪي چيو: "قيدي آهين نه ته ههڙيءَ بهادريءَ تي توکي انعام ڏيان ها. جهڙي بهادريءَ سان تو مقابلو ڪيو آ." مان دل ۾ سوچيم: "شايد ٺوڪ ٿو هٽيم. پڪ اهو ڦاسي ڏياريندو".

هن سان گڏ سول (سرجن) بہ بيٺو هو. هيءُ هنن سان ڳالهائڻ لڳو پوءِ مان سان هٿ ملائي ويو. سندس وڃڻ کانپوءِ ننڍين ڊاڪٽرن ماکي ٻڌايو تہ ”ڪرنل سول (سرجن) کي چيو آ تہ: هن تي ڪيترو بہ خرچ اچي هن کي تندرست ڪريو. هن اڪيلي سر ڇهہ ڪلاڪ پوليس ۽ ايس پي آر سان مقابلو ڪيو آ. اسان جي ماڻهن کي جرئت نہ ٿي جوهن گرفتار ڪري سگهن. اسان قيدي گهرائي هن کي گرفتار ڪيو آ“. تڏهن منهنجي دل تي پاڻي پيو ۽ مان دل ۾ چيو تہ: ”هيءُ منهنجو همدرد آ. هيءُ شايد ماکي فائدو رسائي“.
سول ۾ مان اڍائي کن مهينا هوم، بہ پوليس وارا سدائين مان تي پهرو ڏيندا هئا. انگريز آفيسر مان سان بہ ٽي دفعا ملڻ آيو. ماکي هن چيو: ”مان جيل مان جانچ ڪرائي آ. تون بيگناهہ آهين. تون فڪر نہ ڪر. مان توکي بچائڻ جي پوري ڪوشش ڪندم“. هن سول جي وڏي ڊاڪٽر کي بہ منهنجي پارت ڪئي هئي. تنهن ڪري اسپتال وارا بہ منهنجو ڏاڍو خيال رکندا هئا. جيترا ڏينهن مان سول ۾ هوم منهنجو ڪيس ڪونہ هليو. ڇاڪاڻ تہ مان هلڻ جهڙو ڪونہ هوم.
جڏهن مان نيڪ ٿي ويم تہ هڪڙي ڏينهن لاءِ ماکي ناري جيل وٺي ويا. ڇاڪاڻ تہ مان انهيءَ جيل مان آيو هوم. پوءِ منهنجي هتي انٽري ڪري، ٻئي ڏينهن جيل بدليءَ جا ڪاغذ ٺاهي، ماکي سينٽرل جيل حيدرآباد اماڻي ڇڏيائون.
سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ انهيءَ وقت هادي بخش شيخ سپرينٽينڊنٽ هو، هو تمام ظالم سپرنٽيڊنٽ هو. قيدن تي ڏاڍا ظلم ڪندو هو.
ناري وارو ڪيس مان تي بہ سال هيو. اهي بہ ڪيس هئا. هڪڙو پوليس ۽ ايس پي آر سان جهيڙي جو ۽ ٻيو جيڪو سپاهي مئو هو. اهو سپاهيءَ وارو ڪيس سيڪنڊ سب جج گهلو صاحب جي ڪورٽ ۾ هلندو هو ۽ ايس پي آر سان جهيڙي وارو سٽي مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾. پنجين ڇهين ڏينهن هڪڙو ڪورٽ ۾ ۽ انهيءَ جي پنجين ڇهين ڏينهن ٻي ڪورٽ ۾ ڪيس هلندو هو. ڏنڊا ٻيڙي رات ڏينهن لڳل هوندي هئي. سمهندو بہ ڏنڊا ٻيڙيءَ سان هوم. شروع ۾ پهرين نمبر بند وارڊ ۾ رکيو هئائون اٺن نون مهينن کان پوءِ ڪاري چڪر ۾ ڊبل ۾ رکيائون (ڊبل: ڪن جيلن ۾ ماڙيون آهن. جن کي جيل وارا ڊبل چوندا آهن. هر جيل ۾ بہ چڪر ٿيندا آهن، اڇو چڪر ۽ ڪارو چڪر. اڇي چڪر ۾ ننڍي سزا وارا ۽ ڪچا قيدي رکبا آهن. ڪاري چڪر ۾ وڏي سزا وارا ۽ خطرناڪ قيدي رکبا آهن).
ڏيڍ سال ڪيس الڳ الڳ ڪورٽن ۾ هلندا رهيا پوءِ ٻئي ڪمبند ٿي سيشن (ڪورٽ) ۾ويا. جڏهن ٻئي مسلون سيشن ۾ ويون تہ، سيشن ٻئي ڪيسن گڏي هلايا. جن شاهدن هيٺين ڪورٽن ۾ شاهديون ڏنيون هيون. سيشن ۾ انهن شاهدن جون شاهديون وري هليون.

منهنجي ڀاءُ غلام حيدر ٻه هزار رپيا ڏئي وڪيل ڪيو هو. سيد هو، ڏگهو نوجوان هو، ماڪي سندس نالو وسري ويو آ. هن منهنجو ڏاڍو بچاءُ ڪيو. ڏاڍو سنو ڪيس وڙهيو. شاهدن منهنجي خلاف جيڪو آين سو چئي ويا. پر منهنجي وڪيل شاهدن کي ڪوڙو ڪري ڏيکاريو. البت سپرينٽينڊنٽ ۽ ڊپٽي (سپرٽينڊنٽ) جيڪي بيان ڏنا، اهي منهنجي فائدي ۾ ويا. منهنجي وڪيل انهن جي شاهديءَ ڪانپوءِ ڪورٽ کي چيو ته: ”هنن جي شاهديءَ مان ثابت آ ته ڏوهه سپاهيءَ جو هو. قيديءَ جو ڪو ڏوهه ڪونه هو“.

آخر ۾ اهو انگريز آفيسر شاهدي ڏيڻ آيو. ماڪي اها خبر ڪانهي ته اهو ايترو عرصو حيدرآباد ۾ ئي رهيل هو يا ڪاٿون ٻاهران آيو هو. هن منهنجي فائدي ۾ بيان ڏنو ۽ ماڪي بي ڏوهي نهريائين.

مان ٻه پنهنجي بيان ۾ ڏوهه قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ڇاڪاڻ ته منهنجو ضمير صاف هو. مان ڏوهه ڪيو ئي ڪونه هو. ڏوهه سراسر هن پوليس واري جو پنهنجو هو. منهنجي بيان ڪانپوءِ سيشن (جج) ماڪي چيو: ”چوٿين ڏينهن تنهنجي ڪيس جي فتوا آ“.

مان جيل موٽي آيم. چوٿين ڏينهن مانکي وري ڪورٽ وٺي ويا. سيشن جج ماڪي چيو ته ”توتي ڏوهه ثابت ٿي نه سگهيو آ. هن ٻنهي ڪيسن مان توکي آزاد ڪريان ٿو“.

مان جيل موٽي آيم. ڏنڊا ٻيڙي تي لڳل هوندي هئي. انهيءَ کان علاوه ٻانهن ۾ ريوٽ ٻه لڳل هوندي هئي. جڏهن حاضريءَ تي ڪورٽ ويندو هوم، ته جيل جي ماڙيءَ وٽ اها ريوٽ لاهيندا هئا ۽ ٻاهرين پوليس هٿڪڙيون لاهيندي هئي ۽ جيل وارا ريوٽ لڳائيندا هئا. انهيءَ ريوٽ لهرائڻ لاءِ مان پنهنجي وڪيل کي ٻه چيو هو پر هن چيو ”اهو جيل جو قانون آ. انهيءَ لاءِ مان ڪجهه نٿو ڪري سگهان“.

اها ريوٽ وڏي مصيبت هئي. وڏو آزار هو. اها ريوٽ لوهه جي هڪ ٻانهيءَ وانگر هوندي آ. ٻانهين ته هڪ هٿ ۾ پائبي آ، پر هيءَ ٻنهي هٿن کي ملائي ڪرائين کان ڪجهه مٿي تائين چڙهيل هوندي آ. انهيءَ جي لڳڻ سان ٻئي ٻانهون پاڻ ۾ ڳنڍيجيون وڃن ۽ ٻانهون سخت تڪليف سان چوري پوري سگهبيون آهن. هٿ ڪڙيون ته انهيءَ جي ڀيٽ ۾ ڪا شيءَ ڪانهي. سال کن کان اها ريوٽ لڳل هئي ۽ اهو هڪ سال ڏاڍو عذاب ۾ گذريو. حاجت وقت ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. ماني ٻه عذابن سان کائي سگهندو هوم، نماز ٻه سڌي نموني نه پڙهي سگهندو هوم.

ريوٽ ڪري ڪرائين تي ڦٽ ٿي پيا. جن جا نشان اڃان بيٺا آهن. جيلرن کي سپرٽينڊنٽ کي گهڻو ئي چيم، پر ڪو ٻه ريوٽ لاهڻ لاءِ تيار نه هو. نيٺ هڪ ڏينهن جيلن جو آءِ جي آيو. هن جو نالو زيڊ زيڊ احمد هو. پهرين ڪولي منهنجي هئي. جڏهن هو منهنجي ڪوليءَ

جي سامهون آيو ته مان چيو: ”هڪ عرض ڪرڻو آهي.“ هن چيو ”چئو“. مان چيومانس ”هي ريوٽ کولائي، ماکي ڏاڍي تڪليف آ. مان نماز به نٿو پڙهي سگهان“.
انهن ڏينهن ۾ ٿيندو ائين هو ته جيڪو بند وارڊ ۾ هوندو هو يا خطرناڪ قيدي هوندو هو. انهيءَ جا سمورا اعمال ۽ حرڪتون لڪيل صورت ۾ کوليءَ جي ٻاهران پت تي ٽنگيل هوندا هئا. آءٌ جيءَ منهنجا سمورا اعمال پڙهيا ۽ پوءِ چيائين ”نه نه، مان تنهنجي ريوٽ لهريان، مان ائين نٿو ڪري سگهان. ماکي ايتري طاقت ڪانهي مان اها ريوٽ کولڻ جو آرڊر نٿو ڏئي سگهان“.
۽ پوءِ اڳيان وڌي ويو. ماکي باهه وٺي وئي. منهنجي رڳ ٽڙي وئي. مان وٺي گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. او تنهنجي جوءِ ڪي.... او تنهنجي ڌيءَ ڪي .... تنهنجي ته ما ڪي.... گارين جو ڏوڙيو لائي ڏنم. سپرنٽينڊنٽ، ڊپٽي جيلر، صوبيدار، پوليس وارا سيئي هجن. ڪن ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيا. ڪي آهستي مرڪڻ لڳا. ڪي ماٺ ڪيو بيٺا هئا. منهنجي گار جي رَئي پي پئي. نيٺ آءٌ جي رڙ ڪري چيو ”هن ڪي چئو بڪ بند ڪري. مان اچان ٿو. هن جي ڳالهه ٻڌان ٿو“. صوبيدار ڊوڙندو آيو چيائين: ”ميرا ميرا ماٺ ڪر، صاحب اچي ٿو. هو تنهنجي ڳالهه ٻڌندو. تون خالي ماٺ ڪر“.
مان ماٺ ڪئي. آءٌ جي سيني کولين جو چڪر ڏئي، مان وٽ آيو. چيائين: ”هاڻي چئو، ڇا ٿو چئين“. مان ڏاڍي ڊرائي ورتي. مسڪين صورت ٺٽائي چيم ”سائين مان اوهان کي عرض ڪيو هو. پر اوهان منهنجو عرض نه مڃيو، ريوٽ جي ڪري ماکي ڏاڍي تڪليف آ. مان نماز به ڏاڍي مشڪل سان پڙهي ٿو سگهان. پلا ٻڌايو ته مان ڪنهن کي دانهن ڏيان. اوهين ابا آهيو، ته سائين به آهيو. مان اوهان جو ٻچو آهيان. پلا ڪنهن کي دانهن ڏيان. پلا اوهان ئي انڪار ڪيو ته پوءِ پلا ڪير منهنجي ڳالهه ٻڌندو.“ آءٌ جي ڪنڌ ڌوڻيو ۽ سپرنٽينڊنٽ کي چيائين: ”ڏسو هنجي چال چلت نيڪ هجي ته هن جي ريوٽ کولي ڇڏيو“.
آءٌ جي ويو هليو. اهو سومر جو ڏينهن هجي. هفتي ڪانپوءِ ٻئي سومر تي سپرنٽينڊنٽ آيو. ماکان اچي پڇيائين. ”ميرا کو کم کار، کا تڪليف اٿئي“؟ ماکي خار ته ڏاڍا لڳا ڇاڪاڻ ته ڪيس سڄي ڄاڻ هئي. پر چيومانس : ”نه صاحب کو به ڪم ڪار کونهي. نه ئي ڪا تڪليف اٿم. سپرنٽينڊنٽ ٿوري دير ترسيو ۽ پوءِ هليو ويو. پوري هفتي ڪانپوءِ وري آيو ۽ اچي پڇيائين: ”ميرا کو کم کار، کا تڪليف اٿم“. مان ڪيس ڏنو ”صاحب کو کم کار کونهي. نه ئي ڪا تڪليف اٿم.“ سپرنٽينڊنٽ ڪجهه دير ترسي ماکي چيو: ”تو آءٌ جيءَ کي ريوٽ لهرائڻ لاءِ چيو هو. هاڻ چئين ٿو کو کم کونهي، کا تڪليف ڪانهي“.
چيومانس: ”مان آءٌ جي صاحب کي عرض ڪيو هو. هن اوهان کي چيو، پر اوهين نٽا لاهيو.

هاڻ مان منٿ نہ ڪندس“. سپرنٽينڊنٽ ڪليو ۽ چيائين: ”وڏو بدمعاش آن“. پوءِ ڊپٽي (سپرنٽينڊنٽ) کي چيائين: ”هن جي ريوٽ لاهي ڇڏيو“.
پوءِ ماڪي لوهر وٽ وٺي ويا. جنهن ريوٽ جي ڪلي ڪڍي ۽ انهيءَ عذاب مان منهنجي جند ڇٽي. مان ڪاري چڪر واري ڊبل جي ڪوليءَ ۾ رهيل هوم. ڪوليءَ کي سڄو ڏينهن تالو لڳل هوندو هو ۽ وراندي واري در کي بہ. هڪڙي منٽ لاءِ بہ ماڪي ڪوليءَ ڪان ٻاهر نڪرڻ نہ ڏيندا هئا. صبح جو جڏهن پنگي ايندو هو تہ بہ اڳ ۾ ماڪي هڪ ٻانهن ۾ هٿڪڙي هڻندا هئا ۽ هٿڪڙيءَ جو ٻيو سرو لوهي در جي سيخ ۾ هٽي. پوءِ پنگيءَ لاءِ در ڪوليندا هئا. مان سڄو ڏينهن ڪوليءَ ۾ بند پيو هوندو هوم. ڪوليءَ مان آسمان بہ مس ڏسڻ ۾ ايندو هو. انهن ڏينهن ۾ هتي هڪ جمعدار (جيل پوليس جو) جي ڊيوٽي هوندي هئي. هنجو نالو سعدو هو. اهو پيٽسان رهزن هو. مان تي نظر پوندي هئي تہ رت ٿمندو هوس. جڏهن بہ ماڪي ليٽيل ڏسندو هو تہ در ٻاهران ٻيهي چوندو هو: ”هماري ساٿي ڪو مار ڊالا، اب حرامزادا ڪئسي آرام سي سويا پڙا هي“. مان ڪيس ڪيترا دفعا جهليو مانس تہ: ”گار نہ ڏي“، پر هو نہ مڙيو. هن کي پنهنجي ساٿي پوليس واري (ناري جيل وارو پوليس وارو) جي مرڻ تي ڏاڍا خار هئا. ٻئي پاسي ماڪي بہ هن تي خار ٻينا هئا. چاڪاڻ تہ جنهن وقت ماڪي ستل ڏسندو هو. لوهي سيخن تي ڏنبو هٽي چوندو هو. ”اٺ سالي هماري ساٿي ڪو مارڪر خود آرام ڪي نيند سوتا هي“.
انهيءَ ڏينهن ۾ ڊبل تي جنهن سپاهيءَ جي ڊيوٽي هئي. مان هڪ ڏينهن هن کي چيو: ”سعدي جمعدار ماڪي ڏاڍو بيزار ڪيو آ، جنهن وقت اچي ٿو ماڪي گاريون ٿو ڏي. مان موت جي سزا ڪان يا ويهہ سال جي سزا ڪان ڪونہ ٿو ڊڄان. پر هنن ڪمبخت جي گارين ڪان بيزار آهيان. ناري جيل ۾ جهڳڙو بہ گارين تان ٿيو هو. مان ڪنڌ تہ ڪپائي سگهان ٿو پر مان ڪان گار برداشت نہ ٿيندي“.
پوليس واري ماڪي چيو: ”تون سچ ٿو چئين هن ڪان سيئي بيزار آهن. هيءُ وڏو حرامي آ، پر مان ڇا ڪريان. مان لاچار آهيان.“ مان ڪيس چيو ”ٺيڪ آ، تون منهنجي مدد نٿو ڪري تہ نہ ڪر. مان اڳ ئي مئو پيو آن. پر ياد رک جڏهن بہ ماڪي وجهہ لڳو، مان تنهنجو بہ سر غرق ڪندم“. هن کي اچي پنهنجي سر جو ڊپ لڳو. هن ماڪي چيو : ”تون ترس جڏهن بہ ماڪي وجهہ لڳو مان تنهنجي مدد ڪندم.“
هڪ ڏينهن هن پوليس واري ماڪي چيو: ”اڄ مان تالو ڪنڊي ۾ ڪونہ هڻندم. ڪڙو مٿان هوندو. ٻاهر واري کي يڪدم خبر نہ پوندي. پوءِ ڇٽي ڇڏيندس تہ نہ ڄاڻ ڪنهن ڪان پل ٿي. چاڪاڻ تہ چابيون جمعدار وٽ رهنديون آهن“. پنگي آيو ۽ صفائي ڪري هليو ويو. جوابدار ڪڙي کي ڇڏي فقط ڪنڊي ۾ تالو لڳائي هليو ويو. سعدو جمعدار مٿي رائونڊ

ڪرڻ آيو. مان هنجو ڳالهاءُ ٻڌو تہ متي چڙهي پيو. دروازو تہ اڳ ۾ ئي بند هو. مان ليٽي پيس. دل ۾ چيم: "اڄ توسان ٻہ پاٽي آهن". سعدو اندر آيو. ٻين ڪولين وٽان لنگهي، جڏهن منهنجي ڪوليءَ جي سامهون آيو تہ در تي پير رکي گار ڏنائين "مان ڪا.... قدي ڪہ ادهر قتل ڪرڪي آيا هي، جهڳڙا ڪرڪي آيا هي، اب سويا پڙا هي". مان ڪنڌ متي ڪري ڪيس چيومانس جمعدار "آپ هم ڪو ڪيون گالي ديتي هو؟ هم ني آپڪا ڪيا گناه ڪيا هي". هن ماڪي چيو "چپ ڪر، هم تمهاري... نہ ڦاڙي". مان دل ۾ سوچيم: "اڄ توسان ملاڪڙو آ، پر تون ٿورو اڳتي وڃ تہ توکي منهنجي خبر پوي ٿي".
پوءِ سعدو جعمدار اتان متي اڳتي ويو، چار ڪوليون جڏهن اڳتي متي ويو، انهيءَ لائين ۾ ٽيهہ ڪوليون آهن. يعني هيٺ متي سٺ ڪولين جو آ. جڏهن سعدو چار ڪوليون متي ويو تہ مان اٿيم. ڏنڊا ٻيڙي ماڪي لڳل هئي. مان اها ڇڪي قابو ڪئي ۽ آهستي سان دروازو کولي ٻاهر نڪتم. ڪڙڪي تي سعدي مڙي پوئتي ڏٺو، سعدي جي جڏهن مان تي نظر پئي تہ وات ڦاٽي پيس. چيائين: "هان يہ ڪيا هئا". ۽ مان هڪل ڪئي مانس. "يهي رهہ تنهنجي ماءُ ڪي.... گهٽا ڏينهن تو گاريون ڏنيون آهن". هڪل جو ڏنم تہ هو ويچارو پنهنجي ليڪي ڪري پيو. هن جي هٿ ۾ جيڪو ڏنڊو هو. سو ڇڏائي ويس. مان وجي اهو ڏنڊو ڪنيو. روز هو ماڪي گاريون ڏيندو هو. مان سندس ئي ڏنڊي سان ٻيهجي ويو مانس. متي جي ڪيپري پيجي ڇڏيمانس. جڏهن مک (ميجالو) نڪري پيس. پوءِ ڇڏيو مانس. هن جي رڙين تي سپيني ڪي خبر پئجي وئي. ماڙيءَ تي الارم ٿيو. جيل سجو بند ٿي ويو. مان سپئي مٿ ۽ ڪونڊا ڏاڪڻ جي در وٽ رکي، ڏنڊو هٿ ۾ جهلي ٻيهي رهيم چيم: "خبردار جو ڪو متي اچي. ماڪي اڄ موت ڪنيو بيٺو آ".
سپرنٽينڊنٽ هادي بخش، جيلر عثمان خان سورهياٽي اچي ويا، مقدم ۽ پوليس وارا ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳا تہ مان هڪل ڪري چيم: "چڙهو متي تہ اوهان ڪي خبر پوي." اهي ڊپ ۾ هيٺ پيجي ويا. هن مانکي چيو: "بابا قرآن مان ڪٽي ٿو اچان. تون وجي بند ٿي. اسين توسان وڙهنداسين ڪونہ (جيل وارا ڪونہ مارينڊا)، قانوني ڪاروائي ٿيندي تون دلجاءِ رک".
پوءِ جڏهن مانکي قرآن شريف ڏيکاريائون تہ مان دل ۾ چيو تہ: "هاٽي منهنجو سر وجي تہ پلي وجي." پوءِ مان چپ ڪري، انهيءَ ساڳي ڪوليءَ ۾اندر وجي ويهي رهيم. جيل وارن ڪوليءَ کي ٻاهران تالو ڏئي ڇڏيو. سعدي جمعدار کي ڪٽائي ويا. پوءِ ٻڌڻ ۾ اهو آيو تہ هن جو دماغ خراب ٿي ويو هو. ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيائون. منهنجي دل نري پئي، منهنجو بدلو ٿي ويو.
عثمان علي سورهياٽي جيلر ماکي چيو هيو تہ جيل وارا توسان نہ وڙهندا. قانوني ڪاروائي ٿيندي. سو ائين ئي ٿيو. جيل وارا مان سان ڪونہ وڙهيا. نہ تہ شل نہ جيل ۾

ڪو قيدي اهڙي حرڪت ڪري. جيل وارا هنجون ٽنگون ٻانهون ماري ماري اصل ڀڇي ڇڏيندا هئا. پر مان سان نہ وڙهيا. البت جيل جي قانوني ڪاروائي ڪيائيون.

واحد بخش شيخ رهزن سپرٽينڊنٽ هو، ڪيس ڊپ لڳو تہ متان ڪيس ڪورٽ ۾ موڪلڻ سان هو پاڻ نہ ڦاسي پوي تہ تنهنجي جيل ۾ غفلت سان ڪم ورتو ويو آ، تنهنجي ڪري هن ماڪي جيل جي قانوني سزا ڏني. جيڪڏهن مانکي نٿو ڏي تہ قيدين تي خراب اثر پوندو. ٻيا قيدي اهو سمجهندا تہ شايد سپرنٽينڊنٽ هڪ قيديءَ کان ڊڄي ويو.

انهيءَ واقعي جي ٻئي ٽئي ڏهاڙي سپرنٽينڊنٽ رائونڊ تي آيو. جڏهن مان وٽ پهتو تہ منهنجو ڪتاب (جيل ۾ هر قيديءَ جو هڪ ننڍڙو رجسٽر هوندو آهي، جنهن ۾ هنجي سزا، سزا جي نوعيت، گرفتاري جي تاريخ، معافي، ڇٽڻ جي تاريخ لکيل هوندي آهي.) گهرايائين ۽ لکيائين تہ هن کي پندرنهن ڦٽڪا هنيا وڃن پر جنهن وقت هو لکي پيو. مان ڏسان پيو تہ سندس هٿ ڏڪيو پي، چاڪاڻ تہ ماکان ڊنو پي، هن کي ڊپ هو تہ متان مان وري گوڙ نہ ڪيان.

جڏهن هن مانکي ٻڌايو تہ: ”مان توکي پندرنهن ڦٽڪن جي سزا ڏني آ“ تہ ماکي جوش اچي ويو. ڪاوڙ چڙهي وئي مان چيم: ”بس ايتري سزا“، اها حقيقت آ، ماکي واقعي ڪاوڙ لڳي تہ هن ماڪي سزا گهٽ ڇو ڏني. جوانيءَ جو جوش هجي. سوچيان پيو تہ ماڻهو چوندا تہ فقط پندرنهن ڦٽڪا کاڌائين. بهادر تہ اهي جيڪي ٽيهہ ٽيهہ ڦٽڪا کائيندا آهن

سپرنٽينڊنٽ حيران ٿي ماکي ڏسڻ لڳو. هن کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي اچي. هو سمجهي پيو تہ مان انهيءَ ڳالهہ تي ڪاوڙيل آن تہ ماڪي سزا ڇو ڏني اٿس. مان ڪيس چيو: ”مان ياڙيو نہ آن جو تو ماڪي گهٽ سزا ڏني آ. گهٽ سزا ڪمزور يا بيمار کي ڏبي آ. مان جوان آن. تنهنجي هٿ ۾ جيڪا وڌ ۾ وڌ سزا آ. سا ماڪي ڏي. مان اها خوشيءَ سان منظور ٿو ڪيان.“ سپرنٽنڊنٽ منهنجي ڊپ ۾ پندرنهن ڦٽڪا لکيا هئا. پر مان جو پڻ چيومانس تہ هن وڌ ۾ وڌ سزا ڏني. جيڪا هن جي هٿ ۾ هئي. يعني ٽيهہ ڦٽڪا.

ماکي ٽيهہ ڦٽڪا لڳا. سيني جي سامهون. پر مجال آ جو منهنجي واتان اُف نڪتي. ڦٽڪا کائي پهرين کان بہ وڌيڪ ڪڙائيءَ سان اٿي بيهس. هيڏانهن هوڏانهن سيني تي نظر وڌم ۽ وڏي فخر سان ڪنڌ مٿي ڪري وڏا وڏا قدم کڻندو پنهنجي ڪوليءَ ۾ موٽي آيم. پنا چچرجي پيا هئا. ميڊيڪل (ميڊيڪل آفيسر) گهڻو ئي چيو تہ اسپتال هل پر اسپتال نہ ويم. اسپتال وڃڻ پنهنجي بيعزتي سمجهيم.

انهيءَ واقعي ڪانپوءِ ڪافي وقت تائين ماکي ڪوليءَ ۾ بند رکندا هئا. پر سختي گهٽائي وئي. ڪوليءَ مان ڪجهہ وقت لاءِ نڪرڻ بہ ڏيندا هئا ۽ جيئن جيئن جيل وارن کي اهو

يقين ٿيندو ويو ته مان هاڻ تنگ نه ڪندم ته هنن به مان سان نرمي ڪرڻ شروع ڪئي. جيئن جيئن جيل وارن مان سان نرمي شروع ڪئي. تيئن تيئن مان ڊرائي اختيار ڪئي. هادي بخش شيخ سپرنٽينڊنٽ شڪارپور جو هو. انهيءَ لاءِ ٻڌايو اٿم ته رهزن سپرنٽينڊنٽ هو. هرپرو به قيدين سان وڙهندو هو. هڪ دفعي پنجاب ڪان هڪ قيدي آيو. سپرنٽينڊينٽ بي گناهه هن کي ڪٽايو. سپرنٽينڊنٽ جڏهن مان ڏانهن آيو ته مان ڪيس ڏاڍي نرميءَ سان چيو : ”صاحب تو هن پنجابيءَ سان ناجائزي ڪئي آ. هنجو ڪو به ڏوهه ڪونه هو“. سپرينٽينڊنٽ تپي باهه ٿي ويو. ماکي چيائين ”تون ڪير ٿيندو آن ماکي چوڻ وارو“. مان به ڪاوڙ ۾ چيم: ”تون ناجائزي ڪندين ته مان ضرور چوندم“.

سپرنٽينڊنٽ مان ڪان لهرائندو هو. پر انهيءَ وقت سخت ڪاوڙ ۾ هو. ماکي گار ڏئي ڪديائين. گار تي اڳ ئي جهيڙا تي چڪا هئا. مان ڪيس چيم: ”ماءُ جا ... ماکي گار تو ڏين“. هن جيل عملي کي حڪم ڏنو ته: ”ٻڌو هن کي.“ جيل وارن يڪدم ڪٽي ماکي ٻڌو. هادي بخش سپرنٽيٽينڊنٽ منهنجي ڪتاب ۾ ٽيهن ڦٽڪن جي سزا لکي ۽ انهيءَ وقت ماکي ٽيهه ڦٽڪا هٽي اسپيشل وارڊ ۾ بند ڪري ڇڏيائون.

اسپيشل وارڊ هڪ وڏو وارڊ آ، هن جا ٽي حصا آهن. هڪ حصي ۾ هڪ باريڪ (بئرڪ) آ، ٻئي حصي ۾هڪ وڏي ڪولي آ، ۽ ٽئين حصي ۾ به ننڍيون ڪوليون آهن. اهو حصو باقي جيل ڪان صفا ڪٽيل آ. ماکي انهن مان هڪ ڪوليءَ ۾ بند ڪيائون.

ٻئي ڏهاڙي جيلن جو وزير ڄام غلام قادر، لسٻيلي وارو، جيل جي رائونڊ تي آيو. قيدين جو معائنو پي ڪيائين ته ٻن پنجاب مان آيل قيدين قاسم شاهه ۽ سندس هندي وال (هندي وال : جيل ۾ جيڪي روز ماني گڏ کائيندا آهن) همٿ ڪري ڄام غلام قادر وٽ فرياد ڪئي ته ”هادي بخش سپرنٽينڊنٽ پنجاب مان آيل هڪ قيديءَ کي بي گناهه ڪٽايو آ. جڏهن ميري نالي قيديءَ انهيءَ تي احتجاج ڪيو ته هن سپرنٽينڊنٽ ڪيس به ٽيهه ڦٽڪا هنيا. هاڻ خبر ناهي هو غريب ڪٿي زخمي حالت ۾ پيو آ .يا هن کي ماري سندس لاش گم ڪري ڇڏيو اٿن. اوهان داد ڪريو“.

غلام قادر، سپرنٽنڊنٽ ڪان پڇيو. سپرنٽينڊنٽ صفا الي ويو چيائين: ”اهڙي ڪا ڳالهه تي ئي ڪانهي، نڪو ميري نالي قيدي هن جيل ۾ آ.“ ڄام رائونڊ ڪري واپس وري ويو. قيدي ڏاڍا مايوس ٿيا ته ڄام هنن جي فرياد تي داد نه ڪيو. پر حقيقت اها هئي ته ڄام کي سپرنٽينڊنٽ جي ڳالهه تي اعتبار ڪو نه آيو هو.

ڄام جي ويندي ئي سپرنٽينڊنٽ جيل ۾ موٽي آيو ۽ هنن ٻنهين قيدين کي جن ڄام وٽ فرياد ڪيو هو. ٽيهه ٽيهه ڦٽڪا هٽايا.

ڄام ڪراچي هليو ويو. پر ٻئي ڏينهن اوچتو موٽي آيو. اجان سج به نه نڪتو هو. هڪڙي جيلر ڪانسواءِ جيل جو ڪو آفيسر به جيل تي ڪونه پهتو هو جو ڄام غلام قادر جيل تي پهچي ويو ۽ سنڌو جيل ۾ اندر هليو آيو ۽ اچي وڏي بورچي (بورچي خاني) وٽ پهتو. بورچيءَ ۾ هڪ پنجابي بورچي ڪم ڪندو هو. امداد نالو هوس. هن ڄام کي چيو: "ڪلهه اوهان وٽ ٻن قيدين فرياد ڪيو پر اوهان هنن جو داد نه ڪيو. سپرنٽينڊنٽ ميري کي ته ڪٽايو. پر ڪلهه هنن ٻن کي به ٽيهه ٽيهه ڦٽڪا هڻايا آهن. اوهان وزير ٿي ڪري به فرياد نٿا ٻڌو، پوءِ اسين ڪنهن وٽ فرياد ڪريون". ڄام چيس: "فرياد نه ٻڌٽي هجين ها، داد نه ڪرڻو هجيم ها ته اڄ وري چو اچان ها. هاڻ تون ماڪي ٻڌاءِ ته ميرو آهي ڪاٿي". هن قيديءَ ٻڌايس ته: "ڪلهه جڏهن اوهين آيا هئا ته ميري کي اسپيشل وارڊ جي هڪ ڪوٺيءَ ۾ رکيو هئائون. پر هو زخمي آ ڪافي، ميڊيڪل ڪيس ڪٽائي ويو آ، هن وقت ميرو اسپتال جي ڊبل ماڙيءَ تي آ". ڄام غلام قادر ڪيس چيو: "هل هلي ماڪي ڏيکار ته ميرو ڪاٿي آ". هن قيديءَ ڄام کي سڌو آٽي منهنجي سامهون بيهاريو، ڄام ماڪان پڇيو. "مان ڪيس سچي حقيقيت ٻڌائي ۽ جيل ۾ ڇا پيو وهي واپري اهو به ٻڌايو مانس".

ڄام غلام قادر ڇا ڪيو جو يڪدم تيرهن نمبر (جيل وارن جي ڪا شڪايت هوندي آهي يا سزا ڏيٽي هوندي آهي ته اها جيل جي قانون 13 ۾ لکبي آهي) ۾ نوٽ هنيو ته سپرنٽينڊنٽ ڦٽڪن جي سزا لکي. آءِ جي جيل کي موڪلي. پوءِ آءِ جي جانچ ڪرائي. آءِ جي جيڪڏهن ڦٽڪن هڻڻ جي اجازت ڏي ته ڦٽڪا لڳايا وڃن، نه ته سپرنٽينڊنٽ کي اهو اختيار نه هوندو جو هو پنهنجي مرضيءَ سان ڦٽڪا هڻي. ڄام غلام قادر، هادي بخش کي نوڪريءَ مان پيو ڪڍي. پر مير رسول بخش ٽالپور وچ ۾ پئجي هادي بخش کي بچايو، پر ڄام هادي بخش جي جيل تان يڪدم بدلي ڪري ڇڏي.

ماڪي سٺ ڦٽڪا ته رڳو هادي بخش شيخ هڻائي ڇڏيا. وري الاهي بخش شيخ سپرنٽينڊنٽ ٿي آيو. انهن ڏينهن ۾ رحيم هنگورو (سنڌ جو هڪ ناميارو ڌاڙيل هو) به حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ هو. هن تي ڏاڍي سختي هئي. ڦاسي گهاٽ ۾ هو. مان هن سان لکي ڇپي به ٽي دفعا مليو هوم. جڏهن رحيم هنگوري جيل مان پڄڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. (ڪامياب ڪونه ٿيو) ته جيل ۾ سختي ڪيائون. جيڪي به ڏنگا قيدي هئا. هنن سيني کي بند وارڊ ۾ موڪليائون. ماڪي بند ڪرڻ لڳا ته مان الاهي بخش شيخ کي چيو "ماڪي بند نه ڪر. مان نه ڪا حرڪت ڪئي آ نه ڪندم". الاهي بخش شيخ ماڪي چيو "سڀ قيدي ماءُ جا... آهن. تون وري ڪهڙو چڱو آن". ماڪي چوڪڙي وني وئي. وڃي ڪنڌ ۾ هٿ وڌومانس. جيل عملي ماڪي جهلي ورتو ۽ ماڪي ٽيهه ڦٽڪا هنيائون. هڪ دفعي وري ڪنهن سپرنٽينڊنٽ ماڪي گار ڏني هئي ۽ مان به ڪيس اٿلائي گار ڏني، ڳالهه ته خبر نه ڪهڙي

ٿي هئي، هينئر يادگيرو نہ اٿم. بهرحال هن بہ ماڪي ٽيهہ ڦٽڪن جي سزا ڏني. اڄ بہ جيل ۾ منهنجي ڪتاب تي ڏسندا تہ هڪ سئو ويهہ ڦٽڪا لکيل نظر ايندا. گهڻا قيدي اهڙي هوندا جن هڪ سو ويهہ ڦٽڪا کاڌا هوندا.

آهستي آهستي مان تان وري سختي گهٽايائون ۽ مان بہ نرمي اختيار ڪئي. منهنجو وقت هاڻ چڱو گذرڻ لڳو. ماڪان ڪو ڪم نہ ونندا هئا ۽ ماڪي اجازت هئي تہ جيل ۾ جاڏي وڻي مان وڃي ٿي سگهيس. هڪڙي ڏيهاڙي مان اچي چڪر ويس. اوڏهون ڦري اچي ڦڪٽر (فئڪٽري) ۾ ويس. اتي جو انچارج هڪ پناڻ سپاهي هو. اچي ڦيڪٽري ۾ درزي بہ آ. مان انهيءَ وٽ پئي ويم. مان جڏهن اتي ويم تہ پناڻ سپاهيءَ ڪاوڙ ۾ ماڪي چيو: ”تون هتي ڇو آيو آن. تنهنجو هتي ڪهڙو ڪم آ. هتان وڃ، نہ تہ سڌو ڪندوسائين“. مان هن کي چيو: ”بابا، ماڪي ڪوئي نٿو جهلي. تون ڇوٿو جهلين.“ هن ماڪي چيو ”جائو ورنا تمهاري..... ڦاڙ دونگا“. ماڻهو جاڏئون ڪاڏئون ڀڄن پيا. ماڪي ڪاوڙ چڙهي وئي. اتي ڦڪيٽريءَ ۾ رول هلائنيدا آهن. جيڪي ڪپڙن جو تاجو ڪيندا آهن. انهيءَ جو هڪڙو ڏنڊو پيو هو. اهو سٽ ڏئي مان وڃي ڪنيو. ڪٽندي ئي نڪاءُ ڪرايومانس ڪنڌ ۾. هو وڃي ڦهڪو ڪري پٽ تي ڪريو. نڪاءُ ڪرايومانس ٻيو ڏنڊو ڄنگهہ ۾، ڄنگهہ ٽڪرا ٿي پيس. هو اتي ئي غش ٿي ويو.

جيل وارن سيٽيون هنيون. گوڙ مچي ويو. شور پئجي ويو. پريان جمعدا بيٺو هو. هڪل ڏنم جمعدار کي ”خبردار ڏسين ٿو تنهنجي سپاهي مان سان ناجائز حرڪت ڪئي آ. منهنجي بيعزتي ڪئي ٿئين. سپرنٽينڊنٽ بہ منهنجي بيعزتي نہ ڪندو آ. هن ٽڪي جي پوليس واري ماڪي گاريون ڏنيون آهن.“ جمعدار ماڪي ڏٺو پي. ڀڄو پي. پر نہ ويجهو آيو نہ ڪجهہ ڪڇيو. ٻيا پوليس وارا بہ پهچي ويا. پر منهنجي ويجهو ڪو بہ نہ پيو اچي. منهنجي هٿ ۾ ڏنڊو هو. سيئي پريان پريان بيٺا هجن. اچي ڦڪيٽريءَ ۾ جيڪي قيدي هئا سي بہ اچي مڙيا. هنن ماڪي سمجهائي منهنجي ڪاوڙ ڍري ڪئي. پوءِ وڃي ماڪي بند ڪيائون. سپاهيءَ کي سول (اسپتال) ڪٽائي ويا. مهيني ڪانپوءِ ٺيڪ ٿي آيو، ڄنگهہ نهي تہ وئي، پر منڊڪائي هلندو هو، ڄڻ ردي ٿي ويو.

سپرنٽينڊنٽ مان تي جيل ۾ ڪا سختي نہ ڪئي. هن ماڪان بہ پڇيو. ٻين ڪان بہ پڇائين. سيني ٻڌايو تہ ڏوهہ پوليس واري جو هو. تنهن تي سپرنٽينڊنٽ منهنجو ڪيس ڪورٽ ۾ اماڻي ڇڏيو. ڪيس ساڳي ڪورٽ، يعني گهلو صاحب جي ڪورٽ ۾ هليو. جنهن ڪورٽ ۾ اڳ ۾ ناري جي سپاهيءَ وارو ڪيس هليو هيو. انهيءَ ڪيس ۾ ماڪي نوَ مهينا سزا لڳي، منهنجي جيل جي سموري معافي بہ ڪاٽي سُڪي سزا ڪري ڇڏيائون.

# جيل بدلي

جيل وارا اڇي، مان مان ڦاٽا هئا. مان تي سختي بلڪل نہ پي ڪري سگهيا. ٿوري تي سختيءَ ڪيائون تہ مان تي مچرجي پيس. نہ تي ڪيائون تہ ٻين قيدين تي خراب اثر ٿي پيو. نيٺ جڏهن منهنجو اهو ڪيس هلي پورو ٿيو ۽ ماڪي نو مهينا سزا لڳي تہ جيل وارن منهنجي بدلي ديرا اسماعيل خان جي جيل ۾ ڪري ڇڏي.
جڏهن ديري اسماعيل خان وٺي پي ويا تہ ماڪي هٿن ۾ هٿڪڙيون، ٽنگن ۾ ڏنڊا ٻيڙي لڳل هئي. مان سان گڏ هڪ صوبيدار، ٻہ جمعدار ۽ چار سپاهي هئا. مان سان هميشہ ايترو گهاٽ (گارڊ) هوندو هو، جڏهن بہ منهنجي بدلي هڪ جيل کان ٻئي جيل ۾ ٿيندي هئي.
ديرا اسماعيل خان ريل ۾ وٺي پي ويا. هٿڪڙي ڏنڊا ٻيڙي ۽ ايتري پوليس. سڀ ڪو پيو ماڪي ڏسي. سمجهن پيا تہ خطرناڪ قيدي آ. تنهنڪري ئي ايڏي حفاظت سان وٺيو پيا وڃن. ڪي مسافر تہ اڇيو مان واري گهاٽ کان پڇيو بہ پئي ويا. منهنجو ڪنڌ فخر ۾ مٿي کڄيل هو. ايڏو گهاٽ تہ ڪنهن وزير سان بہ نہ هوندو آ.
ديرا اسماعيل خان جي جيل پهتم. هتي جي جيل ۾ ۽ هُتي جي جيل ۾ رات ڏينهن جو فرق هو. ماڪي هتي جو جيل دوزخ پئي لڳو ۽ ديرا اسماعيل خان وارو جيل هتي جي جيل جي ڀيٽ ۾ جنت هو. وڏو فرق هو هتي جي جيل ۽ هتي جي جيل ۾، رات ڏينهن جو فرق هو. اتي جي جيل جي آفيسرن منهنجي ايتري عزت ڪئي هئي جو مان تعريف نٿو ڪري سگهان. ڪم تہ مان کان ڪو بہ ڪونہ وٺندا هئا. چاڪاڻ تہ منهنجو رڪاٽ (رڪارڊ) خراب هو. هو ڇڙو اهو چوندا هئا تہ خدا ڪري هن سان گڏ وقت خير سان گذري. اتي مان ڪليل هوم. بلڪل آزاد هوم. اتي ماڪي ڪوليءَ ۾ بند بہ نہ ڪندا هئا.
جڏن اسين ديرا اسماعيل خان جي جيل تي پهتاسين تہ اهو شام جو ٽائم هو انهي وقت جيل جي ماڙيءَ (جيل جي آفيس. جيڪا جيل جي ڦاٽڪ وٽ هوندي آهي. ڪنهن جيل ۾ جيڪڏهن ماڙي نہ بہ هجي، تہ بہ جيل اصطلاح ۾ چوندا ماڙي آهن) تي ڊپٽي (سپرنٽينڊنٽ) هو. اتي ڊپٽيءَ کي داروغو چون. انهيءَ ڊپٽي جو نالو حميد الله هو. ماڪي ۽ مان سان گڏ آيل گهاٽ کي ڏسي ڊپٽي ٺوڪ منجهہ چيو "يہ ڪون سي قدو حڪومت هي، ڪي ايڪ قيدي ڪي ساٿ پوري گهاٽ آئي هي. اتني گهاٽ تو گورنر يا صدر ڪي ساٿ هوتي هي."
مان سان آيل صوبيدار چيس "داروغا صاحب، حڪومت قدو نهين هي. يہ قيدي ايسا هي. اگر يہ قيدي آپڪي جيل ۾ بگڙ گيا تو يہ جيل الٽا هوگا. حڪومت ني اپني گانڊڪا. اپني گانڊ ڪا پورا زور لگايا هي. مگر يہ قيدي اسڪي قبضي ۾ نہ آيا. يہ ايڪ زبردست قيدي هي عام قيدي نهين هي".

اهو ٻڌي انهيءَ ڊپٽي يعني داروغي صوبيدار کان منهنجا ڪاغذ ورتا. انهن ڪاغذن ۾ سموري لکپڙهه هوندي آ ته: ”هي قيدي ڪهڙي ڏوهه ۾ گرفتار ٿيو آ. جيل ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڏوهه ڪيا. جيل جي ڏوهن ۾ ڪهڙيون سزائون آيس. معافي چو ڪٽجي وئي“. جڏهن ڊپٽي منهنجا ڪاغذ پڙهيا ته اصل مان کان ڏهه قدم پوئتي هٽي ويو. مان کان پئو ٿيڻ لڳس. مان واري صوبيدار چيس: ”اب کرو اس سي بات.“ ڊپٽي چيو: ”مجهي ضروري کام سي جانا هي.“ پر گيٽ جمعدار کي چيائين: ”اس سنڌي کي اچي طرح تلاشي لو اور اندر بهيجو“.

گيٽ جمعدار پٺاڻ هو. ماکي چيائين: ”جوان سنڌي ... کيا هي آپ کي پاس؟“ مان هن سان کوڙ نه هنيو سچ ٻڌايو مانس. چيم: ”هماري پاس سب کجهه هي.“ چيائين ”بدمعاشي پي هي؟“ چيم: ”بدمعاشي پي (يعني پٽ (بليد) جيل ۾ پٽ رکڻ ڏوهه آهي)“. پڇيائين: ”پئسي پي هين.“ جواب ڏنم: ”هان پئسي پي هئين. هر چيز هي ميري پاس.“ گيٽ جمعدار به جوان هو. ماکي چيائين ”جوان جو پي تمهاري پاس هي لي جائو. هم تمهاري کو هاٿ پي نهي لگائي گا. اپني ڊبي (ڊبا جيل ۾ سي ڪلاس جا قيدي پنهنجو سامان ٽين جي ڊٻن ۾ رکن) انا کر اندر چلي جائو“.

جڏهن جيل ۾ اندر ويم ۽ جيل ڏٺم. ته ماکي حيدرآباد سينٽرل جيل جي ڀيٽ ۾ اهو جيل هڪ ڦدو جيل لڳو. پر يڪدم محسوس ڪري ورتم ته جيل ٿڌو آ. يعني قيدين تي سختي ڪانهي. اتي منهنجا ڪيترائي سڃاتا قيدي هئا. هي قيدي اهي هئا جيڪي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ رهي ويا هئا. هنن کو اڳ ۾ سڄي جيل ۾ منهنجي تعريف ڪئي هئي ته: ”حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ فقط اهو ئي هڪ جوان هو“. هنن قيدين منهنجي ايڏي خدمت ڪئي جو مان ٻڌاءِ نٿو سگهان. مانيون، گوشت، حلوا اصل ڍير اچي منهنجي اڳيان رکيائون.

اتي جي قيدين ماکي ٻڌايو ته هتي جو سپرنٽينڊنٽ پٺاڻ آ ۽ نالو اٿس نصير خان. زبردست ماٺهو آ ۽ ڏنگو به ڏاڍو آ. وڏي ڏاڙهي اٿس مولوي آ.

جنهن ڏينهن مان جيل پهتو هوم انهيءَ جي ٻئي ڏينهن سپرنٽينڊنٽ وٽ منهنجو ملاحضو (جڏهن به جيل ۾ کو نئون قيدي ايندو آهي يا ٻئي جيل مان بدلي ٿي ايندو آهي ته هن کي سپرينٽينڊنٽ جي اڳيان پيش ڪيو ويندو آهي. انهيءَ کي ملاحضو چئبو آهي) ٿيو. ماکي سيني قيدين اڳ ۾ ئي ٻڌايو هو ته سپرنٽينڊنٽ ڏاڍو ڏنگو آ، پر مان دل ۾ اڳ ئي فيصلو ڪري ورتو هوم ته جيڪڏهن مان سان ٽر مڙ ڪيائين ته مان اتي ئي ليٽائيندومانس. مان هن جي آڏو نوڙت سان پيش ايندم، يا هينيائين وننڊم، هرگز نه. اهو مان کان ڪونه ٿيندو.

مان پاڻ کي صحيح معنيٰ ۾ وڙهڻ لاءِ بلڪل تيار ڪري ورتو. ماڪان اڳ اٽئون جا چار قيدي پيش ٿيا. پنجون نمبر منهنجو آيو. سپرنٽينڊنٽ منهنجو ڪتاب هٿ ۾ ڪنيو ۽ پورو ڪتاب ور ور ڏيئي پڙهيائين. ڪلاڪ لڳي ويس منهنجو ڪتاب پڙهڻ ۾. ڪڏهن هڪڙو پنو پيو ورائي، ڪڏهن ٻيو. نيٺ ڪتاب رکي ڪنڌ مٿي ڪيائين. ڪيتري دير ماکي غور سان ڏسندو رهيو. پوءِ ماڪان پڇيائين ”آپ ني يہ ڪام ڪيئي هين؟
مان چيم ”هان مين ني ڪئيي هين.“ سپرنٽيندنٽ پنج منٽ ڪن چپ رهيو. پوءِ چيائين ”اب ڪيار اراده هي؟“ جواب ڏنومانس ”وه ميري بس مين نهين. وه آپ ڪي بس مين هي.“ پڇيائين: ”وه ڪيسي؟“ مان چيم ”اگر آپ چاهتي هو ڪي مين آرام ڪرون، تو مين آرام ڪرون گا. اگر آپ ني هماري ساٿ چيڙ چاڙ ڪي تو هم ڀي تيار هي“.
منهنجي پرسان شير زمان جيلر بيٺو هو، مان جو سپرنٽيندنٽ کي اهو جواب ڏنو تہ هن مانکي اچي پاڪر پاتو ۽ سپرنٽيندنٽ کي چيائين ”صاحب بهادر، اس سنڌي ڪا ضامن مين هون. مين جانون يا يہ سنڌي. آپ بلڪل فڪر نہ ڪرو. آپ اسڪي جوالان (ڏنڊا ٻيڙي) اترادو.“ سپرنٽيندنٽ چيو ”نيڪ هي“ ۽ پوءِ هي آرڊر ڏنو تہ ”هن جي ڏنڊا ٻيڙي ڪڍو“.
شير زمان جيلر انهيءَ وقت ئي منهنجي ڏنڊا ٻيڙي لهرائي ۽ ماکي ٻانهن کان وٺي آيو. بہ قيدي ماکي آٽي ڏنائين ۽ (اڙدو ۾) چيائين ”هي تنهنجو هر ڪم ڪندا. بورچيءَ مان ماني آڻڻ، اسپتال کان کير مکڻ بيدا آڻڻ، ڪپڙا ڌوئڻ. مطلب تہ تون هتي آرام سان وينو هج. هي توکي سڀ ڪجهہ هتي آٽي پهچائيندا. تنهنجو هر ڪم ڪندا. هي تنهنجا خدمت گار آهن. هيءُ سڄو جيل جاڏي بہ توکي وٺي تون وڃ. هڪ زنانو گهاٽ ۽ ٻيو ڦاسي گهاٽ، انهيءَ پاسي نہ وڃجان. باقي جنهن پاسي وٺي وڃجان. توکي ڪو بہ نہ روڪيندو. نہ ئي توکان پڇندو“.
انهيءَ جيل ۾ مان اڍائي سال رهيم. جيترا سال جيلن ۾ رهيو آن اهي اڍائي سال سڀ کان چڱا گذريا. انهيءَ جيل ۾ ماکي ڪنهن بہ تنگ نہ ڪيو ۽ نہ ئي مان ڪا شرارت ڪئي. جيل وارن جو ماسان تمام سنو ورتاءُ رهيو. اجا بہ هڪ دفعي مان شرارت ڪئي ماکي بہ ڪائي ڪائي اچي چربي چڙهي. ٿيو ائين جو هر سومر تي اتي ڪٽ پريڊ (هر قيدي پنهنجو هنڌ ۽ ٿين جو دٻو ڪڍي ٻاهر رکندو آهي ۽ انهيءَ جي سامهون سيئي قيدي لائين ۾ ٻيهندا آهن. ۽ هرهڪ جي هٿ ۾ سندن ڪتاب (جيل جا ڪاغذ) هوندو آهي.) لڳندي هئي اتي قائدي ۾ ٻيهڻو پوندو هو اصل ٽينشن (اٽينشن). ڪنڌ بہ لوڏڻ جي اجازت نہ هئي. ڪلاڪ ڏيڍ اتي ٻيهڻو پوندو هو. ماکي ائين ٻيهڻ ڏکيو لڳندو هو. مان سوچيو: مان هنن جي تابعداري ڪريان ٿو. اها تابعداري ڇو ڪريان. مان نہ ڪندم اها تابعداري. منهنجي ڦرڪي ڦري وئي.

سپرنٽينڊنٽ پريڊ جو معائنو ڪرڻ آيو هو. هر هڪ قيديءَ کي ڏسندو سندس ڪتاب پڙهندو جڏهن ماڪان چئن ماڻهن جيترو پري هيو ته مان ڪنڌ ٽيڙهو ڪري پاسو ڏئي بيهي رهيم. اتي صاحب ماڪي هڪل ڪئي "او سنڌي سيڌا کڙا هو تم ٽيڙها هو." مان جواب ڏنو "مين ٽيڙها نهين هون، سيڌا هون." سپرنٽينڊنٽ صاحب کي غصو اچي ويو پريڊ اڌ ۾ ڇڏي سڌو ماڙيءَ تي هليو ويو.

اتي هڪڙا قيدي هوندا هئا. هنن کي شين پوش ڪري چوندا هئا. جيل ۾ اهڙا پنجاهه سٺ هئا. هنن وٽ ڏهن پندرنهن فوٽن جون لٺيون هونديون هيون. هنن جو اهو ڪم هو ته جيل ۾ ڪو جهيڳڙو ڪندو هو ته اهي هن کي ماريندا هئا. جڏهن مان سپرنٽينڊنٽ کي ابا سبتا جواب ڏنا هئا انهيءَ وقت اهي شين پوش بينا هئا. پر اهي مان سان وڙهيا ڪونه. چاڪاڻ ته هنن کي ڪنهن وڙهڻ جو آرڊر ڪونه ڏنو هو. مان دل ۾ سوچيو هو ته پلي هي مان سان وڙهن، ڏيندم مان منهن. پوءِ جيڪو ٿيندو اهو ڏنو ويندو. پر اهي مان سان وڙهيائي ڪونه. پوءِ ماڪي عام قيدين ۾ مقدمن چيو سنڌي اڄ تنهنجو پتو پوندو. مان چيو ٺيڪ آ مان تيار آهيان.

ڪجهه دير ڪانپوءِ سپرنٽينڊنٽ صاحب مان وٽ صوبيدار ۽ چار شين پوش موڪليا ته سنڌيءَ کي وٺي اچو. ماڪي ڪاوڙ هئي جوش هجي ڏاڍو. سپرنٽينڊنٽ جي آفيس جي ٻاهران ماڪي بيهاريائون. پندرهن ڪن منٽ اتي بيهڻو پيو. جڏهن ماڪي اندر وٺي ويا، صاحب لڪپڙهه پي ڪئي. منهنجي اندر اچڻ تي صاحب ڪنڌ ڪڍي ماڪي ڏنو. ماڪي منهن ۾ شور هو مان وڙهڻ لاءِ اصل تيار بينو هوم. هو ماڪي ڏسي سمجهي ويو. ماڪي چيائين "بابا يه بينچ پڙي هي تم اس پر بيٺو. سنڌي سائين تم اس پر بيٺو".

انهيءَ وقت ماڪي ايڏو شرم آيو جو زمين ماڪي جاءِ ڏي ته مان زمين ۾ گهڙي وڃان. مان هن جي ڪيڏي بيعزتي ڪئي ۽ هن مان سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو.

جڏهن مان ٽڏو ٿيس ته سپرنٽينڊنٽ ماڪي چيو "سنڌي سائين آپ ني دو هزار قيديون کي سامني هماري بيعزتي کي هي." مان هن کي چيو "سائين آپ ني پهلي ميري کو ڊانٽا تا". صاحب ماڪي چيو "اچا چوڙو اس بات کو. رهني دو. آپ پريڊ ۾ کڙي کيون هوئي؟" مان چيم "سائين صوبيدار ني هم کو آرڊر ديا تا." صاحب انهيءَ وقت گهنٽي هڻي صوبيدار کي سڏايو. صوبيدار آيو تنهن کي چيائين "ٻهن کا ... تم سنڌي کي پريڊ کيون لگاتا هي." صوبيدار ويچارو ٿڙڪي پيو. هن کي آرڊر هوندو هو. پر پوءِ زور جي اڳيان زاري آ. صوبيدار ماٺ ۾ رهيو. ڇا چوي. ٻه ٽي گاريون ٻيون ٻه کاڌائين. پوءِ مان چيم: "سائين يه صوبيدار هي. اگر اس سي غلطي هوگئي هي تو اس کو معاف ڪرو". صاحب چيو: "اچا سائين مين اسي معاف ڪرتا هون". پوءِ صوبيدار کي معافي ڏنائين. مان ته سڀ

ڪجهہ سمجهيو پي تہ صوبيدار جي ڪهڙي حيثيت آ جو هو پنهنجي مرضي ڪم آڻي. پوءِ صاحب صوبيدار کي چيو: ”اس کي ڪوئي پريڊ مت لگائو“ ۽ ماکي چيائين: ”آپ کو ڪوئي تڪليف هو، ڪوئي ڪام هو، آپ سيڌي ميري پاس چلي آئو. داروغا ڪي پاس جائو. شير زمان ڪي پاس جائو. جهان جانا چاهتي هو جائو. ڦانسي گهاٽ جانا چاهتي هو تو ادر ڀي جائو. ڪوئي آپ ڪو نهين روڪي گا. سنڌي سائين آپ آرام ڪرو.“ مان اتي هٿ ٻڌامانس ۽ چيم: ”سائين ميري سي غلطي هو گئي هي. وه معاف ڪرو.“ ڪلي چيائين ”معاف هي. معاف هي. معاف هي“.

مان اتائون هليو آيس. پر محسوس ڪيم تہ غلطي مهنجي هئي.

سزا جا پويان اڍائي سال انهيءَ جيل ۾ پورا ڪري، انهيءَ جيل مان آزاد ٿي گهر پهتم.

# پٽي صاحب جي ڪمدار سان جهيڙو

اسين وري امير آباد ۾ اچي رهيا هئاسين. اسان جي پاسي جناب ذولفقار علي پٽي جن جون زمينون آهن. ذولفقار پٽي صاحب جو انهن زمينن تي قادر بخش ڪمدار هو. قادر بخش جي مان سان نہ پوندي هئي ۽ اسان ٻنهي ۾ تڪرار پيو هلندو هو. انهن ڏينهن ۾ پٽو صاحب، صدر ايوب خان جو (پرڏيهي) وزير هو. اسين سندس تر جا ماڻهو هئاسين. سو چڱيءَ ريت سڃاڻندو هو. هڪ دفعي ذولفقار علي پٽي صاحب جيڪماباد آيو. سرڪٽ هائوس ۾ ڪليل ڪچهري پئي ڪيائين. ڪچهريءَ ۾ آفيسر ۽ عملدار بہ هئا ۽ عام ماڻهو بہ. منهنجو مامو بہ هتي هو. پٽي صاحب جي نظر هن تي پئي تہ اتان ئي سڏ ڪيائين: ”نهال هيڏي آ.“ مامو ويجهو ويو تہ، پٽي صاحب چيو: ”نهال ميري وري ڪارو منهن ڪيو“. مامي حيران ٿي پڇيو: ”سائين ڇا ڪيائين“. پٽي صاحب چيو: ”چار خون ڪري روپوش ٿي ويو آهي“. منهنجي مامي چيو: ”سائين اها ڳالهہ بنهہ ڪوڙ آهي. ميرو تہ پنهجي ڳوٺ آ. هن خون ڪونہ ڪيو آ. نہ ئي ڪو اهڙو فرياد داخل ٿيو آ. ايس پي ۽ پوليس جو ٻيو عملو هتي موجود آ. اوهين هنن کان پڇي سگهو ٿا؟“ پٽي صاحب چيو: ”پر مان وٽ اهڙي درخواست پهتي آ.“ مامي چيو : ”سائين اهو نسورو ڪوڙ آ“. پٽوصاحب ڪجهہ دير تائين سوچ ۾ ٻڌي ويو، پوءِ چيائين: ”چڱو مان ڏسان ٿو“.

منهنجي مامي انهيءَ مهل پنهنجي پٽ کي مان وٽ موڪليو تہ جلدي هتي پهچ. منهنجو ماروٽ سانجهيءَ جو مان وٽ پهتو ۽ ساري حقيقت حال ماکي ٻڌايائين. ڳالهہ ٻڌي منهنجا تاڪ لڳي ويا. مان فجر جو اٿيم ۽ سج نڪرڻ کان اڳ مامي وٽ جيڪماباد پهچي ويم. پوءِ ٻئي گڏجي پٽي صاحب وٽ سرڪٽ هائوس وياسين. پٽو صاحب مليو. مان کيس چيو: ”سائين مان تي اها تهمت آ. مان ڪوبہ خون نہ ڪيو آ.“ پٽي صاحب وري ساڳي ڳالهہ ڪئي تہ: ”مان وٽ درخواست پهتي آ“. مان پٽي صاحب کان پڇيو تہ: ”سائين اها درخواست ڪنهن ڪئي آ.“ پٽي صاحب نالو ٻڌايو تہ مان سمجهي ويم. مان پٽي صاحب کي چيو: ”سائين اها اوهان جي ڪمدار قادر بخش جا ڪم آهن. هن جي مان سان نہ پوندي آ. اها درخواست ڪوڙي آ“. پٽي صاحب ماکي چيو: ”درخواست ڪوڙي آ تہ تون فڪر نہ ڪر.“ مان چيم: ”سائين درخواست تہ ڪوڙي آ، پر مان هاڻ اوهان کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ جهيڙو هاڻ ضرور ٿيندو.“ پٽي صاحب ماکي چيو: ”ڳالهہ هتي ئي ختم ڪر“.

مان اتان موٽي آيم. پٽو صاحب بہ موٽي ويو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ انهن ساڳين همراهن مان تي وري هڪڙو ڪوڙو ڪيس ڪيو. ٽائر چورائڻ جو. صوبيدار مان وٽ آيو چيائين: ”توتي فرياد داخل ڪيو اٿن. جيتوڻيڪ ماکي خبر آ تہ اهو ڪوڙو فرياد آ. مان انسپيڪٽر

ڪي بہ چوندس تہ فرياد ڪوڙو آ. پر تون انسپيڪٽر وٽ هل. مان انسپيڪٽر ڪي بہ چوندس تہ فرياد برابر ڪوڙو آ پر مان مجبور آهيان فرياد بهرحال لکرايو اٿن ۽اهو بہ پٺي صاحب جي ڪمدار لکرايو آ. تون راولپنڊي وڃ ۽ وڃي پٺي صاحب سان مل“.
مان راولپنڊي ويم پر پٺو صاحب عيد ڪرڻ ڳوٺ هليو ويو هو. سندن همشيره تنهن وقت حيات هئي. ساڻس مليم. ڪين سچي حقيقت ٻڌايم. هن ماڪي چني ڏني ۽ خرچ پکي لاءِ سئو رپيا بہ ڏنا ۽ چيائين: ”ادا ڳوٺ ويل آ. تون وڃي هن سان ڳوٺ مل“.
مان سڌو جيڪباباد پهتم ۽ پنهنجي ڳوٺ وڃڻ جي بدران هڪ ٻئي ڳوٺ ۾ عيد نماز پڙهي پٺي صاحب جي ڳوٺ پهتم، پٺي صاحب جي گهر ٻاهران ٻيا بہ ماڻهو وينا هئا. مان بہ وڃي ويهي رهيم. ڪجهہ دير ڪانپوءِ پٺو صاحب نڪتو ۽ سڌي مان تي نظر پيس. ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. چيائين: ”اڙي هن دفعي ڪارو منهن ڪري ماڳهين منهنجي چوري ڪئي ٿئي“. مان جواب ڏنو: ”سائين مان تي ڪوڙو الزام لڳايو ويو آ. مان اڳ ۾ ئي اوهان کي ٻڌايو هو تہ اهي منهنجا دشمن آهن. هنن اڳ ۾ بہ اوهان وٽ منهنجي خلاف ڪوڙي درخواست ڪئي هئي. منهنجو اهو وڙ ئي ڪونهي جو مان ٽائر چوري ڪريان. سي بہ اوهان جا“. پٺي صاحب ماڪي چيو: ”چڱو تون جيڪباباد پهچ اٽ اچي مان سان ملجان“.
مان جيڪباباد پهتم، جڏهن پٺو صاحب آيو تہ مان سرڪٽ هائوس ويم. هتي پوليس آفيسر، ٻيا اعلي عملدار امير ڪبير وينا هئا. مير جعفر خان جمالي بہ وينو هو. جن همراهن مان تي ڪوڙو فرياد ڪيو هو سي آيا هئا. پٺي صاحب هنن کان چوريءَ جي بابت پڇيو. اهي هڪ تہ اڳئي منهنجا دشمن هئا. ٻيو منهنجي خلاف فرياد بہ لکرايو هئائون. هنن قرآن تي هٿ رکي ڪوڙ ڳالهايو تہ ”ميري ٽائر چورايا آهن“. جعفر خان جماليءَ پٺي صاحب کي چيو: ”سائين ميرو ٽائر نہ چورائيندو. انهيءَ جي ساک مان بہ ڏيان ٿو. مان هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان“. پر مخالف ڏر ڪم پڪو ڪيو هو. اهي پاڻ سان ڪوڙا شاهد بہ وٺي آيا هئا. هنن قسم کڻي پٺي صاحب کي چيو: ”اسان پنهنجي اکين سان ڏٺو هو تہ ميرو ٽائر ڪڍي بيل گاڏيءَ ۾ رکائي کڻي پي ويو. پر اسين ڊپ ۾ ڪجي ڪونہ سگهياسون“. پٺي صاحب مانکي چيو: ”هاڻي چوري کڻي مڃ.“ مان چيو ”ڪوڙ ڪيئن مڃان. مان نہ مڃيندم“. پٺو صاحب ڪاوڙجي پيو ۽ ڪاوڙ ۾ ماڪي گهٽ وڌ ڳالهايائين. مان بہ پنهنجي زبان روڪي ڪونہ سگهيم. بہ ٽي ابتا سبتا جواب منهنجي واتان نڪري ويا. جعفر خان جماليءَ اٿي منهنجي وات تي هٿ ڏنو. پٺي صاحب ڪاوڙ ۾ ايس پي کي چيو ”اڙي ٻڌوس هنکي“. ماڪي ٻڌي جيڪباباد جي لاڪ اپ ۾ هيائون. ڪيس هليو ۽ ماڪي انهيءَ ڪوڙي ڪيس ۾ نون مهينن جي سزا لڳي. ماڪي سينٽرل جيل سکر اماڻيائون. پنيان منهنجي يائرن

سيشن ۾ ڪيس ڪيو ۽ ڪجھ ڏينھن ڪانپوءِ سيشن ماڪي ضمانت تي آزاد ڪيو. آزاد ٿي آيم تہ مائٽن کي چيم: ”ھاڻ جھيڙو ٿيندو. مان سڪر مان ٿي لوڊنگون ڪيون ۽ سڌو ڳوٺ پھتم، گھر جو سامان کڻي اچي ٿرپارڪر ضلعي جي ھڪ ننڍڙي ڳوٺ ڦورڙي ۾ وڃي رھيم. اھو ڳوٺ ٿرپاڪر ضلعي جي ڇيڙي تي آھي. اڳيان خيرپور ضلي جي حد شروع ٿئي ٿي.

مان فيصلو ڪري ورتو ھو تہ پٽي صاحب جي ڪمدار قادر بخش ۽ سندس ساٿي بھادر کان بدلو ضرور وٺبو. ھنن منھنجي بيعزتي ڪئي آ ۽ پٽي صاحب سان ويڙھائيو آ. ماڪي پٽي صاحب جي ڪاوڙجي پوڻ جو ڏاڍو ڏک ھو. مان پنھنجي دوستن يارن کي ڪٺو ڪيو. ڪل يارنھن همراھ ھئا. مان ھنن کي سڄي ڳالھ ٻڌائي صلاح ورتي. سيني ماڪي چيو تہ : ”بدلو بلڪل وٺبو.“ مان ڪمدار کي ھڪ خط لکيو:

”اوھانکي پنھنجو جيڪو بندوبست ڪرڻو ھجي.
سو ڪريو، مان ٽين ڏيھاڙي توھان جو مھمان
آھيان. پوءِ اھو نہ چئجو تہ ميري اسان کي اڳوات
اطلاع نہ ڏنو.“

منھنجو ھڪڙو دوست اھا چٺي ھنن تائين پھچائي موٽي آيو. چٺي پھچڻ جي ٽين ڏيھاڙي جنھن ڏينھن مان ڪين لکيو ھيو تہ ايندا سين. اسين رات جي پوئين پھر اميرآباد جي اوڀارين پاسي ميل ڏيڍ اوري تائين پھچي وياسين. اتي پھچي ترسي پياسين. فجر جو وقت ٿيو تہ مان تلاءِ مان وضو ڪيو ۽ نماز پڙھڻ لڳس. نماز پڙھي دعا پي گھريم تہ اسان جي قوم جو ڇوڪرو عثمان جيڪو امير آباد ۾ رھندو ھو اھو اچي اتان لنگھيو. ماڪي ڏنائين تہ سڃاتائين. ھن ماڪان پڇيو ”چاچا ھنن ھمراھن کي وٺي ڪاڏي پيو وڃين؟“ مان ھن کي ٻڌايو: ”مان ھي ماڻھو قادر بخش ۽ بھادر تي حملو ڪرڻ واسطي وٺي آيو آن. ھنن منھنجي بيعزتي ڪئي آ ۽ ماڪي ھتان لڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو اٿن“. ڇوڪري ماڪي چيو ”چاچا ڪلھ شام جو پوليس جي ٽرڪ پرجي آئي آ. سموري پوليس ڪوٽ جي اندر موجود آ. تون بہ پنھنجا ھمراھ وٺي آيو آن. اھو تہ وڏو جھيڙو ٿيندو“. مان اجان دعا پي گھري ۽ ڇوڪري جي ڳالھ پي ٻڌم. منھنجي ساٿين جو پوليس جي ڳالھ ٻڌي تہ جوش ۾ نعرو ھنيائون. قادر قلندر مست ۽ وٺي امير آباد ڏانھن پڳا تہ پوليس سان مقابلو ڪريون. مان بہ دعا اتي ئي پوري ڪري ھنن جي ڪڍ وٺي پڳس. جڏھن ڳوٺ جي نزديڪ پھتاسين تہ ڏينھن ٿي ويو ھو. سڄي ڳوٺ ۾ لڙ پئجي ويو. ميرو اچي ويو ساٿين سان.

جنھن ڪوٽ جي ڇوڪري ڳالھ ڪئي ھئي، اھو ڪوٽ ذولفقار علي پٽي صاحب جو ھو. پوليس انھيءَ جي اندر ويني ھئي. اسان ٽا ڪيو جو ڪوٽ جو دروازو جھلي ورتوسين

۽ هوائي فائر ڪياسين. پوليس دل جهلي نہ سگهي ۽ وٺي ڀڄي. پر دروازا تہ اسين جهلي بيٺا هئاسين. تنهن ڪري هنن ڇا ڪيو جو ڀتين تي ڪانيون رکي ڀڄڻ شروع ڪيو. منهنجي همراهن مان هڪڙي هڪ پوليس واري کي ڪانيءَ تان چڙهندي ڏسي ورتو ۽ بندوق اڀي ڪري فائر تي ڪيائين تہ مان ڏسي ورتو. ڊوڙي وڃي سندس بندوق ۾ هٿ وڌم ۽ کيس فائر ڪرڻ کان روڪيم. اهو پوليس وارو منهنجو دوست هو.
ڪوٺ ڀٽي صاحب جو هيو ۽ اسان ڀٽي صاحب جي ڪنهن شيءِ کي هٿ ڪونہ لاتو. ڇاڪاڻ تہ مان ڀٽي جو نمڪ کاڌو هو. باقي ڪمدار جو جيڪو ڪجھ اسان کي نظر آيو اهو ڪنيو. بنا ليسڻ (لائيسنس) جي بندوقون هيون سي اهي بہ ڪنيوسين. مطلب تہ هنن جي ڪا شيءِ ڪونہ ڇڏيسين. موچڙا بہ ڏاڍا هنياسين. اگهاڙو ڪري هنن کي گيسيون ڪرايونسي ۽ پوءِ مان قادر بخش کي چيو: ”جيڪڏهن سپاٽي هيءُ ڳوٺ ڇڏي نہ وئين، هتي هوندي تہ، مان ٻئي ڏهاڙي توکي اچي اُڦٽ ماري ويندم. تون جيڪا شرارت ڪئي اها توکي ڦبندي ڪونہ. يڪدم اهو ڳوٺ ڇڏي هليو وڃ.“
اسين هنن کان بدلو وٺي اچي لاريءَ ۾ چڙهياسين، لاريءَ ۾ اها پوليس ۽ صوبيدار بہ چڙهيل هو. جيڪي اسان سان مقابلي لاءِ آيا هئا. مان کين ڌمڪي ڏئي چيومانس: ”وڃي انسپيڪٽر کي چئي ڇڏ. جيڪڏهن اسان تي فرياد لکيائين تہ ٻئي ڏينهن اسين سندس ٺاڻي تي هونداسين“. صوبيدار وڃي انسپيڪٽرکي ٻڌايو. انسپيڪٽر اسان جي خلاف فرياد ئي داخل نہ ڪئي.
ٻئي پاسي قادر بخش ڪمدار ٻئي ڏينهن ڳوٺ ڇڏي سڌو نئين ديري هليو ويو ۽ اتان ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهتو. جتي ذولفقار علي ڀٽي جو وڏو ڀاءُ سڪندر علي ڀٽو رهندو هو. هن کي وڃي چيائين: ”سائين ڪالھ رات ميري يارنهن ماڻهن سان اچي مان تي حملو ڪيوتس. اسان جي تمام گهڻي بيعزتي ڪئي اٿس ۽ چيوتس تہ: جيڪي اوهانجا بابا آهن وڃي انهن کي دانهن ڏيو. هنن کي جيڪي ڪرڻو اٿن ڀلي ڪن. حالانڪہ حقيقت اها آهي تہ مان ائين چيو ئي ڪونہ هو. نہ ئي مان ڀٽي صاحب وارن جي خلاف هڪ اکر بہ ڳالهايو هو. مان اهڙو نالائق ڪيئن ٿي سگهيس ٿي تہ جنهن جو نمڪ پيٽ ۾ هجي. ان جي خلاف ڳالهايان“.
قادر بخش سڪندر علي ڀٽي کي اهو بہ چيو تہ: ”ميري اهو بہ چيو آ تہ، ذولفقار علي تو (خارجا) وزير آن تہ، مان بہ بادشاهہ آهيان. مان توکي نوڪريءَ مان ڪڍان ٿو. وڃي پنهنجي بابن کي سلام ڏي. جيڪڏهن سپاٽي تون هتي رهندين تہ مان فقط هڪڙو ڪارتوس خرچ ڪندم. تنهنجو لاش رت ۾ ڳاڙهو ٿيو پيو هوندو. سو مان ڊپ کان ڀڄي آيو آن. هاڻ تون جيڪو حڪم ڪرين“.

سڪندر علي ڀٽي هن کي چيو: ”پيڻ جا .... ملڪ منهنجو آ. زمينون اسان جون آهن. ميري جون ڪونہ آهن. تون ميري جي چوڻ تي زمين ڇڏي ٽپڙ کڻي اچي مان وٽ پهتو آن. تون اتان ڀڄي آيو آن. تون بزدل آن. تون انهيءَ قابل نہ آهين جو توکي رکجي. تون جاڏي وڻئي تاڏي وڃ. تنهنجي نوڪري مان وٽ ڪانهي“.

قادر بخش ۽ بهادر منهنجا دشمن هئا. مان تي ڪوڙا الزام هڻي ماڪي ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي نگاهن ۾ ڪيراين. ناحق جيل ۾ اماڻيائون. مان هنن کان بدلو ورتو. سڪندر علي ڀٽي ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍيو. منهنجي دل جو مطلب پورو ٿيو.

# پانهن تان جهيڙو

ذولفقار علي پٽي صاحب جي ڪمدار قادر بخش ڪان بدلو ورتي. اسين موٽي آياسين. مان وارا همراهه پنهنجي پنهنجي ڳوٺ هليا ويا. مان پنهنجي نئين ڳوٺ ڦورڙي موٽي آيم. اتي مان پنهنجو نالو مير محمد مان مٽائي، گونٺ بخش (غوث بخش) ڪيو هيو ۽ ذات به ٻهڻ سڏائڻ لڳس.

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ تعلقي شهدادڪوٽ ۾ٽي پائر هئا. نالا هئن پوپٽ، پرين ۽ ٽين جو نالو رانجهو. اهي ذات جا سيال هئا. انهن جي پيءُ جو نالو هو پيرو. اسان جا هنن سان پراڻا تعلقات هئا. پر پوءِ هنن اسان جي لانگاهه قوم سان هڪڙي ناجائزي ڪئي. پرين اسان جي قوم وارن جي هڪ پانهن ڪٽي ويو. ان تي اسان جي قوم جا چڱا مڙس مان وٽ آيا. هنن ماڪي اچي ستايو: ”سيالن اسان سان ناجائزي ڪئي آ. تون اسان جو پلاند ڪر. هنن ڪان اسان جو بدلو وٺ. هي عزت جي ڳالهه آ. هو لانگاهه قوم جي چوڪري ڪٽي ويا آهن. سيال اسان جو نڪ وڍي ويا آهن. تون پاڻ به انهيءَ قوم جو آهين اسان جي مدد ڪر“.

ماڪي احساس ٿيو. قوم جو به لحاظ ٿيو. پر مان سوچيو ته اڳ ۾ سيالن سان ڳالهائجي. جيڪڏهن ڳالهه ٻولهه ۾ ئي اچي پانهن موٽائي ڏين ته جهيڙو چو ڪجي. اهو سوچي مان سيالن وٽ هلي ويم ۽ پرينءَ جي پيءُ پيروءَ سان ملي ڪيس چيم: ”تنهنجي پٽ پرينءَ اسان جي قوم سان ناجائزي ڪئي آ. اسان جي پانهن ڪٽي آيو آ. تون هن کي سمجهائي ۽ اها پانهن واپس ڪرائي ڏي. نه ته اهو جهيڙو وڌندو ۽ وڏو نقصان ٿيندو“.

سيال قوم جي شهدادڪوٽ ۾ وڏي حيثيت هئي ۽ اهي وڏا طاقتور هئا. انهيءَ پاسي ڪوسا، چانڊيا ۽ مستوئي به زبردست قومون هيون. پر انهن سيني ڪان سيالن جي طاقت وڌيڪ هئي. انهيءَ غرور ڪري پيرو ماڪي جواب ڏنو ته: ”منهنجي پٽ اهو ڏوهه ڪيو ئي ڪونهي. تون اسان تي ڏوهه ناجائز ٿو مڙهين“. مان ڪيس گهڻو ئي سمجهايو پر هن ۽ پرينءَ ڏوهه باسيو ئي ڪونه. ماڪي ڪاوڙ اچي وئي. مان ڪين چيم: ”ٺيڪ آ، اوهان کي جيڪو وڻي پلي ڪريو. پر ياد رکجو مان چوٿين يا پنجين ڏينهن توهان تي حملو ڪري ايندم. جو ڪجهه ماڪي ڪرڻو پيو. مان ڪندم. توهان هوشيار ٿجو. متان پوءِ اوهان کي حسرت نه رهجي وڃي ته اوهان کي اڳ ۾ ڄاڻ نه هئي“.

مان ڳوٺ موٽي آيم ۽ پنهنجي قوم وارن کي ٻڌايم ته: ”هيءَ ڳالهه آ. مان هنن کي اها ڌمڪي ڏئي آيو آن ته چئن پنجن ڏينهن ۾ مان توهان تي حملو ڪندم“. قوم وارن منهنجي انهيءَ ڳالهه کي پسند ڪيو. پوءِ مان ست ماڻهو ڪنيا، انون مان پاڻ هوم. اسان اٺ رائفلون ڪنيوسين ۽ نڪري پياسين. ٺيڪ پنجين ڏينهن وڃي سيالن تي ڪڙڪاسين. مان هنن کي

چيو: ”خبردار هاڻي مڙس ٿجو متان پوءِ ارمان ٿئي. مان اڳئي ئي اوهان کي اطلاع ڪري ويو آن“.

جنهن وقت اسين هنن جي ڳوٺ پهتاسين. انهيءَ وقت شام جو سج اجا بينو هو. اڌ ڪلاڪ کن سج لهڻ ۾ هو. سخت سيارو هو. جنهن کي اسين سياري جو چاليهو چوندا آهيون. اهي ڏينهن هجن. اسان نعرا هنيا ۽ هوائي فائر ڪيا ته پلي هو چڱيءَ طرح هوشيار ٿين. اتي هنن سيالن جا پنج اٺ گهر هئا. اسان جي هڪلن ۽ فائرنگ تي اهي هوشيار ٿيا. پر اسان تيزيءَ سان حملو ڪري، هنن تي ڪنٽرول ڪري ورتو. اسان انهيءَ مائيءَ کي ڳوليو جيڪا سيال ڪٽي ويا هئا. پر اها اتي ڪونه هئي. اسان کي پتو پيو ته سيالن هن مائيءَ کي ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾ رکيو آ. اسان سيالن جي مردن کي ڏاڍي مار ڪڍي ۽ هنن کي نچايو. نچائڻ جو مقصد ڪين بيعزت ڪرڻ هو.

اسان کي خبر هئي ته پرينءَ جي پاءُ رانجهو جي زال تمام سهڻي آ، تنهن ڪري اسان رانجهوءَ کي چيوسي ته: ”تون پنهنجي زال آڻي اسان کي ڏي. توهان اسان جي ٻانهن ڪٽي ويا آهيو، اها انهيءَ جي عيوضي ۾ اسين ڪٽي ويندا سين“. رانجهوءَ اسان جي ڳالهه ٻڌي پر چُريو ئي ڪونه. مان رائفل جي نالي رانجهوءَ ڏانهن ڪندي چيو: ”رانجهو جيڪڏهن تو سڌيءَ طرح پنهنجي زال اسان جي حوالي نه ڪئي ته ماکي گولي هلائڻي پوندي.“ لاچار هو ويو ۽ پنهنجي زال آڻي اسان جي اڳيان بيهاري.

رانجهوءَ جي زال شهزادي هئي. اسان سيالن کي چيو ”اسين هن وقت توهان سان جهڙي ٻه حالت ڪرڻ چاهيون ڪري سگهون ٿا. پر مانکي شرم ٿو اچي ته مان اوهان جي ٻانهن کنيو پيو وڃان. پر مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته مان هن نينگريءَ کي اهڙي حفاظت سان رکندم. جهڙي منهنجي نياڻي.“ هنن جي منهن تي مان هن ڇوڪريءَ جو مٿو چميو ۽ چيم: ”توهان بي غيرت ٿيا. مان نه ٿيندم. ڳالهه فقط ايتري آ ته اوهان پنجين ڏينهن اسان جي ٻانهن واپس ڪري ڇڏيو ته مان اوهان جي ٻانهن واپس ڪري ڏيندم“.

سيالن ماکي ڏاڍا ايلاز ڪيا. زاريون ڪيون. ماکي ڏاڍو ستايو ته ”ٻانهن ڇڏي وڃ. اسين اوهانجي ٻانهن واپس ڪنداسين.“ پر مان سندن ڳالهه نه مڃيم. چيم: ”نه ٻانهن ڇڏي نه ويندم. ڪٽي ضرور ويندم“.

اسان هنن جي گاڏي وٺي انهيءَ ۾ ڏاند جوٽرائي مائيءَ کي انهيءَ ۾ ويهاري روانا ٿي وياسين. چويهه ميل پري منهنجو هڪڙو دوست هيو اسان هن وٽ پهتاسين ۽ رات اتي رهياسين. سياري جي موسم هئي سخت سيءُ هجي. اسين اٺ ماڻهو هئاسين. نائين ٻانهن هئي. هو غريب هو. هن وٽ ايترا ٿپڙ نه هئا جو هو هر هڪ کي الڳ ڏي. تنهن ڪري ٻه ٻه ماڻهو تي ستا. هن زائفان لاءِ به الڳ هنڌ نه ملي سگهيو. نيٺ ماکي پاڻ سان گڏ اها زائفان

سمهارڻي پئي. هڪڙي ڪٽ هئي، هڪڙي سوڙ ٻنهي جي مٿان هئي. پر مان اهڙي ريت زائفان سان ستم جو سڄي رات منهنجي جان جسم هن سان نہ لڳي، نہ ئي هن جي جان مان سان لڳي.

مان اصل کان نمازي آهيان. صبح جو جڏهن مان وضو ڪري نماز پڙهڻ لاءِ اٿي ويٺم. منهنجا ٻيا ساٿي بہ اٿي سنتل هئا. اهي ماڪي عجب ۾ ڏسڻ لڳا. پوءِ هنن مان هڪ ماڪي چيو: ”هي ڇا؟ تو ڏاڙي ۾ ٻانهن ڪنئين آ. هيءَ ٻانهن اسان جي ٻانهن جي عيوض ۾ آ. هي آڊرا (اڙهن) سالن جي نوجوان شهزادي آ. تون سڄي رات هن سان گڏ ستو آهين ۽ هن مهل وضو ڪري نماز ٿو پڙهين. انهيءَ جو ڇا مطلب؟“

مان پنهنجي ساٿين کي چيو: ”ڏسو زالون تہ ڪنهن کي نہ ڇونديون آهن تہ اوهين ڪنهن سان وڙهو يا ٻرو ڪيو. هن زائفان جو بہ ڏوهہ ڪونهي جيڪو بہ ڏوهہ آهي سو هن جي ڏيرن يا هن جي مڙس جو آ. هيءَ بيگناهہ آ. هيءَ منهنجي نياڻي آ. جنهن نظر سان مان هن کي ڏسان ٿو اوهان کي بہ انهيءَ نظر سان هن کي ڏسڻو پوندو“.

اهو سارو ڏينهن اتي پيجي (گذاري) پوءِ ٻئي ڏهاڙي تي اتئون منزل ڪري وري ڇوويهن ڪوهن تي ٻئي هنڌ ترسياسين. اهي منهنجا دوست هئا اتي بہ مان زائفان کي ساڳي حفاظت سان رکيو. مان اها زائفان هنن دوستن وٽ امانت رکي ۽ هنن کي چيو تہ ”هيءَ ٻانهن اوهين پاڻ وٽ رکو. جڏهن سيال اسان جي ٻانهن موٽائين تہ اوهان بہ هيءَ ٻانهن کين موٽائجو“.

پوءِ مان هنن دوستن کان موڪلايو. جن وٽ زائفان کي ڇڏيم هوم ۽ جيڪي همراهہ مان سان ساڻ هليا هئا. هنن کي بہ چيم تہ پاڻ هتائون ڊار ٿا ٿيون. ماڪي ٿرپارڪر وڃڻو آ. مان هنن کان موڪلائي سکر آيم. اتي هڪ دوست وٽ رهيم. رات هن وٽ رهي صبح جو ڇهين وڳي جيڪا ريل سکر جي ٽيشڻ تان هلندي آ، انهيءَ جي ٽڪيٽ وني انٽر ڪلاس ۾ چڙهيم ۽ مٿي واري سيٽ تي ليٽي پيم. مان وٽ غلابي (گلابي) رنگ جي لوئي هئي. اها مان مٿان وجهي ڇڏي.

اتي ٽيشڻ تي منهنجو دشمن بيٺو هو. اهو دشمن پرين هو. جنهن اسان جي ٻانهن ڪنئين هئي ۽ بدلي ۾ اسان سندس پاڄائي ڪنئين هئي. هن ماڪي ريل ۾ چڙهندي ڏسي ورتو هو. پر مان ڪيس ڪونہ ڏٺو هو. هن وڃي يڪدم پوليس کي خبر ڏني تہ ”ميرو ڏاڙيل جنهن ڪيترائي ڏاڙا هنيا آهن. خود اسان جو ڏاڙو بہ هنيو اٿس ۽ اسان جي ٻانهن ڪٽي ويو آ. لاڙڪاڻي جيڪماباد جي پوليس کي ڪيترن ئي ڏاڙن ۾ گهربل آ. خطرناڪ ماڻهو آ. مان ڪيس ريل ۾ چڙهندي ڏٺو آ. هو گاڏيءَ ۾ چڙهي سمهي رهيو آ. توهان هلي هن کي يڪدم گرفتار ڪيو“.

جڏهن گاڏي سکر کان روهڙي جي ٽيشڻ تي پهتي تہ پوليس هن جي ڏس تي پنهنجو عملو وٺي انهيءَ گاڏي ۾ چڙهي جنهن ۾ مان سٽل هوس. ماکي خبر ئي نہ هجي مان لوئي مٿان کيو ننڊ ۾ بي خبر ستو پيو هوس.
اوچتو ڏهہ ٻارنهن سپاهي منهنجي مٿان چڙهي ويا. مان اک کولي ڏٺو. پوليس وارا ماکي قابو کيو بيٺا هئا. هنن ماکي ڇڪي هيٺ لاٿو. هيٺ لهندي ئي منهنجي نظر هن دشمن پرينءَ تي پئي. ماکي گاڏي مان هيٺ لاٿو ويو. ٽيشڻ تي ماڻهن جا هشام اچي مڙيا. پرينءَ ماکي نفرت سان ڏٺو ۽ ماکي گار ڏئي انسپيڪٽر کي چيائين: ”انسپڪٽر صاحب اهو ئي آ ميرو“.
انسپيڪٽر کي پرينءَ جي ڳالهہ تي ڪاوڙ اچي وئي. هن چيو: ”پيڻ جا ..... بي غيرت جڏهن اسان توکي چيو تہ گاڏي ۾ چڙهي ميري جي سڃاڻپ ڪرائي تہ چئي تہ اڳيان ڪونہ ويندس. ميرو ماکي ماري ڇڏيندو ۽ هاڻ جڏهن هيءُ قابو آ تہ تون گاريون ٿو ڏين. نڪر هتان منهنجي اکين اڳيان ٽري وڃ.“ پوءِ انسپيڪٽر هن کي گاريون ڏئي هتان ڀڄائي ڪڍيو.
انسپيڪٽر ماکي گرفتار ڪري سکر جي چاوڙي ٿاڻي تي وٺي آيو ۽ لاڙڪاڻي فون ڪيائين ميري نالي، ههڙي آري پاري هڪ ماڻهوءَ کي اسان روهڙيءَ جي ٽيشڻ تان گرفتار کيو آ. هڪ ماڻهو پرين هيءَ حقيقت ڪري ٿو تہ هيءُ ڏوهاري آ، ۽ حڪومت کي هن جي ڳولها آ. ڇا اوهانکي اهو ماڻهو گهربل آ.؟“ لاڙڪاڻي مان جواب آيو: ”واقعي ميرو اسان کي ڌاڙن جي ڪيسز ۾ گهربل آ. اسان ڪيس وٺڻ لاءِ اچون ٿا“. آخر انهيءَ ڏينهن شام جي وقت لاڙڪاڻي جي پوليس سکر پهچي وئي پوءِ لاڙڪاڻي جي پوليس ماکي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ۽ ماکي لاڙڪاڻي وٺي وئي ۽ لاڙڪاڻي چاوڙي ٿاڻي جي لاڪپ ۾ وجهي بند ڪيائون. هڪ رات ماکي اتي رهائي ٻئي ڏهاڙي پوليس جنهن ۾ هڪ انسپيڪٽر جنهن جو نالو رحمت الله جهلڻ هو، ٻہ صوبيدار، ٻہ عملدار ۽ اٺن ڏهن سپاهين سان گڏ لاڙڪاڻي مان وٺي جيڪباباد پهتي.
منهنجو اصلي ضلعو تہ جيڪباباد هيو، سو هنن جو خيال هيو تہ اتي ٻہ منهنجا ڏوهہ ڪيل هوندا. پرين ٻہ کين اهو چيو هو سو جيڪباباد ۾ آڻي اهي ماکي جيڪباباد جي ايس پي جي اڳيان وٺي ويا. ايس پي پڇا ڳاڇا ڪري منهنجي پوليس کي چيو ”بابا هن ماڻهو اسان جي ضلعي ۾ ڪو ڏوهہ نہ ڪيو آ. اسان کي هيءُ ڪنهن ٻہ ڏوهہ ۾ گهربل ڪونهي. باقي جيڪڏهن اوهان جي ضلعي ۾ ڏوهہ ڪيو اٿس تہ اوڏانهن وٺي وڃو ۽ وڃي پاڻ سمجهو“.
ايس پي جو اهو جواب ٻڌي هنن ماکي آڻي جيڪباباد جي لاڪپ ۾ وڌو. اتي ماکي ٻن ڪلاڪن لاءِ رکيائون. ڇاڪاڻ تہ ريل جي اچڻ ۾ ٻہ ڪلاڪ هئا. اتي لاڪپ ۾ هڪ درويش قسم جو ماڻهو هو پناڻ هو، صفا ملنگ هو. هن ماکي پاڻ ڏانهن سڏيو. مان وڃي هن جي

پرسان وينس. هو ماکي ڪجهه دير ڏسندو رهيو. پوءِ چيائين جوان ”تون ٻه ڏيهاڙا جيل ۾ رهندين يا ٿي. انهيءَ ڪانپوءِ تون ٻاهر هليو ويندين. تون آزاد آن. بلڪل آزاد.“ مان ڪيس جواب ڏنو ”بابا تون ڳالهه ڪرين ٿو اندازي تي، پر اها ڳالهه صحيح نه بيهندي. هي ڏس انسپيڪٽر آ، ٻه صوبيدار، ٻه عملدار ۽ اٺ ڏوهه سپاهي. اهو سڄو عملو مان لاءِ آ. ماکي چار ڏينهن ٿيا آهن گرفتار ٿئي. اڄ پنجون ڏينهن آ. جيڪماباد منهنجو ضلعو آ. هتي جي ايس پي ماکي ڇڏي ڏنو آ. ڇاڪاڻ ته هن ضلعي ۾ منهنجو ڪو ڏوهه ڪونهي. هاڻ هي ماکي لاڙڪاڻي وٺيو ٿا وڃن. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ منهنجا ڪيترا ڏوهه ڪيل آهن. ڪيترا ڪيس آهن مان تي. ڪجهه ڪيس ٻين ضلعن جا به آهن. اٺن ڏهن مهينن ۾ ته منهنجا ڪيس به هلي پورا نه ٿيندا. تون درويش ڪيئن ٿو چئين ته مان ٻئي ڏيهاڙي يا ٽئي ڏهاڙي آزاد ٿي ويندم“. انهيءَ پناڻ ملنگ ماکي وري چيو ”انشاءَالله تون ٽن ڏينهن ۾ جيل مان نڪري ويندين.“ مان هن جي ڳالهه تي ڌيان نه ڏنو. ڇاڪاڻ ته پتو هوم ته هاڻ جلد ڇٽڻ ممڪن ئي ڪونهي.

ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ جڏهن گاڏيءَ جو ٽائيم ٿيو ته پوليس ماکي لاڪپ مان ڪڍي جيڪماباد ٽيشڻ تي وٺي آئي ۽ جڏهن گاڏي آئي ته ماکي انهيءَ ۾ چاڙهي لاڙڪاڻي وٺي آيا ۽ آڻي لاڪپ ۾ بند ڪيائون.

انهيءَ لاڪپ جي ڪوليءَ ۾ ماکان علاوه به ٻيا ڇٽا به هئا. هڪ بنا ٽڪيٽ سفر ڪرڻ جي ڏوهه ۾ هو. ٻيو چانڊيو ذات جو هو. اهو خون جي ڪيس ۾ جهليل هو. مان ٿوري دير انهن سان ڳالهايو پر ماکي سخت بيچيني هئي ۽ پاڻ تي سخت ڪاوڙ هئم. منهنجي لاءِ اها وڏي بيعزتيءَ جي ڳالهه هئي جو مان بنا مقابلي جي جهلجي پيو هوم. نه ڪنهن سان لڙائي ٿي، نه ڪنهن کي ماريم مٿ مٿ ۾ جهلجي پيم. منهنجي لڏي ۾ چويهه ستاويهه ماڻهو آهن. اهي ڇا سوچيندا. منهنجي قوم وارا ڇا سوچيندا ته ميرو بزدلن وانگر گرفتار ٿي ويو. ماکي جوش اچي ويو دماغ کي چڪر اچي ويو دل ۾ خيال آيم ته يا ته مان مران يا ڪنهن کي ماريان يا ڀڄي وڃان. باقي ائين بزدلن وانگر جهلجڻ ته منهنجي لاءِ شرم جهڙي ڳالهه آ.

مان تي ٻن ٻن سپاهين پهرا پي ڏنا. هڪ ڪوليءَ جي اڳيان بيٺو هيو ۽ ٻيو انهيءَ جي پويان وڻ جي هيٺان بيٺو هو.

جيڪو سپاهي پرسان بيٺو هو، مان هن کي سڏ ڪيو جڏهن پرسان آيو ته مان هن کان پڇيو: ”ادا تون پاڻ ڪير آن“. هن جواب ڏنو ته ”مان ڪوسو آن.“ مان ڪيس چيو: ”ادا مان پئسان ڌيان ٿو. ماکي شهر ڪئون ڪير گهرائي ڏي“. هن سپاهي ماکي چيو: ”شام جو ڪير وارو هتي ڪير ڪٽي ايندو مون (مان) ڪير وٺي ڏيندم“. مان ڪيس ڏهه رپيا ڪڍي ڏنا ۽

چيم: ”هي ڏهه رپيا اٿئي. سير کير ماڪي وٺي ڏي. ٻه سير تون پنهنجي لاءِ وٺ“. سپاهي خوش ٿي ويو ۽ جڏهن شام جو کير وارو آيو ته سير کير منهنجي لاءِ ورتائين ۽ ٻه سير پنهنجي لاءِ ورتائين. منهنجو کير آٽي دروازي جي اڳيان رکيائين.
اتي درصل ٻه ڪوليون هيون. هڪ ڪولي سامهون جي پاسي هئي. هن کي ڇت ڪانه هئي ۽ انهيءَ ڪوليءَ مان لنگهي ٻي ڪوليءَ ۾ وڃبو هو. انهيءَ ڪوليءَ کي ڇت هئي. مان ڇت واري ڪوليءَ ۾ دريءَ تي چڙهيو وينو هوم. اتان ٻاهران لنگهندو ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا پي ظاهر ۾ ته مان هي ماڻهو پي ڏٺا. پر منهنجي دماغ ۾ خيال هو.
مان هن ڪوسي سپاهي کي ڏٺو. اهو دروازي جي اڳيان چڪر لڳائي رهيو هو. انهيءَ جي پويان وارو سپاهي نم جي وڻ هيٺان ڇپ ڪيو ويٺو هو. سامهون مسيت هئي، سانجهيءَ جي ٻانگ اجان ڪونه آئي هئي. اتي سٺ ستر ماڻهو هئا.
مان دل ۾ سڄو پروگرام ٺاهي ورتو پر مان سان جيڪي قيدي ٻيا هئا مان هنن کي دل جو راز نه ڏنو. مان دريءَ تان هيٺ لٿم ۽ انهيءَ ڪوليءَ مان نڪري سامهون واري ڪوليءَ ۾ آيم ۽ ڪوسي سپاهيءَ کي چيم: ”ادا مهرباني ڪري ماڪي منهنجو کير دروازي جي اندر ٽپائي ڏي. ماني ايندي ته مان انهيءَ سان کائيندم. ٻاهر متان ڪا مک يا ڪو جيت ڪري پوي“. هن ماڪي چيو: ”تورو ترس مان توکي کير اندر رکي ڏيندم. مان هن کي پنج رپيا خرچي ٻي ٻه ڏئي ڇڏي“.
مان وري اندر ڪوليءَ ۾ دريءَ تي چڙهي وڃي ويهي رهيم. ڪجهه دير ڪانپوءِ سپاهي دروازي کي ٻاهر ڏنل ڏنڊو هٽايو. مان هوشيار ٿي ويم. سوچيم اڄ هن سپاهيءَ سان مقابلو آ. يا ته هي ماڪي ماري وڃي يا مان هن کي پورو ڪريان. باقي بنا مقابلي جي گرفتار ٿيڻ منهنجي لاءِ ٻڏي مرڻ آ.
هن جيئن ڏنڊو لاهي در ڪوليو ۽ کير جو لوٽو ڪٽي اندر ٽي رکيائين، مان وٺي ٽپ ڏنو ۽ ڊوڙ پائي وڃي سندس مٿي تي بيٺم ۽ جوش ۾ هڪل ڪئي مانس ”خبردار تون مري وئين.“ هن منهنجي هڪل ٻڌي ۽ ماڪي جو پنهنجي اڳيان ڏٺائين ته سندس ساهه سڪي ويو. هن جي واتان دانهن نڪتي ”هاءِ ۽ هو ڪري پيو.“ مان ڪيس ٽنگ مان ورتو ۽ گهلي ڪيس اندر ڪيو. دروازو ڪولي ٻاهر نڪتم. دروازو بند ڪري ڏنڊو ڏيئي ڇڏيم. ۽ ٻاهران ڪڙو چاڙهي ڇڏيم.
ٻاهر جيڪو پوليس وارو ويٺو هو هن جون عجب ۾ اکيون ڦاٽي پيون عجب منجهان هن کي ڇپ لڳي وئي. هو ڪجهه ٻه ڪجي نه سگهيو. بس ڦاٽل اکين سان ماڪي ڏسندو رهيو.
سامهون هڪ اسپتال هئي. اتي پنجاهه سٺ ماڻهو ويٺا هئا. هنن جو ڏٺو ته مان سپاهيءَ کي لاڪپ ۾ اندر بند ڪري پاڻ پڇي نڪتو آهيان، مان هنن جي ويجهو ويم ته هن هڪل

ڪئي: ”بيھ رھ، نہ ويندين.“ مان ھڪل ڪري چيو ”خبردار، ڪو بہ منھنجي ويجھو نہ اچي. نہ تہ مان وٺ اھڙو اوزار آ جيڪو توھان جا ڦڦڙ ڪڍي ونندو. سيئي ھٽي پري ٿيا. ڪوبہ منھنجي ويجھو نہ آيو“.
مان اتئون ڀڳم. لاڪپ جي پٺ ورتم. سامھون سردار نبي بخش پٽي جو بنگلو ھو. ھنجي ٻاھرين پٽ مڙس جي قد جيڏي ھئي. مان انھيءَ پٽ ڪان ٽپي اندر ٽيم ۽ وچ بنگلي مان ڀڄندو، بنگلي جي ٻئي پاسي شاھي روڊ تي پھتم. اڳيان لاھوري محلو آ. انھي لاھوري محلي جي گھٽين مان ٿيندو. شھر ڪان ٻاھر نڪري ويم. اتر طرف رائيس ڪئنال آ، انھيءَ جي بند تي وجي چڙھيم. انھيءَ وقت ڪئنال ۾ پاڻ گوڏي جيترو ھو يا لاچار سٿر جيترو ھو. مان سٽڻ متي چاڙھي پاٽي ۾ گھڙي پيم. ڪجھ اڳيان وڏيم تہ پير وجي ھڪ ڪڏ ۾ پيو. ذري گھٽ ٻڏس تي.
نيٺ ڪئنال مان لنگھي پار ٿيم. جڏھن پيرين پر ٿيم تہ رات تي چڪي ھئي.
ھاڻ مان لاڪپ ڪان ڏيڍ ڪن ميل پري پھچي چڪو ھوم. پوءِ مان شھداد ڪوٽ ۽ قبي سعيد خان ڏانھن رخ رکيم. مان سڄي رات ھلندو رھيم. ڪنھن رستي يا گھٽ ڏانھن ڪونہ ويم. چاڪاڻ تہ ماکي خبر ھئي تہ پوليس منھنجي تلاش ۾ گھٽ ۽ ناڪا ونيو بيٺي ھوندي. سڄي رات جھنگل ۾، ٻنين ۾ ھلندو رھيم. جڏھن سج اڀرڻ وارو ھو، آسمان تي ھلڪي ھلڪي روشني ڦھلجڻ لڳي. تنھن وقت مان شھدادڪوٽ جي پرسان ٽانوري شاخ تي پھتم. پوءِ اتان ڦري داندانـي ويم. اتي منھنجو ھڪ دوست ھو جبل خان، ذات جو جمالي ھو. مان اھو ڏينھن، رات ۽ ٻيو ڏينھن بہ اتي رھيم. جڏھن تڪ لٿو تہ ھن ڪان موڪلائي اڳيان وڌيم. ڪجھ اڳيان منھنجو ٻيو دوست سائينداد رھندو ھو. اھو ذات جو راھوجو ھو. مان ھن وٽ ويم ۽ ھن  پوري حقيت ڪيم. ھن ماکي چيو: ”تون ھتي آرام ڪر. مان لاڙڪاڻي وجي سڄي خبر ونيو ٿو اچان“.
ھو ماکي اتي رھائي پاڻ لاڙڪاڻي ويو ۽ لاڙڪاڻي مان واپس اچي سڄو احوال ماکي ڏنو تہ: ”پوليس توکي سختيءَ سان تلاش ڪري رھي آ. سکر، جيڪماباد، ميھڙ، دادو انھن سيني گھٽن تي پوليس ويني آ ۽ ھر ايندڙ ويندڙ جي جانچ ڪري رھي آ. مان سڄي جانچ چڱيءَ طرح ڪري آيو آن. اتفاق سان پوليس ھن پاسي ڪانھي. چڱو ٿيو جو تون ھن پاسي نہ وئين، نہ تہ ڪنھن نہ ڪنھن گھٽ تي جھلجي پوين ھا“.
منھنجي دوست ماکي ھڪ ٻي ڳالھ بہ ٻڌائي، جنھن تي ماکي ڏاڍي حيراني ٿي ۽ خوشي بہ ٿي. پيرو سيال جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آھيان. پيرو رانجھوءَ جو پيءَ ھو جنھن جي زال اسان پنھنجي ٻانھن جي عيوض ڪٽي آيا ھئاسين. پيروءَ جو ھڪ صوبيدار دوست ھو. نالو ھو عبدالوھاب. پيروءَ کي ھڪ سپاھي ھٿان چورائي موڪليو: ”ميرو پوليس سان

مقابلو ڪري، زوري زبردستي لاڪپ مان ڀڃي ويو آ. توهان هوشيار ٿجو. متان رات ئي توهان وٽ پهچي وڃي. جيڪڏهن توهان وٽ آيو ته سڄي ڳوٺ کي تنگ ڪندو“.
سپاهي رات جو اٽڪل يارهين وڳي پيروءَ کي ٻڌايو. اهو ٻڌي دانهن ڪئي. اڙي يا حسين ميرو اسان کي ماري ڇڏيندو. ايترو چئي متان ڪان ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. سڄي رات هوش ڪونه آيس صبح جو مري ويو.
مان اتي چار ڏينهن رهيس. پوءِ وچئون رستو وٺي منزلون ڪري اڳ ۾ شڪارپور پهتم ۽ پوءِ سکر کان ٽيندو، لڪندي ڇپندي وڃي ٿرپارڪر پنهنجي گهر پهتم.
گهر پهتم ته گهر وارن ماڪي هڪ پريشانيءَ واري خبر ٻڌائي، سيالن جي جيڪا ٻانهن اسان کنئي هئي، سا پنهنجي مائٽن وٽ پهچي وئي.
پتوئي نه پئجي سگهيو ته مان وارو اهو دوست پوليس کان ڊنو هو يا ڪيس سيالن دنيا (دولت) ڏني هئي. تنهن ڪري پاڻ ڇڏي ڏني. پر هنن چيو ته: ”ٻانهن کي هڪ رات وجهه لڳو. هوءَ گهران نڪري وئي. لڪندي ڇپندي وڃي چاچڙ اسٽيشن پهتي. صبح ۾ جيڪاباد کان جيڪا ريل شهدادڪوٽ ويندي آ، انهيءَ ۾ چڙهي پئي ۽ وڃي شهدادڪوٽ پنهنجي گهر پهتي.“

# جرڳي جو فيصلو

منهنجا اڳ ۾ وارنٽ نڪتل هئا، وري لاڪپ مان ڀڄي آيو هوم. انهيءَ ڪري ڪافي وقت ماڻ ڪري ڳوٺ ويهي رهيم. اسان جا ڪي مائٽ شهدادڪوٽ تعلقي ۾ به رهيل هئا. اتي اسان جي مائٽن ۾ ٽي ڀائر هئا. پنهل، هوت ۽ در محمد. پنهل پنهنجي ڌيءَ هوت جي پٽ هدايت کي ڏني هئي ۽ هوت جي ڌيءُ پنهنجي پٽ کي ڪرائي هئين. پر جلدي هنن ۾ جهيڙا ٿي پيا. ڳالهه وڌندي ايتري تائين پهتي جو پنهل بندوق سان پنهنجي ڀاءُ هوت کي ماري وڌو. پر فرياد ۾ لڪرايائين ته ڪي همراهه هوت کي ماري گهوڙن تي ڀڄي ويا. اسان رڳو هن جي پٽ ڏسي سگهياسين. پر جڏهن پوليس ڪيس مار ڪڍي ته هن سچي ڪري ڏني. پر صوبيدار کي تمام گهڻا پئسا ڪارائي، پاڻ ڇڏائي ويو. صوبيدار ڪيس ڇيو ”ميري جو ڪو اتو پتو ڪونهي. خبر ناهي جيئرو به آهي يا مري ويو.“ تون لڪرائي ڇڏ ته: ”مون هڪ کي سڃاتو. اهو ميرو هو“. هن بدبخت ڪٽي منهنجو نالو لکرايو.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ اها خبر ماڪي پئي. منهنجا تاڪ لڳي ويا. مان ماڻ ڪيو پنهنجو ملڪ ئي ڇڏي وڃي ٻئي هنڌ وينو هوس. هن ناحق مان تي الزام هنيو. مان اتان ئي گهوڙي تي چڙهي امير آباد آيم. پنهل ماڪي ڏسي ڏڪي ويو. مان ڪيس چيو ”اڙي بدبخت مان تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو جو تون منهنجو نالو لکرايو. هن هٿ ٻڌي ماڪي چيو ”ماڪي بخش ڪر. ماڪان ڏوهه ٿيو. هاڻ جيئن چوندي تيئن ڪندم“. مان سندس ڳالهه تي يقين ڪيم ۽ پنهنجي ڳوٺ موٽي آيم.

صوبيدار کي خبر پئجي وئي ته ميرو نه فقط جيئرو آ بلڪ شهدادڪوٽ ۾ پنهل سان ملي به آيو آ. هن يڪدم پنهنجا ماڻهو ماڪي ڳولهڻ لاءِ موڪليا. اهي ٻروچ هئا. اهي منهنجي پاڻيجي رستم سان مليا ۽ ڪيس چيائون ته ”اسين ميري جا دوست آهيون. ساڻس ملڻ ٿا چاهيون.“ هنن هن کي دم دلاسا به ڏنا. اهو منهنجو سونهون هو. هن بي خبر کي اها خبر ئي نه پئي ته هي ڪير آهن. هن بيوقوف هنن کي منهنجا پار پتا ٻڌائي ڇڏيا.

هڪ ڏينهن اهي همراهه اچي مان وٽ پهتا. مان حيران هيم. ته اهي هتي ڪيئن پهتا. هنن مان سان اها ڳالهه ڪونه ڪئي ته هنن کي منهنجو ڏس پتو ڪنهن ڏنو آ. خير مان هنن کي پاڻ وٽ ترسايو، ماني ٽڪي ڪارائي مان. اهي ٻه ٽي ڏينهن رهيا، پوءِ موٽي ويا. هنن وڃي صوبيدار کي ٻڌايو ته ميرو فلاڻي هنڌ رهي ٿو. فلاڻي نالي سان.

صوبيدار پنهنجي بالا آفيسر کي اطلاع ڏنو ۽ پوليس ماڪي گرفتار ڪرڻ لاءِ نڪتي. پوليس اڳ ۾ پڪا چانگ آئي. پوءِ اتان ٿرپارڪر جي حد ۾ گهڙي، ڦورڙيءَ جي شهر ۾ آئي. پوليس جو وڏو اٿالو هو. چار ٽرڪون سپاهين سان ڀريل هيون. هنن ٽرڪون ڦورڙيءَ

۾ ڇڏيون ۽ پيادل رستي سان منهنجي ڳوٺ ۾ آيا. مان ڦورڙيءَ کان اڍائي ميل پري پنهنجي لاڏي سان رهندو هوم. منهنجي لاڏي ۾ پنجاهہ سٺ ماڻهو هئا. پوليس آسر وڏي جي ٽيم تي منهنجي ڳوٺ پهچي وئي ۽ سڄي ڳوٺ کي گهيرو ڪري ويهي رهي.
جڏهن صبح ٿيو ۽ روشني پکڙي تہ اسان ڏٺو، چئني طرف پوليس گهيرو ڪيو بيٺي آ.
پوليس وارن چئني طرفن کان زور زور سان چيو : ”اسين چار ٽرڪون پري آيا آهيون ۽ اوهين چئني طرفن کان اسان جي گهيري ۾ آهيوگ مقابلو ڪندا تہ ڪٽي ڪونہ سگهندا“.
انهيءَ پوليس سان رحمت الله جهلڻ صوبيدار بہ آيو هو. جيڪو ماکي جيڪماباد وٺي ويو هو. هن ماکي هڪل ڪري چيو. ”ميرا تون جوان آ، پر اسان تمام گهڻي پوليس وٺي آيا آهيون. مقابلو ڪندين تہ شايد تنهنجا ٻار ٻچا بہ مارجي وڃن. تنهن ڪري بهتر آ تہ پيش پئُ“.
مان سوچيو تہ هاڻ مان ڇا ڪريان. مقابلو ڪريان يا هٿيار ڦٽا ڪريان. پوءِ سوچيم مان اڪيلو نہ آهيان. لاڏي ۾ ڪيترائي ننڍڙا ٻار بہ آهن. ماءُ پيءُ بہ آهن. جيڪڏهن مان مقابلو ڪيو تہ پوليس فائرنگ ڪندي. پوليس تمام گهڻي آ. ظاهر آ لاڏي مان گهڻين جانين جو نقصان ٿيندو. لاڏي کي بچائڻ لاءِ ضروري آ تہ مان جهيڙو نہ ڪريان ۽ پاڻ کي پيش ڪريان.
اهو سوچي مان رحمت الله جهلڻ کي هڪل ڪئي:
”رحمت الله مان هٿيار ڦٽا ٿو ڪريان. پوليس سان مقابلو ڪونہ ٿو ڪريان. پوليس کي هٽاءِ. اسان جي گهرن جي نزديڪ نہ اچي“.
رحمت الله سڄي پوليس پوئتي هٽائي ڇڏي. مان هڪل ڪري چيو: ”رحمت الله تون هليو آ. بي فلڪ. ڪو بہ فلڪ نہ ڪر. پوليس سان ڊي ايس پي بہ هو. هن رحمت الله کي چيو: ”رحمت الله تو چيو هيو تہ هيءُ رهزن ڏاڙيل آ. تنهن ڪري تون اڪيلو هن ڏانهن نہ وڃ. متان نقصان پهچي“. رحمت الله هن کي جواب ڏنو: ”ميرو جوان آ، ياڙيو ڪونهي، پاڻ وٽ سڏائي ڪوبہ نقصان نہ رسائيندو. هن زبان ڏني آ. هو پنهنجي زبان تي قائم رهندو. مان ويندم. توهان ڪوبہ خيال نہ ڪريو“.
رحمت الله مان وٽ بنا ڊپ ڊاءُ جي هليو آيو. مان هن سان هٿ ملايو ۽ هن سان رلجي پنهنجي اوطاق ۾ آٽي ويهاريومانس. ڊي ايس پي ۽ پوليس بہ اچي اوطاق ۾ ويٺي. مان سموري پوليس کي چانهن پياري. مان محسوس ڪيو تہ ڊي ايس پي ۽ ٻيو جيڪو عملو هو اهو خوش ٿيو. هنن ماکي چيو تون واقعي جوان آن.
منهنجي علاوه منهنجي پٽ نياز حسن ۽ منهنجي ڀاٽيجي غلام فريد جي مٿان بہ دشمنن ڪوڙا ڪيس ڪيا هئا. تنهن ڪري اسان تنهن جا وارنٽ نڪتل هئا. پوءِ پوليس اسان ٽنهي کي گرفتار ڪري لاڙڪاڻي وٺي وئي. اسان کي هٿڪڙيون ڪونہ هيون.

اسين لاڙڪاڻي رات جو پهتاسين. پوليس ماڪي انهيءَ وقت لاڙڪاڻي جي ايس پي وٽ وني وئي. انهيءَ وقت رات جا يارنهن لڳا هئا. صوبيدار رحمت الله ماڪي چيو ”ميرا تون جيڪو چاوڙي لاڪپ مان زبردستي ڀڄي ويو هئين. سپاهيءَ کي لاڪپ ۾ بند ڪري، انهيءَ تي ايس پي صاحب ڏاڍو ناراض آ. اسان توکي ڏاڍي عزت ڏني آ، شان ۽ مان سان وني آيا آهيون. تون جوان آهين ماڪي تنهنجو قدر آ، پر هو اسان جي مٿان آفيسر آ مٿان هو اسان کي تنهنجي بيعزتيءَ لاءِ حڪم ڪري، انهيءَ ڪري تون ايس پي صاحب سان اهڙي نوڙت ۽ عزت سان ڳالهائجان جو هو ناراض نه ٿئي. توسان ملي خوش ٿئي“. مان چيومانس: ”ڏنو ويندو، الله چڱي ڪندو“.

مان دل ۾ سوچيو بزدليءَ مان ڪجهه نه ورندو. مان تي هن وقت مصيبت آئي آ پر مان جهڪي نماڻو ٿي چو هنجي اڳيان پيش ٿيان. نه مان پنهنجي دليري ۽ بهادري چو ڇڏيان. مان شان سان پيش ٿيندس. مان طئہ ڪري ورتو ته جهڪندم ڪونه. ايس پيءَ کي ڄاڻ ٿي. هو اندران نڪري ٻاهر ورانڊي ۾ آيو. جڏهن ايس پي منهنجي سامهون ٿيو ته مان ڏاڍي جوش ۽ زور واري آواز ۾ جنهن ۾ ڪڙائي هئي ڪيس سلام ڪيم. ايس پي مان ڏي ڏنو ۽ هن جي چپن تي مرڪ اچي وئي.

ايس پي کي ڏسڻ سان مان سڃاڻي ويم ته هو جوان آ ۽ هن کي جوان جو قدر آ. ايس پي ماڪي چيو: ”ميرا تون واقعي جوان آن“. رحمت الله خان هن کي اندر وني آ. مان هن سان ڳالهائڻ ٿو گهران. ميري سان اچ ڪچهري ٿي وڃي. ماڪي اندر وني ويا ۽ ڪرسي ويهڻ لاءِ ڏنائون. اتي فقط اسين ٽي هئاسين. ايس پي، رحمت الله خان ۽ مان.

ايس پي ماڪي چيو: ”ميرا ماڪي توتي ڏاڍي ڪاوڙ هئي. تون لاڪپ مان ههڙيءَ ريت ڀڄي وئين جو لاڙڪاڻي پوليس جو نڪ ڪپجي ويو. انهيءَ لاڪپ کي ٽي چوڪيون آهن ۽ لاڪپ شهر ۾ آ! ايڏي پوليس هوندي تون وچ شهر مان ڀڄو آن. اسان کي تنهنجي مٿان الزام ناهڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو. تون سچ لهڻ ڪان اڳ ڀڄو هئين، رپورٽ رات جو ٻين وڳي ناهي وئي آ. توتي ڪيس ئي نه پي هليو. ڇاڪاڻ ته تون بند لاڪپ کولي ڀڄو آن، پر مڃان ٿو تون جوان آن. ماڪي تنهنجو قدر آ، توتي جيڪي لاڙڪاڻي ضلعي جا ڪيس آهن، مان انهن ۾ تنهنجي پوري مدد ڪندم. تون جوان آن، تو جهڙو جوان پلي آزاد هجي“.

مان ايس پي کي چيو ”مان هڪ ڏوهاري آن ۽ تون بالا آفيسر. پر تون مانسان سٺي نموني پيش آيو آن. اها الله جي مهرباني آ، شڪر الله جو“.

ايس پي وٽ اسين ڏهه پندرنهن منٽ ويناسين. پوءِ ايس پي چيو: ”رحمت الله خان ميري کي ڪابه تڪليف نه ڏجان. هاڻ وڃي هن کي لاڪپ ڪر“.

ماڪي آڻي ساڳي لاڪپ ۾ بند ڪيائون جنهن مان ڀڳو هوم. پهريان پوليس وارا جن ڪان مان ڀڄي نڪتو هوم. انهن کي ڏس مس ڪري ڇڏيو هين. پهري تي ٽي ٽي پوليس وارا هئا.
پوءِ اتي منهنجيون سڃاڻپون ٿيون. هوت جي خون واري ڪيس کان علاوه سيالن جي ٻانهن ڪٽڻ وارو ڪيس هو. پٽي صاحب جي ڪمدار قادر بخش جي ڏاڙي جو ڪيس هو. انهيءَ کان علاوه ٻہ ڪجهہ ٻيا ڪيس هئا. ڪورٽ ۾ سيئي ڪيس هلندا رهيا پر ڪيس ۾ ڪوبہ ماڻهو منهنجي خلاف شاهدي نہ پيو ڏي. خبر نہ هنن کي ماکان ڊپ ٿي لڳو يا خدا جي طرف کان پلائي هئي.
انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر چنو هو. پاٽ جي پاسي جو هو. هن کي رپورٽ پهتي تہ ميري جي خلاف ڪو شاهدي نہ پيو ڏي. ڪليڪٽر وٽ منهنجي خلاف ڪافي دانهون پهتيون هيون. هن سوچيو تہ : ”جيڪڏهن ميري جي خلاف ڪنهن بہ شاهدي نہ ڏني تہ هيءُ ڇٽي ويندو“. تنهنڪري هن منهنجا ڪيس جرڳي ۾ موڪلي ڇڏيا. انهن ڏينهن ۾ لوڪلي جرڳا هوندا هئا. جرڳي جو قلم ابتو آ. انهيءَ مان ڪوبہ ڇٽي نٿو سگهي. جيڪو ويو هن کي سزا لڳي. تنهن ڪري ڪليڪٽر منهنجا ڪيس ڪورٽن مان ڪڍائي جرڳي ۾ موڪلي ڇڏيا.
جرڳي ۾ سيالن جي ٻانهن ڪٽڻ وارو ڪيس هليو. جيڪا عورت اسان ڪنئي هئي اها عورت جرڳي ۾ آئي هن منهنجي سامهون اهو بيان ڏنو تہ ”هن ماڻهوءَ کي مان ڪونہ سڃاڻان. جنهن وقت ماکي ڪنيو ويو هو، هي شخص انهيءَ وقت هو ئي ڪونہ. نہ ئي هيءَ ماڻهو ماکي ڪٽي ويو هو. اهي ٻيا ماڻهو هئا. ههڙي آري پاري مان هنن کي سڃاڻان ٿي“.
شام جو ايس پي لاڪپ ۾ آيو ۽ ماکي چيائين: ”ميرا مان زائفان کان اڪيلائيءَ ۾ پڇيو آ“. هن چيو آ تہ ”ميري جهڙو جوان ٻيو ڪو ڪونهي. ماکي هن ڏاڍي حفاظت سان رکيو هو. ڪجهہ بہ ٿي پوي مان هن جي خلاف بيان نہ ڏيندم. ماکي ماري وجهن تہ ڀلي ماري وجهن.“ مان ڪيس چيو آ تہ: ”جيڪڏهن تنهنجي دل نٿي چوي تہ تون ڀلي ميري جي مٿان بيان نہ ڏي“.
جرڳي ۾ منهنجي مٿان اهو ڪيس ٻيهي ئي نہ پيو. منهنجي وڪيل جرڳي کي چيو: ”جيڪا زائفان ڪڄي وئي آ، اها ئي چوي ٿي تہ ميري ماکي ڪونہ ڪنيو آ. تنهن ڪري ميرو ڏوهاري ڪونهي. پر جرڳي ۾ وڪيل جي نہ هلندي آ. جرڳي کي مٿان حڪم هو تہ ميري کي سزا ڏيڻي اٿوَ“.
نيٺ جرڳي ماکي انهيءَ ڪيس ۾ چار سال سخت پورهئي سان سزا ڏني.

سيالن جي ڪيس ڪانپوءِ هوت جي خون جو ڪيس هليو. هڪ شخص محمد بخش ڪوريءَ مان تي ڪوڙو الزام هنيو تہ ”ميرو مان وٽ آيو هو ۽ زوري ماڪان منهنجي بندوق ڦري ورتائين. جنهن سان هن هوت جو خون ڪيو.“ مان جرڳي کي هڪڙي درخواست ڏني تہ ”قرآن تي فيصلو ڪيو وڃي ۽ مان پنهل کي قرآن تي آڏي پچا ڪندم“.

جرڳي منهنجي ڳالهہ مڃي، پر جڏهن ٻئي ڏينهن ڪيس هليو تہ جرڳي چيو ”قرآن نہ ڪڍائبو.“ مان تپي باهہ تي ويم. مان ڪرسيون ڪٺي ورتيون ۽ اهي اڇلائي درن ۽ درين جا شيشا ڀڃي ڇڏيم. ڪيترين ڪرسيون بہ ڀڃي ڇڏيم. جرڳي جا هڙئي ميمبر ڀڄي ويا. پوليس در تي بيٺي هئي، پر اندر ڪو بہ نہ آيو. ايتري ۾ ڪليڪٽر آيو. هن پڇيو تون وڙهہ نہ. ائين ئي ٿيندو جيئن تون چئين ٿو. فيصلو قرآن تي ٿيندو. هينئر تون ٻلي وڃ. فيصلو سڀاڻي ٿيندو.

مان ڪليڪٽر جي ڳالهہ مڃي جيل پهتم. اتي ٻئي ڏينهن جيل تي جرڳي جو آرڊر پهتو ”ماڪي جرڳي چوڏهن سال سزا ڏني هئي. منهنجا تاڪ لڳي ويا. بنا ڪيس هلڻ جي هيڏي وڏي سزا“.

مانکي سينٽرل جيل سکر اماڻيو ويو. جتان مان ڪمشنر کي اپيل ڪئي. ڪمشنر دربار علي شاهہ هو. انهن ڏينهن ۾ ڪمشنر جي آفيس خيرپور ۾ هوندي هئي. منهنجي ڀائرن ٻن هزارن ۾ وڪيل ڪيو. ماڪي دربار علي شاهہ آڏو پيش ڪيائون. دربار علي شاهہ منهنجا ڪاغذ پڙهيا ۽ وڪيل سان ڳالهائيائين ۽ پوءِ ڪجهہ لکڻ لڳو. وڪيل ماڪي آهستي سان چيو ڪيس خراب ٿيل آ، بچڻ جي اميد ڪانهي. مان چيومانس جيڪو خدا کي منظور هوندو اهو ٿيندو. نيٺ ڪمشنر ماڪي چيو ”ڏوهہ ثابت آ، سزا برقرار رهندي“. مان ڪيس چيو ”سائين ڪجهہ منهنجي بہ ٻڌو.“ هن چيو ”چئو“.

مان ڪيس سربستو احوال ٻڌائڻ شروع ڪيو. هو منهنجيون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو. ڪمشنر جي سرشتيدار ماڪي اڌ ۾ روڪي چيو: ”ايڏي ڊگهي ڳالهہ ڪري ڪمشنر صاحب جو وقت ڪوٽ نہ ڪر“.

دربار علي شاهہ سرشتيدار کي چيو: ”نہ هن کي ڳالهائڻ ڏيو. هيءُ ڏکويل آ.“ مان ڪيس سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. جنهن کي ٻڌائڻ ۾ بہ ٽي ڪلاڪ لڳي ويا. مان اهو بہ چيومانس: ”سائين مان درخواست ڏني هئي تہ فيصلو قرآن پاڪ تي ڪيو وڃي. اڳ ۾ جرڳي منهنجي ڳالهہ مڃي پر پوءِ جرڳو ڦري ويو. اها درخواست بہ منهنجي فائيل ۾ هوندي.“ ڪمشنر سرشتيدار کي چيو: ”اها درخواست ڪڍ.“ منهنجي ٿلهي فائيل ۾ اها درخواست بہ لڳل هئي. ڪمشنر اها درخواست پڙهي ماڪي چيو: ”توسان انصاف نہ ٿيو آ، تنهنجو ڪيس

وري هلندو.“ مان ڪيس چيو: ”منهنجو ڪيس ڪنهن ٻئي ضلعي ۾ موڪليو. لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر منهنجو دشمن آ.“ چيائين: ”تون فڪر نہ ڪر، هاڻ توسان انصاف ٿيندو“.
مانکي ڪچو ڪري (سزا ختم ڪري) وري لاڙڪاڻي موڪليو ويو. ماڪي وري جرڳي ۾ پيش ڪيو ويو. هاڻ جرڳو ساڳو ڪونہ هو. هن جرڳي ۾ شهدادڪوٽ جو ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ٻيا ماڻهو هئا. ڪيس ٻيهر هليو. سچو ڪيس منهنجي فائدي ۾ بيٺو. مان جرڳي کي چيو تہ پنهل کي چئو تہ پنهل جي سوٽ فيض محمد کي سڏائي، قران پاڪ ڏيو، مان ڪانئس آڏي، پڇا ڪرڻ ٿو گهران“.
ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ جرڳي جي ٻين ميمبرن ماکي جهليو تہ قرآن نہ ڏي ڪيس تنهنجي فائدي ۾ آ. قرآن تي جيڪڏهن هن تنهنجي خلاف ڳالهايو تہ توکي نقصان رسندو پر مان نہ مڙيس مان چيو: ”هن کي قرآن کڻايو، پوءِ جيڪو ٿيندو ماکي قبول آ“.
نيٺ فيض محمد کي سڏايو ويو. ڪيس مٿي تي قرآن کڻايو ويو. مان ڪانئس پڇيو ”فيض محمد تنهنجي مٿي تي قرآن آ. تون ٻڌاءِ تہ جيڏيءَ مهل هوت جو قتل ٿيو تون ۽ پنهل ڪاٿي هئا؟“ هن چيو ”مان قرآن کڻي ڪوڙ نہ ڳالهائيندم. انهيءَ وقت اسين پنهنجي گهر ۾ هئاسين“. ”پوءِ ڇا ٿيو“؟ مان سوال ڪيو. چيائين ”پوءِ مان ۽ پنهل هوت جي گهر آياسين. هوت جي گهر هوت جي ڪٽ وٽ زالن رنو ويئي“. مان پڇيو: ”انهيءَ وقت محمد بخش ڪوري هو.“ چيائين: ”نہ. هو پنهنجي ڳوٺ هو. پوءِ جڏهن خبر پيس تہ ٻين سان گڏ ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ آيو.“ مان پڇيومانس: ”پلا اوهان ڪنهن کي پڇندي ڏٺو“؟ چيائين ”نہ“. پڇيم؟ ”پنهل بہ توسان گڏ هيو“؟ هن چيو ”ها“.
انهيءَ وقت ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ جرڳي جي ٻين ميمبرن ماکي چيو تہ ”ميرا تون ڪيس کٽي وئين.“ ڊپٽي ماکي ٻي ڏوهي نهرائي ڪيس ڪليڪٽر کي لاڙڪاڻي موڪلي ڇڏيو.
هوڏانهن پنهل کي اچي سر سان لڳي تہ ميرو نڪتو تہ ماکي جيئرو ڪونہ ڇڏيندو. هو پهنجي ٻارن ٻچن کي وٺي پرسان وارن ٻين زميندارن ٻانهون خان ۽ تنيو ۽ پيرل جت وٽ ويو ۽ روئي ڪين عرض ڪيائين تہ ”جيڪڏهن ميرو نڪتو تہ ماکي ۽ منهنجي ٻارن ٻچن کي جيئرو نہ ڇڏيندو. ڪوشش ڪري هن کي نڪرڻ نہ ڏيو“.
اهي ٻئي زميندار ڪليڪٽر وٽ ويا ۽ هن کي چيائون ”ميروئي ڏوهي آ، هن کي نہ ڇڏيو.“ ڪليڪٽر چيو: ”پر شاهديون ڪير ڏيندو تہ ميرو ئي ڏوهي آ.“ هنن چيو ”اسين ڏينداسين“. ٻئي پاسي پنهل جيئن ٻڌو اتم تہ ڪليڪٽر کي ڏهہ هزار رپيا رشوت ڏني. ڪليڪٽر وري منهنجو ڪيس ڊپٽي ڪليڪٽر کي موڪليو ۽ اهو بہ چيائين تہ: ”ٻيا بہ ٻہ شاهد هلندا. خون ميري ڪيو آ. ڪيس سزا ضرور ايندي“.

جرڳي جا ساڀيا ميمبر هئا. ساڀيو ڪليڪٽر هو. ٻانهو خان ۽ پيرل جت شاهدي ڏيڻ پهتا. پيرل پنهنجي شاهديءَ ۾ چيو مرڻ کان ڪجھ ڏينهن اڳ هوت اسان وٽ آيو هو. هن ماڪي چيو هو ”ميري ماڪي چيو آ تہ مان توکي ماريندم. سو ميرو ماڪي ماريندو. ماڪي بچايو“. انهيءَ جي ٻئي ٽئين ڏينهن شهدادڪوٽ ۾ ميرو ماڪي مليو. مان ڪيس چيو: ”هوت مان وٽ دانهين ٿي آيو هو. تون چو ٿو هن کي تنگ ڪرين.“ تہ هن ماڪي چيو ”مان هوت کي ضرور ماريندم ۽ انهيءَ جي ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ خبر پئي تہ هوت مارجي ويو“.

ڊپٽي ڪليڪٽر ماڪي چيو .تون هن کان ڪجھ پڇڻ چاهين ٿو.“ مان چيو ”ها“. مان پيرل کان پڇيو: ”هوت جو توکي چيو تہ ميرو ماڪي مارندو تہ تو ڪنهن زميندار کي چيو تہ هنن جو فيصلو ڪرائي“؟ هن جواب ڏنو: ”نہ“ مان پڇيم: ”ڀلا تونکي جي خبر هئي تہ مان هوت کي مارڻ ٿو گهران تہ تو پوليس ۾ رپورٽ لکرائي“؟ هن جواب ڏنو ”نہ“. مان وري پڇيم ”ڀلا ايترو وقت اهو ڪيس هلندو رهيو آ. تون ڪنهن سان اها ڳالھ ڪئي؟ “ چيائين ”نہ“. مان ڊپٽي ڪليڪٽر کي چيو: ”بس ماڪي وڌيڪ ڪجھ پڇڻو ناهي“.

ٻانهي خان پنهنجي بيان ۾ چيو: واردات ڪانپوءِ ميري جا پٽ پائر ۽ مامو مان وٽ آيا ۽ اچي چيائون ”ڏوھ برابر ميري اڪيلي ڪيو آ. پر اوهين وچ ۾ پئجي فيصلو ڪرايو.“ مان ٻيءَ ڏر کي سڏايو. هنن ميري وارن کان سڱ گهريو پر هنن سڱ نہ ڏنو. پئسن ڏيڻ جي آڇ ڪئي. جيڪا ٻي ڌر نہ مڃي.

ڊپٽي ڪليڪٽر ماڪي چيو: ”توکي هن کان ڪجھ پڇڻو آ.“ ٻانهي خان تنئي اهو سراسر ڪوڙ ڳالهايو هو، هاڻ مان هن کان ڇا پڇان، مان چيو نہ مان نٿو پڇڻ چاهيان.

ڊپٽي ڪليڪٽر ماڪي اڪيلائي ۾ چيو: ”ميرا اهو ثابت ٿي چڪو آ تہ تون ڏوهي ناهين. پر مانکي مٿان حڪم مليو آ تہ توکي سزا ڏني وڃي. تنهن ڪري مان مجبور آهيان توکي سزا ملندي“.

نيٺ جرڳي ماکي چوڏهن سال سزا ڏئي ڇڏي. ماڪي سينٽر جيل سکر آندو ويو. مان ڪمشنر وٽ وري اپيل ڪئي، پر هاڻ دربار علي شاھ جي بدلي ٿي وئي هئي. نئين ڪمشنر منهنجي سزا برقرار رکي.

ڪجھ وقت ماڪي سکر سينٽرل جيل ۾ رکي، حيدرآباد سينٽرل جيل اماڻي ڇڏيائون. اهو ون يونٽ جو دؤر هو. هر قيديءَ جي نہ فقط مختلف جيلن ۾ بدلي ٿيندي هئي پر جيئن تہ صوبن کي ختم ڪيو ويو هو تنهن ڪري ڪڏهن پنجاب جي جيلن ۾ قيدين کي موڪليندا هئا، ڪڏهن بلوچستان جي جيلن ۾، ڪڏهن سرحد جي جيلن ۾ ۽ اتان جا قيدي وري سنڌ جي جيلن ۾ موڪليا ويندا هئا.

ماڪي ٻه ڪڏهن بهاولپور جيل ته ڪڏهن (بلوچستان) جي جيل ۾ موڪليو ويو. ڪراچي سينٽرل جيل ۾ اماڻيائون. پوئين دفعي مان ست سال جيل ۾ رهي ويو هوم. جيلن ۾ مان ڦڏا ٻه ڪيا جهيڙا ٻه ڪيا، ماڪي جيل جي سخت ۾ سخت سزائون ڏنائون. هڪ سئو ويهه ڦٽڪا ٻه ڪاڌم، ابتو ٽنگي ڪٽيائون. برف تي سمهاريائون. پر مان مڙيس اصل ڪونه. جيئن ٿي ماريائون، تئين ٿي گار ڏنم. تنهن ڪري گذريل سزا ۾ پويون عرصو ماڪي تنگ ڪرڻ ڇڏي ڏنائون ۽ مان ٻه جيل وارن کي تنگ نه ڪيو.

اڳئين دفعي جو منهنجو (رڪارڊ) خراب رهيو هو، تنهن ڪري هن دفعي ماڪي جيل ۾ بلڪل تنگ نه ڪيائون ۽ مان ٻه ڪنهن کي ڪونه ستايو. حالانڪه هن دفعي وڏي سزا لڳي هئي، ارڙهن سال. ٽي سال ڪچو رهيم. ڪيس پي هليو پر پورو وقت سنو گذريو. بس هاڻ ڇٽڻ وارو آهيان. چاهيان ٿو ته هاڻ وقت خير سان گذري وڃيم.

# موڪلاڻي

مون ميري کان پڇيو: ”ميرا آزاد ڪڏهن ٿيندا؟“
ميري جواب ڏنو ”سائين جيڪڏهن سيلاب جي معافي (ٻوڏ جي ڏينهن ۾ قيدين کي حڪومت درياهہ جي بندن تي موڪليندي آهي ۽ هر ڏينهن پنڌيان ڪجهہ ڏينهن معافي ملندي آهي. يعني سزا گهٽبي آهي.) اچي وڃي تہ اڄ ئي ڇٽي وڃان. هاڻ دعا گهر تہ هن بند مان آزاد ٿيان“.
مون چيو: ”ميرا انشاالله توهان جلد آزاد ٿيندا.“ ڪجهہ دير خاموش رهي پوءِ مون ميري کي چيو: ”ميرا اسان جي ڪوليءَ جي مرمت ٿي رهي آهي ۽ اڄ ڪلهہ ٻئرڪ ۾ رهندو آهيان. اتي ٻيا بہ رهندا آهن. اهي سڄي رات گوڙ ڪندا آهن. مان تہ نڪو سمهي ٿو سگهان، نہ ڪجهہ لکي پڙهي ٿو سگهان“. ميري ڪجهہ دير سوچيو پوءِ چيائين: ”سائين منهنجي پرسان هڪ ڪولي خالي آ. انهيءَ پاسي ماڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونہ ٿو رهي. تون جيڪڏهن ڊپٽيءَ کي چئي هن پاسي هليو اچين تہ ڏاڍي آرام سان رهندين“.
مون ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ کي چيو: ”مان ميري جي پرسان واري ڪوليءَ ۾ رهڻ ٿو چاهيان.“ ڊپٽيءَ مون کي اجازت ڏئي ڇڏي، ۽ مان پنهنجو سامان ڪڍائي ميري جي پرسان واري ڪولي ۾ وڃي رهيس.
ٻئي ڏينهن سپرنٽينڊنٽ رائونڊ تي آيو تہ ميري کي ڏسي چيائين ”تون بہ اتي رهيل آهي ڇا؟“
ميري چيو ”ها سائين“.
سپرنٽينڊنٽ چيو: ”نہ نہ. تون پنهنجا ٽپڙ هينئر ئي هتان ڪڍ. هتي فقط طارق اشرف رهندو. تون ٻئي وارڊ ۾ وڃ“.
ميري سپرنٽينڊنٽ جي سامهون ئي پنهنجا ٽپڙ ڪنيا ۽ وڃڻ لڳو. وڃڻ وقت مون سان مليو ۽ چيائين: ”سائين تو تہ اچڻ سان ماڪي ڪوليءَ مان ئي ڪيرائي ڇڏيو“. ميري کي پنهنجي ڪولي ڇڏڻ تي ڏاڍو ڏک هو.
مون ميري کي چيو: ”تون هن ڪوليءَ مان نڪتو آهين تہ انشاالله جيل مان بہ جلد نڪرندين“.
ميري چيو ”سيد آهين. خدا تنهنجي دعا قبول ڪندو“.
ميرو صبح جو ڏهين وڳي ڪن ويو هو. مان پنهنجو سامان ناهي بن پهرن جو ماني ڪائي ستو پيو هوس تہ اوچتو پيرن تي ڪنهن جا هٿ محسوس ڪيم. اک کلي تہ جيڪو ماڻهو منهنجي سامهون بيٺو هو، ان کي پهرين نظر ۾ سڃاڻي نہ سگهيس. پر جڏهن چتائي ڏٺم

تہ سجاڻي ويس اهو ميرو هو. ڪيس جيل جا ڪپڙا ڪونہ هئا. مٿي تي پٽڪو ٻڌل هو ۽ ڪپڙا بہ خانگي پيل هئس.
مونکي ڏسي پيرين پيو ۽ پوءِ هٿ ٻڌي چيائين: ”سائين اوهان صبح چيو هو هن ڪوليءَ مان نڪتو آهين تہ جيل مان بہ جلد نڪرندين. واقعي مان هن ڪوليءَ مان نڪتم تہ جيل مان بہ نڪران پيو. ماڪي آزاد ڪن پيا. اوهان ڪان موڪلائڻ آيو آهيان“.
مان ٽپ ڏئي اٿيس ۽ ميري سان ڀاڪر پائي مليس. ڪيس ڀاڪر پائيندي منهنجي اکين مان ڳوڙها نڪتا. مونکي ميري جي آزاديءَ جي خوشي بہ هئي ۽ ڪانئس جدا ٿيڻ جو ڏک بہ هو.
مان اڳ ۾ هڪ مهينو ارڙهن ڏينهن جيل ۾ رهي ويو هوس. انهيءَ ڪانپوءِ ٻاويهہ مهينا جيل ۾ هوس، پر پنهنجي اڳيان ڪوبہ اهڙو قيدي آزاد نہ ٿيو، جيڪو سترهن سال جيل ۾ يڪو رهي آزاد ٿيو هجي. ميرو پهريون خوش قسمت قيدي هو جيڪو ايڏي وڏي سزا ڪاٽي نڪتو هو.
ميرو ويو هليو. مونکي جوابدار اچي ٻڌايو تہ ميري جيل ڪان ٻاهر نڪري جيل جي ڦاٽڪ وٽ بہ رڪعت نفل پڙهيا ۽ پوءِ هليو ويو.
ميري جي وڃڻ بعد مان سوچڻ لڳس: ”ميرو سترهن سال جيل ۾ گهُٽ ۽ ٻوسٽ واري فضا ۾ رهي هاڻ آزاد فضا ۾ وڃي رهيو آهي. سترهن سالن جي دنيا ڪيڏي ترقي ڪئي آهي. جڏهن ميرو سترهن سال اڳ گرفتار ٿيو هو انهيءَ وقت ۾ ۽ هاڻي جي وقت ۾ تمام گهڻو فرق آهي. هن ملڪ ۾ ٽي دفعا حڪومتون بدليون آهن. ڇا ميري کي آزاد فضا جو ماحول اجنبي نہ لڳندو؟“.
پر پوءِ سوچيم: ”نہ. آزاد فضا جو ماحول هن کي اجنبي نہ لڳندو. آزاد فضا ۾ ڪٽي. قيد ۾ سترهن سال رهي بہ ماڻهو پاڻ کي اجنبي سمجهندو آهي، پر آزاديءَ جي هڪ گهڙيءَ ۾ بہ پنهجائپ محسوس ٿيندي آهي“.
ميري کي بہ آزاديءَ ۾ اجنبيت محسوس نہ ٿيندي. هر انسان آزاد رهڻ چاهي ٿو. اڄ ميرو آزاد ٿيو آهي، سڀاڻي اسين بہ آزاد ٿينداسين. اسين آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا آهيون. آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندا رهنداسين. انسان ڪان هميشہ لاءِ ڪوبہ آزادي ڪسي نٿو سگهي.